Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944








Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

# آليون اکيون اٽيا وار

## سرويچ سجاولي

سچائي اشاعت گهر، دڙو / حيدرآباد
2013ع

Gul Hayat Institute
سنڌ سلامت ڪتاب گهر



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## اداري پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (115) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب ”**آليون اکيون اڻيا وار**“ نامياري شاعر سرويچ سڄاوليءَ جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر** پاران 2013ع ۾ ڇاپيو ويو. لک ٿورا سائين يوسف سنڌيءَ جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## حق ۽ واسطا محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | آليون اکيون اڻيا وار |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | سرويچ سڄاولي |
| ڇاپو پهريون | : | جون 1972ع |
| ڇاپو ٻيون | : | نومبر 1997ع |
| ڇاپو ٽيون: | : | آڪٽوبر 2013ع |
| ٽائيٽل/ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | منظور احمد جوڻيجو_ زيب جوڻيجو<br>الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدرچوڪ<br>حيدرآباد 03332634650 |
| ڇپائيندڙ | : | سچائي اشاعت گهر ڏڙو 03013647468 |

Aalyon Akhiyon Anbha War (Poetry) written by: SARVECH SUJAWALI, Published by: Sachai Ishaat Ghar Daro, Sindh, Pakistan, Edition Third, October 2013.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## لڙڪن لار


- پنهنجي پاران 08
- سرويچ هڪ انقلابي شاعر: بينظير ڀٽو 11
- سوانح 12
- ليکڪ پاران 14
- ٻئي ڇاپي بابت ليکڪ جي وضاحت 17
- مهاڳ 20
- پهرين ڇاپي متعلق علي نواز وفائي جا ٻه اکر 25


## نظم


هر سونهن ۾ قدرت ته ڏس! 32
نيٽو وٽي نهرا وٽن! 35
راڻو ڳائي جيئڻ روييڻ 39
ديس جي راڻي سنڌڙي 43
چوڙيلين جا چاڳ وکيا 45
رجهي کين جتي ٿو 48
ٿي پونگا تن جا پينگ ويا 51
ماءُ اڳيان معصومڙيون 55
گوڏ گوڏن کان مٿي 57
گهوڙا ڙي سا گاهياٽي 59
جرنيلن جا پيش امام 62
کي وال کي اڏ وال ۾ 65
پٽ ڏٽيءَ ڏانهن 69
ننگي انگ نياڻيون 72
ٻَٽيون ڳوڙهن سان ڳچ....! 77
ننگ پيٽ ٻچن جي ڳالهه۔ 79




Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي


مُرڪ منجهيو پئي چپڙن ۾! 82
سگهڙالن تي ساهيڙيون 84
پارا ۽ پنهنوار 87
ڪورن آنڊن ۾ ڪُهرام 89
ڪريم سائين 91
رک ٿي ويندين رڻون 94
پڙهيم پٽّي ۽ ٻاراٽو 98
ڏسان اُن ڏيهه ۾ ڏيٽيون 100
گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون 104
اسين هڪل سان هزار ماريون 106
دودا ۽ دلاور 107
گرز ڪُهاڙي گوليءَ سان 110
وڏو پيو انقلاب اچي 115
ڪُڏي اُٿو اي ڪوڏيا 120
هاري جاڳ 124
اُها انڌير نگري ۽... 127
سنڌ جي سپوتن ڏانهن 131
هي دلبر دلبر ديس وسي 135
مارو زنده باد قلندر 140
ماهيءَ ماکيءَ جي ڪرلار 144

بيت 145
دوها 150
ڪافيون 155
وائيون 168
گيت 178
لوڪ گيت 188
لوڪ گيت (قومي جمالو) 190


Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# ارپنا

سنڌ وطن جي انهن سورن ساڙيل، ڏکن ڏاريل ڏوٿيئڙن، ماروئڙن، مانجهيئڙن، پنهنوارن سنگهارن، پائرن ۽ پينرن جي نالي جن جي جذبن، جولانن، اُڏمن ۽ اُمنگن مون کي شاعر بڻايو.

*شال قبول کن*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# پنهنجي پاران

2008ع ۾ سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران محترم سائين سرويچ سجاولي صاحب جو شعري مجموعو "ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون" ڇپائي اوهان عقيدتمندن اڳيان آندو ويو. جنهن ۾ واعدو ڪيو ويو هو ته سرويچ سجاولي اڪيڊمي پاران ٻاريل اها شمع جيستائين سسيءَ ۾ ساهه آهي، تيستائين اُجهامڻ ڪونه ڏبي ۽ انهيءَ واعدي کي وفا ڪندي 2009ع ۾ سرويچ سجاولي صاحب جي ئي فرزند نوجوان ارڏي انقلابي شاعر محترم حبيب الله سانگي سجاولي صاحب جو شعري مجموعو "ڏرتيءَ لڳن ڏاڙا" ڇپائي اوهان همدردن جي هٿن تائين پهچايو. انهن ٻنهي مجموعن ۾ منهنجي ڏنل موبائيل فون نمبر تي سڄي سنڌ مان محب ماڻهن بيحد گهڻو اسرار ڪيو ته سائين اسان کي سرويچ صاحب جو پهريون شعري مجموعو "آليون اکيون اٽيا وار" گهرجي. جنهن لاءِ جڏهن ڪتاب موجود نه هئڻ جو جواب ٿي ڏنم، ته ڪيترن ئي پائرن ايئن ٿي چيو ته سائين پلا بليڪ تي ڏيو. پر ڪتاب هئوئي ڪونه ته ڪٿان ڏيان. مون وٽ ٻه صرف هڪ ئي ڪاپي وڃي بچي هئي، جيڪا پڻ پروگرام ۾ هڪڙي سٺي دوست جي نظر تي پئجي ويئي، جنهن چيو ته ڪتاب ڪيس ڏيو پڙهي واعدي سان واپس ڪندو. جنهن کي مون گهڻوئي چيو ته پيارا صرف هڪ ڪاپي آهي، جنهن تان وري ٻيو ايڊيشن آڻيندس، تنهن ڪري اها ڪاپي نٿو ڏئي سگهان، وري نه ملندي. پر اهو دوست نه ڇڏ تي لڳو ۽ نيٺ ٻن ڏينهن ۾ موٽائڻ جي واعدي تي زبردستي ڪٽي ويو ۽ پوءِ انهن ٻن ڏينهن کي ٻه هفتا، پوءِ ٻه مهينا ۽ نيٺ ٻه سال گذري ويا، پر ڪتاب نه مليو. هاڻي مون وٽ ٻي ڪاپي هجي ته ان جو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ايڊيشن آڻيان. نيٺ ڀاءُ يوسف سنڌي مهرباني ڪئي، جنهن ڪان ڪتاب جي پهرين ايڊيشن جو تمام ضعيف ٿيل مسودو مليو جنهن کي ڪمپوز ڪرايو ۽ پوءِ پبلڪ لائبريري سجاول جي تمام ڪاهوڙي ۽ محنتي انچارج محترم حاجي عبدالعزيز مينڊرو کان ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن جي ڪاپي ملي، جنهن تان ڪتاب مڪمل ڪمپوز ڪرائي ورتو.

آليون اکيون اٽيا وار جو پهريون ايڊيشن 1972ع ۾ ڇپيو هو جيڪو صرف هڪ هفتي ۾ ئي ختم ٿي ويو جنهن بعد بقول سرويچ سائين جي ته ساڳئي ايڊيشن تحت هن ڪتاب جا به ٻيا ايڊيشن پڻ آندا ويا. جيڪي پڻ صرف هڪ مهيني ۾ ئي ختم ٿي ويا ۽ ڪتاب مارڪيٽ ۾ اڻلڀ ٿي ويو. هڪ ته هن ڪتاب ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڏکن، سورن، دردن ۽ پيڙائن جي ڀرپور منظر نگاري سمايل هئي ته ٻئي طرف هي ڪتاب ايم . اي سنڌي جي نصاب تي رکجڻ سبب بنهه انمول ۽ اڻلڀ بنجي ويو. پاڪستان جي تاريخ ۾ 1972ع ٽائين ڇپيل سنڌي ڪتابن مان هي پهريون ڪتاب هو جنهن کي پاڪستان رائٽرس گلڊ پاران محترم قيتل شفائي صاحب ان وقت ڏهه هزار روپين جي نقد انعام سان نوازيو هو جنهن وقت هن ڪتاب جي قيمت صرف 5 روپيه هئي.

ان بعد 1998ع ۾ سجاول جي نوجوان صحافي لڏو مڇارو هن ڪتاب جو آفيشلي ٻيو ۽ اڻ آفيشلي طور چوٿون ايڊيشن ڇپرايو. جيڪو پڻ جلد ئي ختم ٿي ويو ۽ هن وقت ڪٿي به ان جي ڪا هڪ به ڪاپي موجود ناهي. پنهنجي مهربان مداحن جي محبتن ۽ انهن سان ڪيل واعدي کي نڀائيندي هن ڪتاب جو آفيشلي ٽيو ۽ اڻ آفيشلي پنجون ايڊيشن ڇپرائي اوهان عقيدتمند ۽ احترام لائق سڄاڻ سائين جي هٿن ۾ پهچايو ويو آهي. هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن ۾ پهچائڻ ۾ مون صرف نظر داري ۽ نگراني ڪئي آهي، پر انهيءَ جو اصلي سهرو سنڌ جي ان باضمير، بيباڪ ۽ بهادر نياڻي توڙي ادب دوست ۽ ادب ذوق عورت ڏانهن وڃي ٿو جيڪا رشتي ۾ منهنجي روحاني ڀيڻ آهي ۽ ثقافت کاتي سنڌ جي صوبائي وزير محترمه سسئي پليجو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



صاحبه آهي. سنڌس ساٿ ۽ سهڪار سان آليون اکيون اٽيا وار جو هي ايڊيشن اوهان جي هٿن ۾ آهي. جنهن لاءِ نه صرف آئون پر سڄي سنڌ سنڌس ٿورائتي ۽ دعاگو آهي. انشاءَ الله سرويچ سجاولي اڪيڊمي جو سلسلو جاري ساري رهندو ۽ تمام جلد بلڪ جيستائين اوهان هي ڪتاب پڙهي دنگ ڪندا ته اڪيڊمي جا ڪجهه ٻيا مجموعا پڻ اوهان جي هٿن ۾ هوندا.

آخر ۾ آئون ڀاءُ مور ساگر جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ مون سان ڀرپور ساٿ ڏنو.

ساٿ سلامت۔ سنڌ سلامت

**سورج سجاولي**
چيئرمين
سرويچ سجاولي اڪيڊمي، سنڌ
**0300-3481767**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

# سرويچ هڪ انقلابي شاعر

سرويچ سجاولي سڄي ملڪ ۾ خاص طور تي سنڌ ۾ انقلابي شاعر طور سڃاتو ويندڙ شاعر آهي، جنهن جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪندي ايم. آر. ڊي جي 83ع ۽ 86ع جي تحريڪن ۾ جيل جون صعوبتون سٺيون ۽ پنهنجي انقلابي شاعريءَ ذريعي ماڻهن کي متحرڪ ڪيو ۽ آمريت دؤران ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي. جڏهن به هن ملڪ ۾ آمريت مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سجاولي پاڻ ئي ان چئلينج جو جواب ڏيڻ لاءِ متحرڪ ٿي ويندو هو جنهن ڪري سنڌين لفظ 'سجاولي' سان پنهنجو اڻ ٽٽ رشتو قائم ڪري ڇڏيو آهي.

سرويچ سجاولي هميشه آمريت پاران آزاديءَ کي دٻائڻ ۽ عوامي حقن خلاف ٺهندڙ پاليسين جي مذمت ڪندي پيپلز پارٽي ۽ قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان پاڻ نڀاهيو. سندن شعري مجموعو "آليون اکيون اٽيا وار" جمهوريت لاءِ ۽ ان جي جدوجهد وقت ماڻهن لاءِ رهنمائي ۽ جاڳرتا جو اهڃاڻ رهيو آهي.

سرويچ سجاولي جهڙا ماڻهو روز روز پيدا ناهن ٿيندا. سندس وڇوڙو سندس گهر ڀاتين سان گڏ ملڪ ۾ قوم جو ڪڏهن به پورو نه ٿيندڙ نقصان هئڻ سان گڏ پيپلز پارٽي هڪ عظيم سرمايي کان محروم ٿي ويئي آهي. اسان کيس هميشه ياد رکنداسين.

**بينظير ڀٽو**
24-10-2007





# سوانح

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو شاعريءَ جي دنيا ۾ "سرويچ سجاولي" جي نالي سان مشهور سنڌ جي لاڙ ايراضيءَ سان تعلق رکي ٿو. 14مارچ 1937ع تي ڳوٺ محمد ابراهيم تارڙي لڳ سجاول ضلعي ٺٽه ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم فقط چار درجا سنڌي آهي. پاڻ سنڌ جي عظيم عوامي شاعر حضرت مولانا حاجي احمد ملاح کان روحاني طرح متاثر ٿيو ۽ 1955ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين. پنهنجي خداداد لياقت، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندس جنون تائين محبت کيس هن وقت پوريءَ سنڌ جو عموماً ۽ لاڙ ايراضيءَ جو خصوصاً هڪ باڪمال شاعر بنائي ڇڏيو آهي. سرويچ سجاوليءَ جي شعر جي سڀ کان اعليٰ ۽ اُتم خوبي هيءَ آهي جو سندس شعر بلڪل ٺيٺ سنڌي زبان ۾ سَوَلي، سادي ۽ ڀرپور زندگيءَ سان تعلق رکندڙ لفظن ۾ چيل هوندو آهي. سرويچ، شاعريءَ جي هر صنف تي لکيو آهي. جهڙوڪ: نظم، غزل، گيت، لوڪ گيت، وايون، بيت، دوها، قطعا ۽ مثنوي وغيره. سنڌ وارن جي بدبختي چئبي جو هن مشهور عوامي شاعر جي شاعريءَ جو تمام وڏو حصو سندس گهرن کي باه لڳڻ سبب سڙي ويو جيڪو هڪ لاثاني ۽ لافاني ادب هو. سرويچ سجاولي هڪ اُهو عظيم عوامي شاعر آهي جنهن ڳوناڻي زندگيءَ جي سچي پچي تصوير نظمن، گيتن، واين، ڪافين ۽ لوڪ گيتن ۾ پيش ڪئي آهي. سندس اندازِ بيان ۾ هڪ طرف سيلاب بيپناهه واري رواني ۽ اُٿل آهي ته ٻئي طرف من موهيندڙ لفظن ۾ دلڪش ترڪيبن جو جادو سمايل آهي.

سرويچ ڏکويل ۽ زخم خورده نياڻين جو شاعر آهي. سرويچ سنڌ جي هر مظلوم ۽ ڏُکي انسان جي دل جو آواز آهي. سندس هر فن پارو ڪنهن نه ڪنهن ڏکن ڏتيءَ، نماڻيءَ ۽ سباجهيءَ نياڻيءَ جي جذبات ۽ حالات، پست

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



حاليءَ ۽ خستہ حاليءَ جي ترجماني ڪري ٿو. سنڌس شاعريءَ ۾ تڪليف ۽ تصنع نہ آهي، پر سراسر مشاهدو ۽ محسوسات آهي.

اهو معيار هڪ قادرالڪلام ۽ مشاهده نگار شاعر جو آهي. سنڌس هر نظم هڪ زنده منظر آهي، پر آهي هڪ الميہ ۽ زخم خورده شاعر جي صدا.

سرويچ پنهنجي تخلص سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. سنڌس ڪم بہ سچو ڏينهن سرويچاڻا آهن. شل نہ ڪنهن سان ڪو ظلم ٿيندي ڏسي، شل نہ ڪنهن ڏاڍي جو ڪنهن هيٺي سان ڪو هاڃو ڏسي، بس پوءِ تہ اصل ڏنڊو هٿ ۾ سر ترِيءَ تي رکي ميدان ۾ حاضر ٿي ويندو آهي. اهو نہ سوچيندو آهي تہ نتيجو ڇا نڪرندو. انهيءَ ڪري ڪيس هر وقت ڏاڍا ڏونگر ڏوراٽا پوندا آهن. پر سرويچ انهن کي ليکي ئي ڪونہ.اهائي سنڌ، اهي ئي مظلوم ماروئڙا، اها ئي ڏاڍن سان جنگ سنڌس روزمره جو شيوو آهي.

سرويچ کان جڏهن پڇيو ويو تہ توهان زندگيءَ ۾ ڪنهن کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهيو؟ تہ پاڻ چيائين تہ هونئن تہ هر عوامي ڳالهہ يا عوامي ماڻهوءَ کان متاثر آهيان، مگر جيئن تہ عوامي شاعريءَ ۾ آئون مولانا ملاح کان متاثر آهيان، ۽ عوامي راڳ ۾ ”بلبل مهراڻ“ (روبينہ قريشي) مون کي ڪافي کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. (ناشر)



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

# ليکڪ پاران

هن سنڌ وطن جا صدين کان سورن ساڙيل، ڪاڙهن ڪاڙهيل ۽ ويل ۾واڙيل وانگيئڙا.

جيئي سنڌ!

منهنجي دل جا داڻا، من جا موتي، سر جا سائين، منزل جا مٿير مانجهي!

اوهين ۽ اوهان جي هيءَ سونهن سونهاري ڌرتي ۽ هيءَ ماهيءَ ماڪيءَ جي لار کان مٺڙي زبان، اوهان جون ريتون رسمون، ميلا ملاکڙا، پرڻا مرڻا، وهاڻا وڏاڻا، قرب ڪچهريون، مال اولاد شال سدائين زنده ۽ سلامت هجن. اوهين هن ڌرتيءَ جا ڏٿي، دودا، جوڌا، جُنگ اڙينگ، گهوٽ اٺموٽ، اٺل ۽ اڻ جهل پُرين ۽ پيڙهين کان هتي جا پاڙوڪي پنهنوار، جري ۽ جونجهار سگهارا سنگهار، سدا ملوڪ ۽ من موهيندڙ ماروئڙا شال سدائين وسندا ۽ وهسندا رهو! اوهان جا شهر ۽ ڳوٺ،وسنديون ۽ ويڙها، واهڻ واهہ ۽ هي مست مهراڻ شال سدائين موجن سان مسڪرائيندو اوهان کي مسرور ۽ مالا مال ڪندو رهي. شال سدائين اوهان جون ٻاڳهيون، مارئيون، سَسُيون، سهڻيون، ناز پريون نوريون ۽ ليلائون پنهنجن چنيسرن سان چاڳ ڪنديون رهن. شال اوهان جا هي ٻلوان ٻار ڪارا ڪوجها، ڳڳا، ڪونڌر ۽ ڪٽ مست پُٽڙا پنهنجي وطن ۽ زبان تان سرن جا سودا ڪندا رهن. شال سدائين اوهان جا اهي قُبن جهڙا اڇا پٽڪا، رت رنڱيون اجرڪون، لاڪيٽيون لُنگيون، ڪنا ۽ ڪيس، سوسيون، گريبون، ٻانڊڻا، ٻگيئڙا، ڳجّ، ڪنجرا، چُنڙيون ۽ چولا هن جڳ تي پنهنجي جوت ۽ جهرمر جهومائيندا رهن.

شال سدائين توهان جا ڪيٽ، چيٽ، ڪتيون، ربيعون، ڊنيون ڊورا خوشيءَ وچان ڪِڙندا ۽ ٽِڙندا رهن. شال سدائين توهان جا راڳ، ناچ ڳيچ ڳيا، هُمرچا، هو جمالا، نڙ بيت، چنگ چڙا، ساز سُر، راڳ رهاڻيون وڏندا ۽

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ويجهندا رهن. شال سدائين توهان جون رانديون رونديون، ملهہ ٻيلهاڙا، ونجهوٽيون، لڪلڪوٽيون دائم ۽ قائم هُجن. شال سدائين توهان جا پکا پڌ، پاڙا، اڱڻ اوطاقون اُجريون ۽ آبائيتيون هجن. هي جهانگيئڙن جا جهوپا سندائين جڳمڳائيندا رهن ۽اوهين هن سنڌ ڌرتيءَ تي شاد ۽ آباد هُجو.

منهنجا سورهيہ ۽ سرويچ سانگيئڙا! منهنجي شعرن جو هي پهريون مجموعو جيڪو سال 1962ع اکان 1972ع تائين جو چيل شعرن مان چند شعرن تي مشتمل آهي "آليون اکيون، اٽيا وار" اوهان جي اڳيان آهي. منهنجا ڏکن ڏاريل ڏوٽيئڙا! آئون ڪو وڏو عالم اديب يا علامہ ڪونہ آهيان. آئون تہ بلڪل ئي هڪ اٽڄاڻ ادنيٰ ۽ هن زماني جو ستايل ۽ سورن ساڙيل سنڌي آهيان. شاعري نہ تہ ڪا منهنجي ورثي ۾ آهي ۽ نہ آئون ڪو شاعر اِبن شاعر آهيان جو ويهي ڪا اوهان اڳيان هام هڻان. آئون تہ فقط اوهان جي ۽ پنهنجي سورن، صدمن، سُهمن ڏکن ڏولان، اهنجن ايذائن، عقوبتن ۽ اذيتن جون ڳالهيون ڳايان ٿو جنهن کي توهان شاعري ڪوٺيو ٿا. بهر حال شاعري آهي يا ٻيو ڪجهہ، آئون تہ اُهو لِکندو آهيان جيڪي ڪجهہ ڏسندو آهيان. ڪتاب اوهان جي اڳيان آهي پڙهو ۽ پروڙيو. جيڪڏهن منهنجي ڪوتاهين تي ڪو قلمي قرب ڪندا تہ آئون اوهان جو ٿورائتو رهندس.

آئون اوهان سيني سنڌي ڀائرن، ڀينرن، مائرن، ڏيئرن ۽ ساٿيئڙن جو ٿورائتو آهيان جن جي سورن صدمن، ڏکن ڏولاون مون کي شاعر بنايو.

آخر ۾ آئون انهن محسنن کي بہ وسارڻ نٿو چاهيان جن مون سان هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ آخر تائين ساٿ ڏنو. بهتر ٿو سمجهان تہ انهن سڄڻن جا نانءُ بہ اوهان تائين پهچايان جيڪي هن ريت آهن:ـ

سيد بشير احمد شاهہ، سيد انور علي شاهہ ڪاظمي، محمد جعفر هيلايو، سيد نواز علي شاهہ سجاولي ۽ منصور علي عباسي. ۽ پڻ هن ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ ۽ نقل ڪرڻ ۾ جنهن ماڙهوءَ مون سان راتيون جاڳي سجاول کان ڪراچيءَ تائين پنهنجو ذهن ۽ نور نچويو، آئون انهيءَ منهنجي ننڍڙي اَدي "سوز" سجاوليءَ کي بہ وساري نٿو سگهان ۽ سندس ٿورائتو آهيان. اُن



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



سان گڏ آئون اداره "آزاد" ڪراچيءَ جو بہ شڪر گذار آهيان، جنهن جي اڻ موٽ ايڊيٽر علي نواز صاحب وفائي ۽ وفائي پريس جي تجربيڪار عملي مون سان ڇپائيءَ ۽ پروفن ۽ ڀرپور مدد ڪئي.

شال سدائين سنڌ ۽ سندس سانگي سلامت هُجن.

8 جون 1972ع

**سرويچ سجاولي**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# ڪتاب ”آليون اکيون اٽيا وار“ جي ٻي ايڊيشن بابت ڪجھ وضاحتون

هي ڪتاب سال 1972ع جي جون مهيني ۾ ڇپجي عوام اڳيان آيو. ڪتاب ۾ ڇپيل شاعري 1958ع کان 1972ع تائين لکيل ڪلامن مان ڪجھ چونڊ شعرن تي مشتمل آهي. ڇپيل ڪلامن مان ڪافي ڪلام ماهوار، هفتيوار ۽ ٽماهي رسالن ۾ به ڇپبو رهندو هو ۽ اڪثر ڪري روزانه اخبارن ۾ ڇپيل رهيو آهي. هن ٻئي ايڊيشن ڇپجڻ جو مقصد هي آهي ته ڪتاب ڇپجڻ کانپوءِ اسان جي ضلعي ۾ ئي هڪ مهيني اندر خريد ڪيو ويو. مشڪل سان ڀه اڍائي سئو ڪاپيون فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد جي بوڪ اسٽالن کي ڏنيون ويون، جيڪي به بلڪل قليل عرصي ۾ ختم ٿي ويون، پر جن جن ماڻهن وٽ ڪتاب پهتو اُنهن وڌيڪ ڪاپيون گهرائڻ لاءِ بي شمار خط لکيا پر ڪتاب نه هئڻ سبب ڪين واقف ڪيو ويو ته ڪتاب موجود نه آهي، ان ڪري اُهي مهربان ڏاڍا مايوس ٿيا ۽ پوءِ وڪرو ٿيل ڪتاب جيئن جيئن سفر ڪندو ويو، تيئن تيئن طلبگار ويا وڌندا. لڳ ڀڳ هڪ هزار کن جيترا خط مون کي ڪتاب جي حاصلات لاءِ موڪليا ويا، پر افسوس جو ڪتاب جي هڪ ڪاپي به نه هئي. خود مون وٽ به ڪتاب نه هو. ان وچ ۾ زماني جي ناسازيءَ سبب آئون به اُلجهي ويس ۽ ڪتاب بابت وڌيڪ ڇپائي لاءِ ڪو خاص اپاءُ ڪونه ورتم. اِن وچ ۾ ڪافي دوستن (جيڪي اشاعتي ادارا هلائيندا آهن) تقاضائون ڪيون ته ڪتاب جي فقط هڪ ڪاپي موڪل ته اسان وڌيڪ ايڊيشن ڪڍي عوام تائين پهچايون، پر مون وٽ خود هڪ ڪاپي به نه هئي. ان ڪري يارن کي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ٻڌايم ته هڪ ته ڪتاب جي ڪاپي نه آهي، ٻيو ته منهنجو خيال آهي ته اڻ ڇپيل ڪلام جو ٻيو مجموعو ڇپائجي، ٽيون سبب سڀ کان وڏو هي ته آئون ادبي دنيا کان ڪي قدر بد دل ٿي پيس. اُهو ان ڪري، جو هڪ ته مون کي خود ڪافي صدما پهتا، جن مان سڀ کان وڏو ۽ گهائيندڙ ۽ ڪڏهن نه وسرندڙ صدمو منهنجي نوجوان گهوٽ پٽ شهيد محمد خان سرويچ جو بي مهلو ۽ بنهه اوچتو ڪلندي ڪلندي صرف هڪ ڪلاڪ جي اندر منهنجي اکين کان سورهن ميل پري ٽريفڪ جي بي رحم حادثي ۾ مون کان جدا ٿي وڃڻ، مون کي جيئڻ کان ڪاري ڇڏيو. ان جدائي جي جهوريءَ سبب منهنجي هن باقي حياتيءَ کان دل ئي پلجي وئي آهي، ٻيو سبب هي ته ”منهنجي پيارن شاعر دوستن“ منهنجي ڪتاب کي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ڇڏيو. ايئن ڪٽي ڇٽجي ته منهنجو رڳو فوٽو وڃي ڇڏيائون، باقي سارو ڪلام پنهنجو ڪري ويا، جيڪو منهنجي روبرو پنهنجي نالي سان پڙهندا رهيا ۽ اُن مان پنهنجا ڪتاب تيار ڪري ورتائون. اهڙيءَ بي شرمائي ۽ بي ضميريءَ کان پوءِ مون خيال ڪيو ته هنن ”ادبي ڏاڙيلن“ جي دنيا ۾ ڪنهن کي جهلي، ڪنهن کي جهلبو. تنهن کان بهتر آهي ته لکڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ ئي ڇڏي ڏجن، پر اندر جي اُڌمن ۽ مسڪين ماروئڙن سان ٿيندڙ ظلمن، حاڪمن جي ڏاڍاين ۽ امڙ ڌرتيءَ سان ٿيندڙ هاڃن لوبارن جي لڇن جي لٽجڻ منهنجو لڱ لڱ لرزائي ڇڏيو. ان ڪري ڪافي ڪلام لکيو اٿم، جيڪو انشاءَ الله جلد ”ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون“ جي نالي سان منظر عام تي ايندو، جيڪو هن ڪتاب کان ٻيڻو هوندو. اهو نئين ڪلام تي مشتمل ڪتاب هن ايڊيشن جي ڇپجڻ بعد هڪ مهيني اندر اوهان محبوبن تائين پهچائبو. هن ايڊيشن لاءِ سجاول جي نوجوان صحافي تمام گهڻو اصرار ڪيو. سندس چوڻ آهي ته رب ڪري توهان اڃا ڪو وقت حيات هجو پر جي هيڏانهن هوڏانهن ته ”ادبي ڏاڙيل“ سمورو ڪتاب ٻڙڪائي ويندا ۽ اسان وٽ ثبوت طور ڪجھ به نه



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هوندو ۽ اسين سجاول واسي افسوس جا هٿ مهٽيندا رهجي ويندا سون. منهنجي پياري دل واري سجاول جي صحافي جي حڪم تي ڪتابن جي ڇپائي جو سلسلو وري جاري رکجي ٿو جنهن جو سچو سهرو هن نوجوان صحافي جي سر تي سونهي ٿو.

**سرويچ سجاولي**
31 ڊسمبر 1997ع
سرويچ نگر ضلعو ٺٽو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## سچن موتين ۾ اُملهه ماڻڪن جو پنڊار

## مهاڳ

سنڌ مُلڪ ۾ سنڌي زبان جو مشهور عوامي ۽ انقلابي شاعر جناب سرويچ سجاولي،اسان جي وطن دوست سنڌي شاعرن مان هڪ آهي. هوُ اُهي ڳالهيون ڪري ٿو جيڪي سنڌس ٻيا ساٿي شاعر گهٽ ڪندا آهن. وطن جي غدارن کان نفرت جون ڳالهيون، وطن جي ويرين سان مقابلي جون ڳالهيون، سنڌڙيءَ ڪي ڏاڍن جي ڌهڪاءَ ۽ ڦورن جي ڦُرلُٽ کان ڇڏائڻ جون ڳالهيون، مُڙسي، همت ۽ سر صدقو ڪرڻ جون ڳالهيون. سرويچ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هن دور جي تمام وڏن شاعرن کان مٿي ۽ تمام مٿي لکيو آهي. سرويچ ڪو ايترو گهڻو پڙهيل نه آهي پر سندس شعرن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو بلڪل فطرتي شاعر آهي ۽ بيشڪ ڏات ڏٺي آهي. اِهو ئي سبب آهي جو سندس شعر ۾ منظر نگاريءَ جون اوچيون اُڏارون ائين ٿيون لڳن جڻ ته ڪردار سپ ماڻهوءَ جي اڳيان موجود آهن. سرويچ ڪتابن جو ڪيڙو ۽ مطالع جو شاعر نه آهي پر هُو مشاهده جو سدا ملوڪ شاعر آهي. سندس اندازِ بيان، نازڪ خيالي ۽شيرين زبانيءَ کان ته ڪو ڪافر به انڪار نه ڪندو.ان ڪري سرويچ شاعريءَ جي دنيا ۾ پنهنجي همعصر شاعرن کان اڳتي ۽ تمام گهڻو اڳتي آهي. سنڌ جا سپ وطن دوست شاعر سنڌي عوام سان پيار جو اظهار ڪن ٿا۽ اُن جي حالت تي افسوس ڪائين ٿا ۽ اُن جي چوٽڪاري جون راهون ڳولين ٿا، پر منهجانئن برک شاعر سپ وچولي طبقي جا سفيد پوش شهرين جي ٻوليءَ ۾ سوچ رخ ۽ رويه سان شروع ٿئي ٿي.هو اڳتي وڌيا آهن. هُنن پاڻ ۾ ڦيرا آندا آهن. پنهنجي ٻوليءَ ۾ سوچ، رخ ۽ رويه کي عوام جي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن ۽ اُن ۾ ڪين ڪجهه

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ڪاميابي بہ ٿي آهي، تہ بہ هنن ۾ ٻهراڙيءَ جي نوي (90) سيڪڙو عوام جي ٻولي، سوچ، رويہ ۽ رخ ۾ ڄڻ تہ زمين آسمان جو فرق آهي. تنهن ڪري هنن جي شاعري وچولي طبقي جي مُٺ جيترن شاگردن ۽ خاص ادبي ذوق رکندڙ پڙهيل سنڌين کي سمجهہ ۾ اچي ٿي ۽ انهن کي متاثر ڪري ٿي. اُن جو نيتجو بہ سنڌ لاءِ سُنو نڪتو آهي. سنڌ جي عوام جي هڪڙي ننڍڙي طبقي ۾ سجاڳي آئي ۽ جيئي سنڌ جي تحريڪ جنم ورتو. پر اُها تحريڪ سنڌ جي عوام ۾ جڙون هٽي نہ سگهي ۽ رجعت پرست طاقتور هڪ طرف اُن تحريڪ کي سرمائيدارن جي سياست جي تابع ڪرڻ ۽ ٻئي طرف اُن کي ٽڏو ڪرڻ ۽ دٻائڻ ۾ ڪافي حدتائين ڪامياب ٿي ويون.

تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ وچولي طبقي جو اهو ننڍڙو جوشيلو تهہ جنهن ۾ احساس گهڻو ۽ سماجي شعور واجبي آهي، سو سنڌي عوام سان ملي هڪ ٽيڙ ۽ ان کي سجاڳ ڪري ميدان ۾ آڻڻ جي طاقت ۽ صلاحيت نٿو رکي.

اهڙيءَ ريت اسان جي برک وطن دوست شاعرن جي شاعري چوٽي وِچولي طبقي جي ننڍڙي دائري کان نہ پاڻ ٽپي سگهي آهي. ۽ نہ اُن شاعريءَ کان متاثر ٿيل ماڻهو ئي ٽپي سگهيا آهن. تنهن ڪري اها شاعري سنڌي عوام کان سڏي خواهہ اڻ سڏيءَ طرح تمام پري رهجي ويئي آهي.

تجربو ڏيکاري ٿو تہ سنڌي عوام کي اڄ اهڙا شاعر گهرجن جي يا تہ خود پورهيت عوام هُجن يا ٻين طبقن جا اهڙا ماڻهو هجن جي پٽائي گهوٽ وانگر سپ لڳ لاڳاپا لاهي پنهنجي طبقي جي سماجي گهيري مان مڪمل طرح نڪري پاڻ کي مڪمل طور عوام سان ملائي هڪ ڪري سگهيا هجن. جي عوام سان عوام جي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ عوام جي دل وٽان سندن دل پسند ڍنگ سان سندن ئي ڳالهہ ڪري سگهن. اهڙائي عوامي شاعر اڄ سنڌي عوام جي وڏن هُجومن کي سجاڳ ۽ بيدار ڪري سگهن ٿا ۽ عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ ميدان تيار ڪري سگهن ٿا. اسان جو هر دلعزيز محترم سرويچ سجاولي بہ اهڙو شاعر آهي. سرويچ سنڌ جي انگ اُگهاڙي ۽ پيٽ بکئي مسڪين



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ماروئڙن جو رڳو همدرد ڪونهي پر هو پاڻ پنهنجي سِر بہ اهڙين حالتن سان مقابلو ڪرڻ جو هڪ مثير ۽ مانجهي ماروئڙو آهي. سندس سَتَ نہ، پر سَت سوءَ پيڙهيون ٺٽہ ضلع جي ماڇر جي ڍنڍن ۾ ڪورن آنڊن پورهيا ڪندي، فاقا ڪڍندي، مارون کائيندي، ظلم ۽ زوراوريون، قيد ۽ بند ڪاٽيندي پوريون ٿي ويون آهن. مسڪين ۽ مظلوم سنڌي ماورئڙن تي قياس، اُنهن لاءِ اٿاهہ پيار اُنهن تي فخر سرويچ جي نس نس ۾ سمايل آهي.

”گولا جي گولن جا تن جو بہ ٿي غلام“ واري ڳالهہ وانگر سرويچ بہ اُنهن مان آهي جن لاءِ ظالم تہ ظالم پر انهن جا مظلوم بہ ظالم آهن. ظلم، ڏاڍ، نا انصافي،سرويچ لاءِ ڳنن ٻُڌل يا پري کان ڏٺل ڳالهہ نہ آهي. اهي ڳالهيون ۽ انهن خلاف اٿاهہ نفرت ۽ غصو ڪيس ماءُ پيٽان رت جي ورثي ۾ مليون آهن. مظلوم عوام جا اهڙا احساس رکندڙ اڪثر ماڻهو يا چور، ڌاڙيل ۽ خوني ٿيندا آهن، يا وري وڏن زميندارن جا ڪمدار يا پوليس جا دلال، پر سرويچ ٽيون رستو ڳولي ڪڍيو آهي. هن پنهنجو حال پنهنجن پائرن، پينرن، سوٽن يا ساٿين، ابن ڏاڏن جو حال سنڌ جي عوام اڳيان رکيو آهي. سجاول جي مارئڙن جو اهو احوال سڄيءَ سنڌ جي ڪروڙن ماروئڙن جو احوال بنجي ويو آهي.

سرويچ جي ٻولي سنڌي عوام جي پنهنجي ٻولي آهي. هيءَ اُها سورهن سينگارن واري سدا سهڻي وڏي ست، شان ڏيا واري ٻولي آهي، جيڪا ڳالهين جا ڳهير سنڌي صدين کان مجلسن جا مور، ڌراڙ ڳنوار، هاري ناري، ڪمي ڪاسبي روزانو گهرن ۾، ڪچهرين ۽ جهنگن جهرن ۾ ڳالهائيندا آهن. سندس ٻوليءَ ۾ شهرن جي بگڙيل ڪُتل ۽ بي ستيءَ ٻوليءَ واري هٿرادي پيچ گهڙ ۽ ٺاهہ زبردستيءَ واري ڪانهي. هِن ۾ زور جا ٽُنبيل جملا ۽ استعمال ڪيل پرتيءَ جا جملا ڪونهن. سرويچ جي شاعري رڳو ڪتابن تي نُور نچوئڻ جي شاعري ڪونهي، سرويچ جيڪي پاڻ پنهنجي سر ڏٺو سُٺو ۽ سمجهيو آهي تنهنجي شاعري ڪئي اٿس. سندس شاعري قدرتي پالوٺ آهي. جنهن ۾ سنڌو نديءَ وارو چوهہ ۽ جولان آهي. منجهس لڪين ۽



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ڪروڙين عوام جو ست ۽ طاقت آهي. اُن ۾ پاڻ مُرادو اثر ۽ فطري سونهن آهي. سرويچ جيڪا ڳالهه ڪئي آهي اُها مُنڍيءَ تي ٺڪ آهي.

پلا پليءَ جو جيهه ڪونهي. پر ڪي ڪي ڳالهيون سرويچ انهيءَ منزل تي چڙهيون آهن جنهن کان اڳتي وڌڻ جي ڪنهن وِرلي کي توفيق ٿيندي. مثال طور ون يونٽ بابت اسان وٽ ڪيترائي نظم ۽ شعر چيل آهن جيڪي پنهنجي جاءِ تي ڏاڍا اثرائتا آهن. پر پائوا سرويچ ڪير سڏائي؟ هوڏانهن بيا سوين نظم ۽ شعر هجن. هيڏانهن سرويچ جي نظم "چوڙيلين جا چاڳ وڪيا" جي هڪڙي سِٽ ئي سوين مڻ سون کان وڌيڪ مُلهائتي آهي. جيڪا هن ريت آهي ته:-

يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس، ڳهيڙ ڳهيون، گهر گام وڪيا!

عام طرح جنهن نظم يا غزل جا بہ ٽي بند چڱا نڪرن تہ اُن کي ڪامياب سڏبو آهي. پر سرويچ جو هر بند، هر سِٽ، هر جملو هر لفظ چڻ تہ "لاکيءَ لٽ ڪڙوليءَ جو ڏڪ آهي" هن مجموعي ۾ سرويچ جيڪي اثر، معني سونهن جا سمنڊ بند ڪيا آهن تنهنجي اُپٽار ڪرڻ يا تفصيل سان لکڻ يا سمورن شعرن جا حوالا ڏيڻ سان آئون دعويٰ سان چوندس تہ هن کان ٽيڻو ڪتاب ٿهي پوندو. جيڪڏهن ڪلام مان ٽڪرا ڏبا تہ سوال اُٿندو تہ ڪهڙا چونديان ۽ ڪهڙا ڇڏيان. آئون تہ چوندس تہ سڄو مجموعو سچن موتين ۽ املهہ ماڻڪن جو ڀنڊار آهي.

سرويچ سنئين سِڌي ڳالهه ڪري ٿو هن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ماڻهوءَ کي اول اُٿ ڪتابن جا پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. هيءَ گهر جي ڳُنڊ ۾ ڇپيل يارن دوستن کي ٻُڌائڻ يا ڪن ٿورن پڙهيل قدردانن کي مغز ۾ ويهارڻ جي شاعري ڪانهي. هيءَ هزارن، لکن، بلڪ ڪروڙن سنڌي پورهيت عوام جي انبوهن ۽ هجُومن کي ٻُڌائڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ جي شاعري آهي. سندن دل جي دانهن ۽ اندر جي اُڇل آهي. سندن مست اُڌمن ۽ اُمنگن جو اجهل چوهہ آهي. اهوئي سبب آهي جو جتي بہ سنڌي عوام جا انبوهہ گڏ هجن ۽ سرويچ پنهنجو ڪلام ٻُڌائي اُتي اهو منظر ڏسڻ ۾ ايندو جو :-



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



"انڌا ماڻهو ٻوڙا ماڻهو ماڻهو ٻُوت ٻڏل،
للڪارون للڪارون ٿي ويا، لڏي ويا ايوان"

اسان جي ويجهڙائيءَ جي شاعريءَ ۾ مولانا ملاح سنڌ جي عوام جي ٻوليءَ جي ملڪ جو بادشاهہ ٿي گذريو آهي. پر اڄ اهو ڇَٽ هن سنڌڙيءَ جي سچي سرويچ جي سرتي آهي. سرويچ ۽ سندس عوامي شاعريءَ جي واٽ تي هلندڙ شاعر ساٿين پنهنجي سفيد پوش طبقہ جي شاعر ساٿين کان گهڻو ڪجهہ سِکيو آهي. ڪين اُنهن مان اجا بہ جيڪي چڱيون ڳالهيون هٿ لڳن سي سکڻ ڪپن اها ڳالهہ تمام ضروري آهي. پر ان کان بہ وڌيڪ ضروري ڳالهہ هيءَ تہ اسانجا سفيد پوش شاعر سرويچ کان بہ عوامي شاعريءَ جا سبق سکن ۽ عوامي شاعريءَ جي راهہ وٺن انهيءَ ۾ ئي سنڌي قوم جي عوامي جدوجهد جي اجوڪي نئين ۽ مٿانهين منزل سمايل آهي. آخر ۾ آئون هِن لاڙ جي لال تي لک لک سلام چوندي هي مهاڳ ختم ڪريان ٿو.

**رسول بخش پليجو**

حيدرآباد 7-جون 1972ع

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# ٻه اکر

سنڌ جي يتيم ۽ لا وارث ٺٽي ضلعي جي جيڪڏهن تاريخ جا ورق ورايا ويندا ته ٺٽو سنڌ جي تاريخ هو ۽ سنڌ جي تاريخ ٺٽو هو. انهيءَ مردم خيز خطي ۾ اُهي اُهي عالم ۽ فاضل، عامل ۽ ڪامل، صوفي ۽ سچار، درويش ۽ دور انديش، قطب ۽ ڪرامتن جا صاحب، اهل دل، اهل نظر شاعر، اديب، تاريخ، نويس ۽ محقق پيدا ڪيا جن جو نالو اڄ ڏينهن تائين علمي، ادبي، تاريخي ۽ مذهبي دنيا ۾ روشن آهي.

هونئن به ٺٽي ضلع جو چپو چپو تاريخ جي ٻنڌارن سان ڀرپور ۽ ڀريو ڀيو آهي.

جيڪڏهن سندس سرحدن ۽ جاگرافي حدن تي نگاه ڪبي ته به تاريخ ئي تاريخ نظر ايندي. تحفته الڪرام، مقالات الشعرا، تاريخ طاهري ۽ مڪلي نامه جهڙن نادر ڪتابن جو مطالع ڪيو ويندو ته ٺٽي جو شباب آئيني وانگر صاف ۽ شفاف نظر ايندو. زماني جي تڪڙن انقلابن ٺٽي جي شباب کي پنهنجي ظالم هٿن سان اهڙو ته تباه ۽ تاراج ڪري ڇڏيو جو هن وقت سنڌ جي سمورن ضلعن مان صرف ٺٽوئي هڪ اهڙو ضلع آهي جيڪو هر لحاظ کان بلڪل پوئتيءَ پٺتي پيل آهي. مسڪين ۽ منجهيل ماڻهو جيڪي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان هميشه محروم رهندا اچن ٿا. سندن نه ڪو وارث آهي ۽ نه والي نه راکو آهي نه رکپال. اُنهن غريبن ۽ مسڪينن جو هتي بيان نه ڪجي ته بهتر آهي. انهن مٿين حالتن هوندي به هن ضلع مان هڪ درد رکندڙ انسان، جنهن جو مذهب آهي ته انسان، انسان کي انسان سمجهي پيار ڪري، هو پنهنجي ماحول کان متاثر ٿي ڪري، ضلع جي بربادي ۽ برين حالتن کي ڏسندي اُٿي پڪاريو آهي. اُهو آهي سرويچ سجاولي جنهنجو سوز آواز سنڌ جي ادبي، علمي ۽ شعر و شاعريءَ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جي دنيا ۾ ڏاڪو ڄمائيندو اڳتي وڌندو رهي ٿو.

مهينو کن ٿيندو ته سرويچ پنهنجي ڪلام جو مجموعو ڪٺي پريس ۾ آيو ۽ پنهنجي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيائين. مگر هن موتمار مهانگائيءَ ۽ ڪاغذ جي گرانيءَ جو حساب ڪيو ويو ته ڳالهه ڳري ٿي پيئي. خوشيءَ جي ڳالهه هئي جو قلندر، قلندر وٽ آيو. اِها به ڪرامت هئي. سرويچ لفظ مان صاف ظاهر آهي ته هن دور ۾ جيڪي سرن جو سودو ڪندا رهن ٿا اُنهن صاف پاڪ سودا گرن ساٿين وٽ سر ۽ سوز ڪانسواءِ ٻيا سمورا وکر وسريل هوندا آهن.

ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين هزارين سردار ۽ سرمائيدار، زردار ۽ زميندار، وڏيرا ۽ وڏ ڏٽي، قومن جا ڪاراوا ۽ راڄن جا رکپال، وڪيل ۽ واپاري، صحافي ۽ سگهڙ، اديب ۽عالم، سمجهدار ۽ سياڻا، متولي ۽ مجاور، مير ۽ پير موجود آهن، مگر هڪ اڌ کان سواءِ ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين سنڌي علم ۽ ادب ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڌريو آهي.

هونءَ به اسانجي ملڪ ۾ علم ۽ادب سان ماڻهن جو تعلق گهٽ آهي، ڇو ته اسان جي عوام جي جهالت، اهلِ ذوق جي قلت، قدردانن جي ڪمي ۽ سرمائيدارن جي بي توجهيءَ ڪري اسان جي ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. سنڌ جي امير طبقي جو علمي ۽ ادبي دنيا سان ڪو به تعلق يا وجهه واسطو ڪونه رهيو آهي. ڪامورو ڏوڪڙن ڪمائڻ ۽ پنهنجي جهنم جهڙي پيٽ کي ڀرڻ ۽ پوين لاءِ اِملاڪ گڏ ڪرڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي.

توهان ڪنهن به زردار ۽ زميندار کان علمي، ادبي، اصلاحي ۽ مذهبي ڪم لاءِ چار ڏوڪڙ گهرندا ته هن کي ڄڻ قيد جي ڪانڊ اچي وئي! باقي جيڪڏهن ڪو وقتي حاڪم ڪنهن سرمائيدار ۽ سرنديءَ واري کي شڪار لاءِ چوندو ته مڙس کي جُتي هٿ نه ايندي ۽ ڪُتا به پاڻ ڪاهي اڳ ۾ هلندو.

مگر اُن جي باوجود سنڌ، سنڌ آهي ۽ ڪيترائي مرد مولا جا پيا آهن جيڪي هروقت نيڪ ۽ چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي مُخلص دوستن جون



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



خدمتون ڪرڻ لاءِ واجهہ وجهيو ويٺا هوندا آهن. سرويچ جي همت ۽ حوصلہ افزائي ڪندي بسم الله ڪري ڪتاب جو ڪم شروع ڪيو ويو.

سرويچ ٺٽي ضلعي جي ڪيترن ئي سرمائيدارن ۽ سرندي وارن جا نالا ٿي ورتا ۽ انهن صاحبن لاءِ چيائين تہ هُو ضرور ڪتاب ڇپرائڻ ۾ مدد ڪندا.مون ڪيس چيو تہ اِنهن سمورن نالن مان صرف ٻہ سخي مرد ئي ڪافي آهن جن جو ذمو مان پاڻ تي کڻان ٿو. هڪ جناب سيد بشير احمد شاهہ صاحب ايم-پي-اي ٺٽہ ۽ ٻيو وڏيرو محمد جعفر صاحب هيلايو. اِنهن صاحبن سان منهنجي جهوني نياز مندي آهي ۽ جڏهن بہ ڪراچيءَ ۾ اچڻ ٿيندو آٿن تہ پيرو نہ ڇجندا آهن ۽ پريس ۾ ضرور ايندا آهن. ڪتاب جو ڪافي ڪم ڪيو ويو. ٻنهي صاحبن بنان ڪنهن پڇا ڳاڇا جي مجموعہ جو سمورو خرچ پاڻ تي هموار ڪيو. باقي جن ٻين صاحبن جا نالا سجاولي صاحب ٻڌايا هئا، اُنهن صاحبن متعلق مان بروقت عرض ڪيو هو تہ انهن همراهن ۾ ڪابہ اميد نہ رک. خير باقي بچيل ڪم ڪي فقير ويني مُنهن ڏنو ۽ ڪتاب تيار ٿي اوهانجي هٿن ۾ پهتو. الله تعاليٰ جناب بشير احمد شاهہ صاحب ۽ ميان محمد جعفر هيلايہ کي جزاءِ خير ڏي آمين. انهن صاحبن پنهنجي علم نوازي ۽ ادب پروريءَ جو سهڻو ثبوت ڏنو آهي. باقي مهاڳ ۽ مقدمي جو معاملو مُنجهيل هو. سرويچ کي عرض ڪيو ويو تہ ڪنهن شاعر ۽ اديب کان مقدمو لکرائي ڪٽي اچ تہ ڪم کي پورو ڪيو وڃي. پاڻ حڪم ڪيائون تہ مقدمو اوهان کي ئي لکڻو آهي. مون ڪيس عرض ڪيو تہ ادا! مان هڪ معمولي صحافي آهيان ۽ نہ وري مون کي علم عروض جي فن جي ڪا خبر ئي آهي. هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو فن آهي. مون کي مجبور ڪندي چيائين تہ وفائي، جنهن انداز ۾ تون نثر ۾ شاعري ڪندو رهين ٿو اُن جو جواب ئي ناهي. مون ڪيس عرض ڪيو تہ اها وڏي نا اِنصافي ٿيندي تہ هڪ چوٽيءَ جي شاعر جي مجموعہ تي هڪ معمولي صحافيءَ جو مقدمو اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.

بار بار حڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس عرض ڪيم تہ مهاڳ ۽ مقدمو تہ نہ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



لکي سگهندس باقي حڪم جي تعميل ڪندي بہ اکر خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. انهيءَ تي پاڻ راضي ٿيو.

فقير هميشہ ئي پنهنجي لياقت آهر اهلِ علم، اديبن شاعرن جو خادم ٿي رهندو آيو آهي، چو تہ سانير آيم تہ علم و ادب ۽ صحافت سامهون هئي. الله تعاليٰ اهڙين شخصيتن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو عطا فرمايو هو جن جي ملاقاتن لاءِ وقت جا حاڪم بہ منتظر هوندا هئا. انهن برگزيده بزرگن، متقي ۽ پرهيز گارن اهلِ علم اديبن، صحافين ۽شاعرن، جمال ۽ جلال جي صاحبن جن جي روحاني چهرن ۽ کليل پيشانين تي ٿورو گُهنج اچي ويندو هو تہ وقت جي حاڪمن جي محلاتن ۾ زلزلو پيدا ٿي پوندو هو اُنهن جي محفلن ۽ مجلسن ۾ سندن جُتين سنڌي ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي. ماڻهن کي منهنجي علمي لياقت معتلق ڪافي خوش فهمي هوندي آهي. آها انهن دوستن ۽ احبابن جي ڪرم نوازيِ آهي. سچ پچ تہ مون کي اجا هٿ ۾ قلم ڪٽڻ جي بہ صحيح شناس ڪانہ آهي. هي جيڪي ٿورو گهڻو لکپڙهہ جو ڪم ڪندو رهان ٿو اُن لاءِ منهنجي مهربان ۽ مشفق والد سائينءَ جي نوازش هوندي هئي. مون کي پنهنجي والد سائينءَ جي پيرن جي پٽيءَ جي برابر بہ پروڙ ڪانہ آهي. الله تعاليٰ منهنجي والد سائينءَ تي هزارين رحمتون عطا فرمائي جنهن جي نالي تي هي فقير هن دنيا ۾ هلندو رهي ٿو. چو تہ پنهنجي ڪابہ پوک پوکيل ڪانہ آهي. هن سڀ بزرگن جو پلايون ۽ برڪتون آهن جو انهن جي ٻڌايل تَوَ ڪلُ عَليَ الله وَ ڪَفِيَ بِاالله وَ ڪيلاً جي واعده تي زندگيءَ جون منزلون طئي ڪندو رهان ٿو.

اسانجي سرسبز سڪئي ستابي ۽ صاف پاڪ سنڌي ادب جو دامن گهٽي پاڳي ڪيترن ادبي ۽ علمي گُلن ڦُلن کان خالي رهيو آهي، ان جي باوجود ڪيترا اديب هن وقت نهايت ئي علمي، ادبي، تاريخي ۽ محققانہ مضامين سنڌ جي علم ۽ ادب جي گهٽگهرن ۽ پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهن. منهنجو پنهنجو ذاتي خيال آهي تہ سنڌي ادب ۾ جيڪو بيمثال انقلاب آيو آهي، ان جو عرصو چوڏهن سالن جو آهي ۽ ان کان اڳ بہ



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ڪافي مواد موجود هو. مگر هن وقت اسانجي اديبن ۽ اهلِ قلم حضرات جا افسانا، قصا، ڪهاڻيون ۽ شعر و شاعري ۽ ان سان گڏو گڏ نهايت بهترين علمي، ادبي، تاريخي ۽ محققانہ مضمونن جا معراج دنيا جي ڪنهن بہ قوم جي ادب کان گهٽ نہ آهن. جيڪڏهن نثر ۽ نظم جو مقابلو ڪيو ويندو تہ آئون دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ اسانجا جيڪي بہ لکندڙ آهن، تن جو چوڏهن سالن جو مواد سڀ کان مٿيرو ملوڪ ۽ اڳيرو آهي. اسانجي نثر توڙي نظم جي هڪ هڪ سِٽ سون برابر آهي. سنڌي ادب جيڪو منهنجي سامهون گذرندو رهي ٿو، اُن کي جيڪڏهن ٻين ٻولين جو لباس پهرائي پيش ڪبو تہ دنيا ۽ دنيا وارا دنگ رهجي ويندا.

سنڌ جي مشهور معروف انقلابي شاعر جناب "سرويچ" سجاوليءَ جو ڪتاب "آليون اکيون آٽيا وار" تيار ٿي علم نواز ۽ ادب پرورۃ شعر و شاعريءَ جي شيدائين جي هٿن ۾ پهچي چڪو آهي. هِن لکڻ ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونہ آهي تہ هن لاڙ جي لال ۽ اکرن جي شهنشاه پنهنجي ڪلام جي مجموعہ ۽ صاف ۽ شفاف ڪاغذ جي سيني تي جيڪا اکرن جي موتين جي جڙڪاري ڪئي آهي ان جو مثال سنڌ جي شعر و شاعري ۾ ملڻ نہ صرف مشڪل بلڪ ناممڪن آهي.

سرسبز ۽ سدا سهڻي سنڌ ۽ سنڌي سباجهڙن جي سوز ۽ سورن جو نقشو "سرويچ" صاحب اهڙي تہ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ ائين محسوس ڪندا تہ اهي سمورا واقعا سندن اکين اڳيان ٿي گذريا آهن يا ٿيندا رهن ٿا.

سنڌ جو درد رکندڙ شاعر پنهنجي نيٽن سان جو ڪجهہ ڏسي ۽ پسي ٿو ان منظر کي پنهنجي شاعرانہ انداز ۾ اهڙي تہ بهترين ادا سان ادا ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان کي پنهنجي دل جي ڳالهہ سمجهن ٿا. "سرويچ" جي شاعريءَ ۾ ٻوناٽي ماحول جي سچي منظر ڪشي ملي ٿي ۽ ان کان سواءِ موجوده دور ۾ جيڪا اسان جي نوجوانن جي جدوجهد آهي انهن جي ڪوشش ۽ سنڌ جي سانگيئڙن جي تصوير هن نموني پيش ڪري ٿو:-



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



سنڌڙي توتان گهور ٿيان، اوسرويچن جي سرخ زمين،
توتان سِر ۽ ساهہ ڏيان، او سرويچن جي سرخ زمين،
تو ۾ اکڙيون کوليم، تو ۾ هوش سنڀاليم منهنجي ماءُ،
تنهنجي سائيءَ ڌرتيءَ مان پڙ، سُندر سُندر آيم ساءُ،
تنهنجي جذبي هيٺ جيان، او سرويچن جي سرخ زمين،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان........

ڪٿي سانگيئڙن جي سورن جي اُپٽار هن طرح ڪئي اٿس:

ڳالهيون آهن گهٽيون پر ٿو ٻڌايان مختصر،
هت غريبن جا اٿيئي، رات ڏينهان چشم تر،
بي سهارن جو ٻِلو پيٽي نڪا هت آهي پر،
پيڙهجن ٿا ظلم ۾ هت پيٽ پالها بي ثمر،
ٿا هتي ڪن موج ڏس! زردار ظالم هر گهڙي!
بيڪسن ۽ بي وسن جا ويا هتي سينا سڙي!
ٿا لڳن ڏاڙا ڌڙا ڌڙ خوب قتل عام آ،
قوم جي عصمت سندو بازار ۾ نيلام آ،
ننگ، عزت ۽ شرافت جو تہ سستو دام آ،
رهزنن لئي عيش آ اشراف بي آرام آ،
مير مارو پنهنجي گهر ۾ جان کان بيزار اڄ!
اَڏ اُگهاڙيون عورتون، سارا اُگهاڙا ٻار اڄ!
ظلم جي ٿي اِنتها، زاريون نہ ظالم ٿا ٻُڌن،
عاجزن اَيرن جون آهون هي نہ حاڪم ٿا ٻُڌن،
بي اَجهن جي هڪ نہ اڄ، بي رحم بالم ٿا ٻُڌن،
رئيس ڪامورا وڏيرا ڪين عالم ٿا ٻُڌن،
هر طرح هيٺن مٿي، هر جاءِ هاڃا حال ۾!
ويڙهيا وانگي وتن، "ڪي وال ڪي اڏ وال" ۾!

اسان کي اميد نہ بلڪ يقين آهي تہ "سرويچ" جو هي ڪتاب سنڌي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


علم ۽ ادب ۽ شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ اضافو ٿيندو ۽ پڙهندڙ پاٺيهي ويهي فيصلو ڪندا تہ سرويچ ڪيئن نہ سنڌ ۽ سنڌي سانگيئڙن جي دلجوئي، دستگيري ۽ رهنمائي ڪئي آهي.

الله تعاليٰ اسانجي اهڙن انقلابي شاعرن کي وڏيڪ توفيق ۽ طاقت عطا ڪري تہ جيئن هو پنهنجي وطن جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ قلم کان ڪم وٺندا اڳتي وڌندا رهن.

8_جون 1972ع

خادم علم

**علي نواز وفائي**

ايڊيٽر هفتيوار آزاد ڪراچي


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس

هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!
سوسن سمن جي سونهن ڏس،
ڇَهہ ڇَهہ چمن جي سونهن ڏس،
تازن ڀنن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!
ساون سلن جي سونهن ڏس،
ڪانهن ڪلن جي سونهن ڏس،
مڇين پلن جي سونهن ڏس،
پاڳين پلن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!
ولين وڻن جي سونهن ڏس،
داڻن ڪڻن جي سونهن ڏس،
”جُو“ ۾ ڏٽن جي سونهن ڏس،
ڏڙ جي ٿٽن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!
جبلن جهنگن جي سونهن ڏس،
سونن سنگن جي سونهن ڏس،
دڙين دنگن جي سونهن ڏس،
سهسين رنگن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!
بحرن برن جي سونهن ڏس،


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


كيتن كرن جي سونهن ڏس،
گهيڙن گهرن جي سونهن ڏس،
تاڪن ٿرن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

پيلن پنين جي سونهن ڏس،
دم دم دنين جي سونهن ڏس،
پپٽين پنين جي سونهن ڏس،
گهوٽن ونين جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس،

وڻ ٽڻ ولين جي سونهن ڏس،
گل ۽ ڪلين سونهن ڏس،
مترن پلين جي سونهن ڏس،
گجّن رلين جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

چارين چَمُن جي سونهن ڏس،
سُرهين نِمُن جي سونهن ڏس،
جُهڙ ڦڙ جُهمن جي سونهن ڏس،
ڪوٽين ڪُمن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

لاٽن لَيَن جي سونهن ڏس،
”جُو“ ۾ اَين جي سونهن ڏس،
مستن مين جي سونهن ڏس،
وڻ تي وهين جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

جيتن پکين جي سونهن ڏس،


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


ماڪيءَ مکين جي سونهن ڏس،
لاکن لکين جي سونهن ڏس،
ڪِن ڪِن اکين جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

اَنبن آَڪن جي سونهن ڏس،
لنگهن لڪن جي سونهن ڏس،
ٽڙ ۽ ٽڪن جي سونهن ڏس،
ڪارن ڪڪن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

چوڏهين ۾ چنڊ جي سونهن ڏس،
”نوريءَ جي ڍنڍ“ جي سونهن ڏس،
جيڏين جي جنڊ جي سونهن ڏس،
سائي سمنڊ جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

آڏين اَڏن جي سونهن ڏس،
خالن خدن جي سونهن ڏس،
قامت قدن جي سونهن ڏس،
ڪنهن ڪنهن بدن جي سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

”سرويچ“ سانوڻ سونهن ڏس،
واحد جي وڻ وڻ سونهن ڏس،
قادر جي ڪڻ ڪڻ سونهن ڏس،
داتا جي ڏڻ ڏڻ سونهن ڏس،
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

❋

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## نيٽو وٽي، نهرا وڻن

اي وطن! منهنجي عزيزن ۽ آباڻن جا وطن،
ناميارن ننگ دارن، نِت نماڻن جا وطن،
راز رس ۽ رنگ وارن، راج راڻن جا وطن،
سادڙن سانگين سپاجهن ۽ سياڻن جا وطن،
هم رفيقن حال پاين، هيج هاڻن جا وطن،
ميل ميلاپن ۽ ميلن موج ماڻن جا وطن،
اي منا محبوب! منڙن مالدارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهنجا مارو محنتي هر حال ۾ مونکي وڻن،
مَر هجن محلات ۾ مَر مال ۾ مونکي وڻن،
لاڏلن جا لاڏ لوئيءَ لال ۾ مونکي وڻن،
پرت جا پانڌي پکي ۽ پال ۾ مونکي وڻن،
سي سونهارا سانولا هر سال ۾ مونکي وڻن،
هو گُڏن پريا پرين هر ڳالهه ۾ مونکي وڻن،
قرب تن جو چا چوان اي قربدارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن! آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهن جي مارن جا ته مونکي ٿا منهَ ميرا وڻن،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

تنهن جي چوڙيلين سنديون ”ڇُلهيون وڻن چوُنرا“ وڻن،
نگهه وٽي، اُنڻ وٽي، ”نيٽو“ وٽي ”نهرا“ وڻن،
”من“ وٽي، ”ماٽي“ وٽي، ”منڏيءَ“ سندا ڦيرا وڻن،
”ڏڏّ“ ۽ ”ڏونرو“ وٽي ”مکڻ“ سندا ٽيرا وڻن،
پِس پُسيون پيرون پيون ۽ ڏٿ وٽي ڏونرا وڻن،
تنهن جي هر هڪ چيز چوکي چاڳ وارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

لاکهاٽي لوئيءَ ۾ ٽيون لال لوياريون وڻن،
چاڳ وارين جون چيڙ چوُنرن تي چيوياريون وڻن،
جيڏڙين جون پنهنجي ”جُو“ ۾ جوت جنساريون وڻن،
پلر جي پاٽيءَ تي پليل پاڪ پنهنواريون وڻن،
۽ مٿن تي تن سندي کُنيين پريل کاريون وڻن،
نينهن جن جو ننگ سان سي نازور ناريون وڻن،
ناز تن تي تو ڪريان نرمل نظارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن! آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهنجي چوڙيلين جا مونکي چيچ جا چلڙا وڻن،
وانديارين جي ته واتان ٿا ولا ولڙا وڻن،
سانگياڻين جا سُريلا سُر منا سنهڙا وڻن،
کوٽ کنگرن کان به مارُن جا چنل پکڙا وڻن،
ڳاهه ڳل ولين سان واسيل ڳهيڙ ۽ ڳسڙا وڻن،
سُنهن خدا جو ساهيڙين جي سينڌ جا سگڙا وڻن،



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ٿا وٽن مونکي تہ دم دم ”دم“ ڏنارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھہ دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنھنجي سانگين جون تہ سيندون سازءِ سُرندا وٽن،
چئوطرف چيٽن ۾ چالن جا چڙا چُرندا وٽن،
ٻول ٻنين منجھہ ٻانھيارين سندا ٻُرندا وٽن،
چوتا چوڙيلين سندا سينن مٿان سُرندا وٽن،
مشڪ ميندين ۾ مکيل اُت پؤنر ڪئين پرندا وٽن،
ھيڪ جيڏين جا ھئين ۾ حرف ھُل ھُرندا وٽن،
پيار مان توکي چمان پرين پيارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھہ دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

وانگياٽين جي تہ وارن جا ٿا وانگوڙا وٽن،
سِر مٿي سرتين جي سھٽا صاف سينھوڙا وٽن،
ٻيلھڙا ٻاگھين جي سِر تي ۽ چٽيل چوڙا وٽن،
جھانگياٽين جي ڪنن ۾ جھاٻ جھٻ جھوڙا وٽن،
۽ مٿن تي تن سندي ٿا مَڪّ جا موڙا وٽن،
تنھنجي ڳوٺن جا تہ ڳيرو ڳاڙھا ڳوڙھا وٽن،
تنھنجا ڳڻ ۽ ڳالھڙيون ڳايان ڳنوارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھہ دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

جوت جِھر ڦِر جڙيل جھانگين جي جُھ جُھ جھُ وٽي،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



گھر اڳيان گجرون مڙن گوھن جي گھُو گھُو گھُو وٽي،
ڏڻ ڏٽولين جا وٽن ڏونرن جي ڏُو ڏُو ڏُو وٽي،
راٽين جو رنگ ريٿو روپ رُو رُو رُو وٽي،
ٻَر ٻھاريا ٻون ٻني باغن جي ٻُو ٻُو ٻُو وٽي،
قرب مان قمريون ڪُڏن ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪُو وٽي،
جان ۾ جايون سندءِ او جيءَ جيارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھہ دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

ڏيھہ جا ڏوٿي وٽن ڏونرن تي ڏوٿياٽيون وٽن،
ڍٿ پاسي ڍيل جھڙيون ڍول ڍاٿياٽيون وٽن،
ڍاٿياٽين جي ھٿن ۾ موڪ مانڌاٽيون وٽن،
پيچ پنڙيءَ پِٽ تي ڪن پوڳ پاڳياٽيون وٽن،
۽ ڪٿيرين جي ھٿن ۾خوب ڪانپاٽيون وٽن،
ساٿِھہ جون سوڍيون ”سرويچ“ سانگياٽيون وٽن،
ڪوڏ مان توتي ڪڏان ڪوپن ڪنڌارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھہ دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

❃

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## راڻو ڳائي جيئن روبينه

جهولي پائي آندو مون هي جهانگيئڙن کان جو ڪجھ يار،
اُن ۾ ڪوڙ سلامن جا ۽ ان ۾ ڳڏجاڻيون گفتار،
ان ۾ ويڙهيچن جا واڙا اُن ۾ اوٺي ايل پنهوار،
ان ۾ پنهوارن جا پاڙا اُن ۾ سرها سيٺ سنگهار،
منهنجي سهڻي سنڌ وطن جا ماڻهو جهڙا موتي لال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

ڏاتي ماتين وارا ۽ هو مانڌاڻين سان مست مٿير،
چانگون چوڙيو چانپ چنن ۾ چيڪارون ڪن چيڪ چُڱير،
سانوڻ توڙي سياري ۾ سي ساٿيھ جي ڪن سار سوير،
دل جا داتا من جا موتي سِر جا سائين يار پلير،
قرب پريا ۽ قولن پورا نيڪ نماڻا نيڪ نهال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن مارتڙن جي قيل مقال!

منڙي منڙي محبوبن جي ميٺ ڪنان پيي منڙي يار،
بولي آ تن پاجهارن جي ماهيءَ ماکيءَ جي ڪرلار،
قول انهن جا جهڙو ڪارين مينهين ڪڙهيل کير نبار،
جي جي تن جون قرب ڪچهريون جوڏا جانب جان نثار،
وانگين پنهنجي ويڙهہ وطن تان گهوري ڇڏيا آل عيال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

سُهڻ سُهڻ صاف سَدورن سانگين جو مَٽ ڪونہ ڏسان،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جهوين ۾ جرنيل جري تن جهانگين جو مَٽ ڪونہ ڏسان،
ماڻهن جي ڪنهن ميڙ وڏي ۾ مانجهين جو مَٽ ڪونہ ڏسان،
سونهن صداقت صاف دليءَ ۾ سانبين جو مَٽ ڪو نہ ڏسان،
بيباڪيءَ ۾ تن سان پاڻو شينهن ببر جي ناهي مجال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

جهڙا آهن ماڻڪ مارو تهڙي تن جي ڏيل زمين،
پيدا ٿيا ڪئين تنهنجي پيٽان عارف شاعر نيڪ امين،
سوني رُوسان سانگياڻيون جت حورن کان پڻ خوب حسين،
ڏينهن تتي ۽ مينهن وٺي تيون جوئر باجهر ٻاٽ ڏرين،
نِگهہ پران يا نهري پر ۾ ڳُڙ جون ڳڙيون تن جي ڳال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

پٽ پران يا پاٽي پر ۾ پاڳياڻيون ڪن پوڳ عجيب،
ڪاپئي ڪنهنکي قرب منجهان ڏي ڳل تي سڪرون پيڻ غريب،
ڪاپئي حال اندر جو اوري ڪاپئي پنهنجو روئي نصيب،
ڳائن وينيون لاڪيڻي جا لوڙائو سُر بيت عجيب،
ميلاپو ۽ ميل انهن جو ملڪن جي لئي آهي مثال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

پوجاڙيءَ جو پاڪ پٽن تي ڏوُ ڏوُ ڏونرن جي ڏڏڪار،
ويل وچين جي وانديارين تي وهوا واحد ڪئي وسڪار،
چپ چپ چاچر چيل چنن ۾ چولين جي تون ٻڌ چيچڪار،
مڪلي منهنجي ماءُ مٿي اچ جهڙ ڦڙ جهڙ ڦڙ ميگهہ ملهار،
دم دم وسندي وڏندي رهي هي سنڌ سلامت هوءِ شال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!
ساين سهڻين ٻنين ۾ ٻُڌ ونين جا ورلاپ الا،
اُلٽي جو ٻُڌ البيلين کان الفت جا آلاپ الا،



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



منڙو موهي مست بنائن، محبوبي ميلاپ الا،
ڏيهہ ڏٽيءَ تي ڏاڍا آهن ڏوٿين جا ڏوراپ الا،
پلپل پائن پيچ پَسهہ ۾ پرين جا هو پکڙا پال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقالا،

وو-وو-ولڙو-ولڙو وانگياٽين کان کو تہ ٻڌي،
شاهہ سچل ۽ سانوڻ جا سُر سانگياٽين کان کو تہ ٻڌي،
مورو ڍاتي-ڍاتي، مورو ڍاتياٽين کان کو تہ ٻڌي،
لولي جي للڪار "لٿي جو" لوبارين کان کو تہ ٻڌي،
گيتن جي گونجار پلوميان مست کيا ڪئين ماٺهومال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

ٻورين ٻورين ٻوناٽين جا ٻاڳين تي هو ٻاٽ ڏسو،
پيرُن ڪارڻ پنهنوارين جي سِر تي سينها پاٽ ڏسو،
گرڙن گولن گگرالن تي گوندلين جا گهاٽ ڏسو،
وڻ وڻ جهڙو "ولهو" تن کي ساهيڙيون ڪن ساٿ ڏسو،
مَنَهَنِ ماڳن جي ڏس مهندان محبوبن جا مڙيا مال!
آ تہ ٻڌايان تو کي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!

چوڙيلين جي چوڙين جا چمڪار ڏسو ڪر چوڏهين چنڊ،
ماڙيچين جي منهن تي آهي مَرمَ حيا جو منديل منڊ،
"راڻو ڳائي جيئن رويندہ" جيڏين جا تيئن ڳائن جنڊ،
کوهن تي خوشحال ڪٿيريون ڪائن خوش ٿي کير ۽ کنڊ،
مهراٽي جي ماٺهن مهندان موتيو موتي ٻئي ٻي حال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!
سنڌ اَمڙ جي سيني تي ڏس نور نظارا نيٽن ٿار،
وڻ وڻ کي ڄڻ واسي ويو ڪو واس ولاتي سان وٽجهار،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جهومي جهومي جهنگ خوشيءَ ۾ جهڙو ڪو البيلو ٻار،
جهڙو ڪو البيلو ٻار ۽ جهڙي ڪا نخريلي نار،
ٿارين تي ڄڻ ٿؤنر ٿڪون ۽ لامن تي ڄڻ لويون لال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!

گولاڙي ۾ گول پکي يا آهي گُجر جي گَج جو گُل؟
ڄاريون جهڙا ڪرکي ڄاڄي شاديءَ جو ڪن شوق شُغل،
ڪرڙن ڪنڊلا پاتا جهڙا ڦوهہ جواني جهليا ڦُل،
ٻيرين ڪيرين کهنبا اوڊيا جهاٻن واري پاتئون جُهل،
جاري هر هنڌ جهرمر جلوا، جلوا جهومر جوت جمال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!

ڪينجهر جا پُر ڪيف ڪنارا تن تان ٿيا قربان گهڻا،
"موئن" جي محبوب مٿيءَ تان حاڪم ٿيا حيران گهڻا،
"سنڌوءَ" جي پُرڪيف ڪنڌين تي ماڻهو ٿيا مستان گهڻا،
گاج ملير ۽ باران جا ٿيا عام مٿي احسان گهڻا،
"پوراليءَ" جي پاٽي تي جي پلجن تن ۾ قرب ڪمال!
آ تہ ٻڌايان توکي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!

سانگيئڙا "سِرويچ" سپيئي سرويچن جي سرخ زمين،
مارو‍ئڙا "ماهيندب" مڙيئي محبوبن جي سرخ زمين،
ساٿيئڙا سِر توڙ سپيئي سانٻيئڙن جي سرخ زمين،
ڍوليا مولهين ساڻ سونهن ۽ ڍاٿيئڙن جي سرخ زمين،
هر هڪ دودو ديس دلاور هر هڪ جي آ هٿ ۾ ڍال!
آ تہ ٻڌايان تو کي پنهنجن مارو‍ئڙن جي قيل مقال!

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## 14 آڪٽوبر 1955ع جي سانحي تي

# ڇوڙيلين جا ڇاڳ ڪيا

اي يار سڄڻ! ڇا سور سليان نت نيڻن مان وهي نير پيا،
هن ساڳئي ڏينهن سنڌين جي، ها ڪنڌن ۾ زنجير پيا،
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌين کي سئو ڇهڪ بدن ۾ چير پيا،
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌين کي ها جان جگر ۾ جهير پيا،
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌ امڙ جا عضوا عضوا عام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!

هي پنهنجن پيارن پيارن منڙن ماروئڙن جا ماڳ ڪيا،
هي مالوندن تن مانگيئڙن جا مينهون ۽ ميهاڳ ڪيا،
هي پاڳ پليرين پاڳياٽين جا پونگا پيٽيون پاڳ ڪيا،
هي چؤراهي تي چورن ويهي ”ڇوڙيلين جا ڇاڳ“ ڪيا،
هي ننگ پيارن پرين جا هت صبح ڪيا ۽ شام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۽ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!

هن ”ظالم“ کي ڪالج نہ پيئي لوپارن جي لوين جي،
هن جابر ڪٽي جُو ڇڏي يرا! جهانگيئڙن جي جوين جي،
شل لاک لهي تنهن لوپيءَ جي جنهن لاک لڄائي لوين جي،
هو پت وڃائي پاپي وينو اڳين توڙي پوين جي،
هن ڪوڙين ڪوڏين تي ڙي پائو! اَپرن جا آرام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!
هن ڪاٽي جي ڪل لاهيون اڄ جِنهن ڪاهوڙين جا ڪيٽ ڪيا،
هن موتين جهڙن ماڻهن جا يرا! چاندي هاٽا چيٽ ڪيا،





هن پنهنوارن جا پائي پائي پڌ پڪا ۽ پيٽ ڪيا،
هن لڇي لوري لوپي پنهنجا لاڪيٽا هي ليٿ ڪيا،
هن سون سريڪا سانگي پنهنجا سستي سستي دام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!

هن ”شودي“ ڏاڍا شرط، هٽي هت شهزادين جا شان ڪيا،
هن مورن جهڙين ماروئڙين جا مانيءَ تي هت مان ڪيا،
هن آس وندين تن ادين جا سپ اميدون ارمان ڪيا،
هن سنڌ وطن جا سورهيہ سانگي، اعليٰ ڪئين انسان ڪيا،
هن اَبن ڏاڏن وارا، سيئي نيشانيون نيڪام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!

هن دشمن ٻَنين ٻارن سان گڏ ٻاٻاڻن جا ٻار ڪيا،
هن ويري ونهين ويڙهيچن جا ويڙها ۽ ويچار ڪيا،
هن جوفي سان اڄ جنگ ڪريون جنهن جيڏين جا جنسار ڪيا،
هن منڪر کي اڄ مات ڪريون جنهن سنڌڙي جا سينگار ڪيا،
هن آيل ماءُ جا اڱڙا پائو اُتر اوپر عام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!

هن ساٿيہ پنهنجي جا او ساٿي سوزائتا ساز ڪيا،
هن منڙن منڙن ٻولن وارا، آلاپون آواز ڪيا،
هن نانگي نيڪ نياڻين جا هت نيزي چاڙهي ناز ڪيا،
هن روح رهاڻين ريجهن وارا روحاني رنگ راز ڪيا،
هن قرب ڪچهريون ساريون ڪيون اقرار و انجام ڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام ڪيا!
هن ريتون رسمون ساريون ڪيون، روپ ڪيا ۽ رنگ ڪيا،
هن قوم سڄيءَ جا ڪرسي خاطر، نالا نيڪيون ننگ ڪيا،
هن قوم سڄيءَ کي قيدي سمجهي، درياهہ دڙيون دنگ ڪيا،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هن ٻاجهر جوئر سارين جا ير! سونا سهڻا سنگ وڪيا،
هن غيباڻن هٿ گهوڙن وانگر گهوڙا ڙي! گگدام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هيءَ ٻولي جنهن منجهه جيجل ڏنڙي، لاڏ منجهاران لولي يار،
اُن تي پي هُن ”ويري“ سهسين وَرَ وَرَ ڏيئي ڪيڙا وار،
۽ هن سورن اندر ساڙيا پنهنجا آَپرا ابهم ٻار،
هئي، هن ناحق کان پيا سنڌي نيڻن مان نِت نائن نار،
نيڻ ٻه وهندا چو نہ ٻلا جو ناماچاريون نام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هي ”شاهہ“ ڀلي جي بيتن تي ٿيا باهين جا پڙڪاٽ ميان،
هي ”سچل“ ”لعل قلندر“ جي ٻڌ ڪافين جا ڪيهاٽ ميان،
هي ”سانوڻ“ جي نڙ بيتن تي سڻ سونٽن جا سوساٽ ميان،
هي پنهنجي ”لوڪ ادب“ تي هيڏا گولين جا گوگهاٽ ميان،
هُن پنهنجي ٻِيئن ٻيچن جا نيلام ڪيا ۽ جام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

اي! ساٿيئڙا ”سرويچ“ اُٿو هُن ”سوداگر“ جي سار ڪريون،
اي! مانجهيئڙا مهمير اُٿو هُن ”موذي“ کي مسمار ڪريون،
اي! جهانگيئڙا جرنيل اُٿو هُن ”لوڀيءَ“ کي للڪار ڪريون،
اي! سنڌيئڙا سرواڻ اُٿو هُن ”نوڳيءَ“ مان هٿ ٿار ڪريون،
هُن ”مُنڪر“ کي اڄ مات ڪريون جنهن سنڌين جا سِر عام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!
*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## رڃهي ڪين جتي ٿو!

دنيا ۾ ڏکيو ڪنهن کي، ڏسڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
ڏاڍن جو غريبن کي، ڏنپڻ سهي نہ سهگان ٿو !!
بي خوف زمانو هي خطرناڪ ويو ٿي،
هڪ رات منجهس يار، رهڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

ڪپڙي جي ٽڪر ڪاڻ، يا ماني جي ڀِڳي لئي،
معصوم نياڻين، جو روئڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
هي ٻار اگهاڙا ۽ آَگها پيٽ بکيا ڙي،
رستن تي انهن جو تہ رُلڻ سهي نہ سهگان ٿو!!

ڪنهن شرم وندي ڏيءَ جو شڪارين کان بچڻ لئي،
ليڙن ۾ گُهتون ڏيئي لِڪڻ سهي نہ سهگان ٿو!!
هن جوءِ سندو جهوپڙيءَ ۾ جوان ڏيئن سان،
سردي ۾ اڙي سائين! ڏڪڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

هن پيٽ بکايل جو اميرن جي درن تي،
سٽيي ڪنهن گرهہ لاءِ سِڪڻ سهي نہ سهگان ٿو!!
هن شهر پرئي ۾ ڪنهن رنڙيءَ جي جهڳيءَ جو،
برسات ۾ او پائو ٽمڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

هن ناز نماڻيءَ جو اگهاڙي تہ اُرهہ سان،
آني ڪَ ٽڪي لاءِ پنڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
زردار سندي ظلم سبب ٿاٽي جي اڳيان اڄ،

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ڪنهن زال اگهاڙي جو نچڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

بيمار ٻچو هنج ۾ هاري جي هنجون ماءُ،
ڳوڙهن جو ڳلن تان سو وسڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
گرميءَ ۾ ڪٽي ڳوٺيون ڪا جوءِ ويچاري،
سيني تان پگهر تنهنجي وسڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

جو ڏيج ڏکيءَ کي تہ مليو ماءُ مٽيءَ کان،
مانيءَ جي ٽڪر تي سو مٽڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
دولت جي نشي ۾ تہ ڪنهن زردار سندو ڙي،
مسڪين جي ڄاين کي تڪڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

بيمار ٻُڍو جنهن جو لڳو ماس هڏن سان،
ڪمزو انهيءَ جو تہ ڪنجهڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
راتيون ءِ سڄا ڏينهن رجهي ڪين جتي ٿو
دوزخ جي برابر سو جيئڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

مجبور ڪري ڪنهن کي ڏيئي پير نڙيءَ تي،
رشوت جا اهي نوٽ وٺڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
هيٺن جي حقن تي چو حميرن جون هلائون،
مارئي جو مٿان ڪوهہ ڪڇڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

مارن جا جتي ماڳ منهہ مال مُنيون ڙي،
غيرن جو انهيءَ جُو ۾ گهمڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
ڍاٽي ٿا گذارين جتي ڍار ڍنگهر جي،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



پڪڙن جو انهي پڙ تان پٽڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

مارن جي مقالن ۾ غزل ڏيگهہ ڪري ويو،
اشعار گُهٽي بند ڪرڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
جت قوم سگهي ساهہ لئي محتاج رهي ٿي،
اُت شعر خوشامد تي لکڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

جاڳڻ جو اَٿوَ وقت سڏي ماءُ مٺي پئي،
ساٿين جو سڄي رات سمهڻ سهي نہ سگهان ٿو!!
”سرويچ“ لکان ڪيئن نہ سنگهارن جي ڏکن تي،
ايڏو هي وڏو سور سڄڻ سهي نہ سگهان ٿو!!

## هڪ حقيقت

وات وٺيو پئي وِڄڙس تان، هڪ ٻيڏڙي ويٺي پار ڪيڍيا،
اوڏو ايندي آڪيم ان کي، بابل پنهنجي ڏي تون خبر،
ڪنڌ ڏڪائي لڙڪن سان مُنهن ڌوئيندي رُئندي هيئن چيئين،
تہ ساماٽل ڏيءَ گهر ۾ ننگي، ماري ان جي مون کي مَيَرَ.

✻



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ٿي پونگا تن جا پينگ ويا..!

هن پنهنجيءَ پاڪ پياريءَ ڌرتيءَ مانجهي مٽيادار ڇٽيا،
هن سچّل گهوٽ پٽائي جهڙا ڪامل ڪلنگيدار ڇٽيا،
هن دودي هوشو بلوءَ جهڙا جري ۽ جونجهار ڇٽيا،
هن جوڌا جوڌا جُنگ ڇٽيا هن ٻاونگ ٻاون وير ڇٽيا!!
اي ساٿي سنڌ اَمڙ جي مٿي ڪهڙا ڪهڙا مير ڇٽيا!!

اڄ سنڌ وطن جي ساري آ ۽ پنهنجي ناماچاري آ،
اڄ رت اوهانجي لائي ٻچڙا گهر گهر ۾ گلزاري آ،
هيءَ جنگ جبر سان جوٽيل پنهنجي جاري جاري جاري آ،
اڄ مارئي ٻاگهي زرقا سنڌ جي هرڪا ناري ناري آ،
اڄ اختر مائي ملوڪان ٻاڳي جهڙيون جايون ٻاڳين ۾!!
ڇا سوز سمايل آهي شاعر! پنهنجي گيتن ڪافين ۾!!

ڪجھ پنهنجن دردن سورن جي اڄ يارن سان ڪا ڳالھ ڪجي،
جو ماڻهن تي هت گذري ٿو سو اندر جو احوال ڪجي،
جو حال حبيبان آهي سو ئي ويهي پريان نال ڪجي،
هت جيئون ڪيئن ٿا سو ئي سارو عرض حقيقت حال ڪجي،
هت ڪيئن ٿو مارن ماڻهن جو بس جيئري پٽيو ماھ وڃي!!
۽ ڪيئن ٿو ساڙيو سانگين جو ير سورن ۾ هت ساھ وڃي!!

هر وک مٿي هت ويٺا آهن واڳن جيڏا وات گهٽا،
هر ڪنڌ مٿي سي قاتل ڪٽيو ويٺا آهن ڪات گهٽا،
بس ماڻهوءَ جو ڪو ماس ملي اي۽! تسبيح تي ڪن تات گهٽا،





هي هيڏو سارو ڏوکو ماڻهن سان پيا ڪن ڏينهن رات گهٽا،
ڪي ملان مارُن ماڻهن جو هت ٻيڙيون ويٺا ٻوڙين ڙي!!
هو مذهب ڪي منجهڙايو خالي هٿ جون ويٺا جوڙين ڙي!!

هت ماڻهن جو ويو ماس سُڪي ۽ رت جي تن ۾ ناهي رتي،
ٿي پونگا تن جا پينگ ويا ۽ ڌرتي تن لئي تيز تتي،
سڀ چور وڏيرا چورائي ويا تن جا پوڪيل چيٽ ڳتي،
هت مسڪينن لئي آهي سائين ڪاري ڪاري قيام مٿي،
هي ريهون ڪريو راتو ڏينها رت جا ڳوڙها روز روئن!!
هي لاڪيٽا لک بار لُڇن ۽ لڙڪن سان ٿا مُنهن ڌوئن!!

ڪو ڪنهن جو ٻچڙو ڪير ڦڙي لئي ساري ساري رات رڙي،
ڪا ڪنهنجي ڌيءُ نماڻي نُنڊڙي سورن ۾ سڀ مند سڙي،
ڪا ڪنهنجي پيٽ بکن جي ماريل بک جا ويٺي باب پڙهي،
۽ ڪن جي ساريون ساريون راتيون چُلھ تي ڪُنڙو ڪون چڙهي،
لک چير سدن چم منجھ پيا هو ڇهڪن ڪان ڏس چُور ٿيا!!
هي مورن جهڙا مارو ماڻهو مانيءَ لئي مجبور ٿيا!!

اڄ سونهن وڄايل سانگياڻين جو سورن ساڙيو ساھ الا،
ٿو پئسي پائي سير وڪامي ماروئڙن جو ماھ الا،
اڄ ويل ٻري ويو واٽن تي ۽ ويئي ويچارين واھ الا،
هو ليڙ لٽي ۽ پور ڳپي لئي ڳوٺاڻيون ٿيون ڳاھ الا،
هو مرضن ۾ هر مهل مرن ۽ درمل دارون ڪون ٿئي!!
هت هرڪو ڏاڏو هيٺن جو ٿو رونشا ڪريو رت پئي!!
ڪي پير هتي ٻگدار سڏائي پلپل ڪن پيا پاپ وڏا،
ڪي مير چباڙي ماڻهن جا ويا ڪائي رت چم ماس هڏا،
ڪي رئيس رڳوئي ماڻهن تي ڪن ڪاهون ڪوڙا ڪيس ڦڏا،



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ڪي ملان وينا مسڪينن جي لولن تي بس لاهي لڏا،
ڪو مُرشد ويٺو آهي مريدن جو اڄ سارو مال تڪي!!
ها مال تڪڻ سان گڏ ٻي ڪا موچاري پيو زال تڪي!!

ڪن ٽرڙن ڪامورن جي هٿ پئي لوڪ سڄي ۾ لانگ لڳي،
هٿ رشوت جي اي راڪا پاءُ پڙ پڙ ڪريو باھ ڏڳي،
هٿ مسڪينن اڄ ماڻهن کي آ نوڳين چڙهيو خوب ٿڳي،
هن پنهنجن وانگين ويڙهيچن سان ورڏيو ويري روز وڳي،
اڄ ڏانهن جو ڪو داد نہ ٿئي بس ڏاڍو آ انڌير هتي!!
هن بيداديءَ ير نگريءَ ۾ آ هيڻن جو چڙهُ ڪير هتي!!

هٿ چور وڏيرا ڪامورا بس ٿيئي جهڙا پاءُ سڳا،
ٿا مسڪينن کي ماريو ڦريو پائن عمدا ويس وڳا،
ڪن ٻنيون ونيون پيليون ۽ ڪي ڪاهي ويا سڀ ڍور ڍڳا،
اڄ لوبارن جي لڄ لٽڻ لئي لاهي پاهي لُنب لڳا،
هي هيڏو سارو ويل ٿئي هٿ وانگين سان هر ويل ميان!!
جي حّق گهرن اڄ تن جي لاءِ سوريون سختيون جيل ميان!!

اڄ جهانگيئڙن جي جوين کي آ گج چنل ۽ گوڏ ٻڏل،
اڄ سانگياڻين جا سَندَ سڪي ويا سيرون چم ۾ سيندَ سڪل،
ٿو لوڪ مٿانئن ٿوڪ ڪري آ هو هو جي هر پار هڪل،
هر سّج نئين ٿئي ناحق تن سان نيرانيون ۽ نيڻ پنل،
اڄ اهڙن ڏيئن جي ڪو ڪريون دردن جو درمان ميان!!
جيئن مانيءَ تي وڪجن نہ ڪڏهن هِت ماروئڙين جا مان ميان!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هي پنهنجن منڙن مارُن هيڻن جا حالات ڏسو
هيءَ هيڏي سانگين جي اڄ سِر تي سورن جي سڪرات ڏسو
هيءَ هيڏي بيمارين جي تن جي پونگن تي برسات ڏسو
هي هيڏا ويرين جا اڄ تن تي واڳن وانگر وات ڏسو
هو واچوڙن جيئن ويڙهي ويا اڄ وانگيءَ وانگيءَ وانگيءَ کي!!
پر ڪيئن نہ ڏاڍن آهي ڪُنو هن قوم نڌڪيءَ نانگيءَ کي!!

هي ماڙين جهڳين جي هٿ جيسين جاري رهندي جنگ ميان،
هٿ ڏاڍا هيڻن کي پيا جيستائين هٽندا ڏنگ ميان،
هي دولت جو آ جيسيتائين اونڌو اُبتو ڍنگ ميان،
بس تيسيتائين ڪنگالن جي گهر ۾ رڙندا ڪنگ ميان،
سڀ ٻار سندن بيمار بکيا ۽ جاهل رهندا رهندا پيا!!
هو آني اڌ لئي رستن تي رت روئيندا رلندا پنندا پيا!!

اڄ نندن مان بيدار ٿيو اي! مِلُن جا مزدور اٿو
اي هاريو! پنهنجا حق وٺڻ لئي پيڙا ٿي پرپور اٿو
اي جوان اٿو! ۽ ٻار اٿو! سڀ پوڙها پوڙها جهور اٿو
۽ ظالم کي اڄ زير ڪرڻ لئي ڪوڙ ڪٽي انبور اٿو
اڄ سنيري سڀ ”سرويچ“ اٿو! اڙٻنگ اٿو اڻ موٽ اٿو!!
۽ ڏاڍن کي اڄ ڏارڻ لاءِ ڪونڌر ڪونڌر گهوٽ اٿو!!

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گوڏ گوڏن ڪان متّي..!

ديس وارن جي ڏکن ڪان، دل تي غم آلام ٿيو
بي سُکو ٿيو بُت سڄو ۽ روح بي آرام ٿيو!
حال پائي، حال ۾ تون، هاءِ! هاجان هو ته ڏس،
ماءُ سڳيءَ جي هنج ۾ ڪونڌر ڪلهو قتلام ٿيو!

ڪيئن سانگي سُک سُمهن ۽ ڪيئن رهي ست سيل تن،
گهيري گُرگن جي ۾ ڏس! گهوڙا ڙڪي!! هر هڪ گام ٿيو!
ڪين ڪنهنجو ڪجهه بگاڙي ڪين ڪنهنجيءَ ۾ ڪٿهن
پوءِ به ساري ڏيهه ۾ مسڪين ڏس! بدنام ٿيو!

زهر جا ڍُڪ تي پياري هيءَ به ڪا يرا! زندگي،
جانبوا جي سچ پچو جيئڻ براءِ نام ٿيو!
ڏينهن گذرن ڏسڪندي ۽ رت روئي راتيون غريب،
گوندرن ۾ گهوٽجي ويچارڙو گمنام ٿيو!

وقت تنهن سان ووئي ووئي!! ويل واويلا ڪيا،
چُور تنهنجو سور ڪان هرهڪ ادا!! اندام ٿيو!
هر هٽي جنهن رات ڏينهان رت ولوڙي آن ڏنو
بُک، بيمارين ۽ اوگهڙ اُن سندو انعام ٿيو!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



”گوڏ گوڏن ڪان متي“ سِر، پير ۽ پنڙا ننگا،
الله! الله!! آدميءَ جو ڏس ته ڇا انجام ٿيو!
چند ڪوڏين تي ٿو وڪڻي پيءُ پياري ڌيءَ کي،
هاءِ انسان جو الا! ڪيڏو نه ستو دام ٿيو!

پيٽ ۽ پوتيءَ جي فڪرن ۾ ته سوچيندي سدا،
ڪو مريضِ سلهه ٿيو ڪنهن کي ڏسو سرسام ٿيو!
پائي پائي ڪاڻ جهوتون، ڏيندي ڏيندي ڏيهه ۾،
جهانگين جي ڏس ته جاري جَرَ اکين مان جام ٿيو!

هوءَ نياٽي نيڪ ڏس تون نيڻ جنهنجا پيا نِچن،
لپ اَٽي جي لاءِ اُن جو ننگڙو نيلام ٿيو!
ويا نياٽين کي ڪمائيندي، بَنا بيڻن ۾ پئي،
پوءِ به حاصل ڪين تن کي سُک صبح ۽ شام ٿيو!

اڄ به ڪن ٿيون آيلون لولي جي ڪاڻ ليلڙاٽ،
هر گهڙي جڻ گهر ۾ تن جي موت ۽ ماتام ٿيو!
ڪالهوانڪر وال ڪپڙي جي لئي هڪڙو پيرسن،
واهون ڏيندي ڏيندي آخر نيٺ سو ناڪام ٿيو!

قوم فاقن ۾ فنا ته به شاعرن کي ياد ڏس،
”گلبدن، گلفام ٿيو“ ساقي، صراحي، جام ٿيو!
رهزن و مڪّار قومي قاتلن جي حلق تي،
شعر هي ”سرويچ“ تنهنجو تير ٿيو صمصام ٿيو!

❊



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گهوڙا ڙي ساگاهياٽي

منهنجا مُرشد گهوٽ پٽائي، منٺڙا مٺيادار لطيف،
دلڙي دم دم ساري توکي، دلبر او دلدار لطيف،
سارين ساريون راتيون توکي ساٽيهہ جا سنگهار لطيف،
ٻاتين ٻاتين ٻولين ۾ ٿا ٻاڪارون ڪن ٻار لطيف،
تنهنجي پونءَ پلاري تي، ڏس پاڳين پيليا پاڳ لطيف!
واچوڙن جي وات اچي وئي وانگيئڙن جي واڳ لطيف!

پنهنجن منٺڙن مارُن جا هٿ موڏين ڪاڏا مال لطيف،
سانگين ڏاڍا سور سٺا سچ! سارا سارا سال لطيف،
نياڻين لئي ٿيا نيئر هنڙي، ڪاريون ڪوٺيون ڪال لطيف،
جيلن ۾ ويا جام جلي هٿ مائن جا لک لال لطيف،
حّق گهرڻ لئي هردم تن تي، گولين جا گوگهاٽ لطيف!
”جيئي سندّ“ چون جي تن تي، سونٺن جا سوساٽ لطيف!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



مومل سومل سوڍي تنهنجي سهٽي نير وهائي سائين،
مارئي مارون ڪائي پيئي، ماروئڙن جي لائي سائين،
وڻ وڻ ڪان پيئي واٽ پڇي ۽ وانگين لئي وجهائي سائين،
ڪوٽ ڪِري ۽ جيل جُهري هي ٻيئڙا ويٺي ٻائي سائين،
ليئڙا پايو پايو آس لڳايو ويٺي آهي لطيف!
ماروئڙا هي ڪوٽ عمر جو ڄاڻ وجهندا ڍاهي لطيف!

ڏوٿين ڪي هي ڏيهہ سڄو ٿو ڏينپوءَ وانگر ڏنگ هٽي،
ويچارن جي وائي ڪن ڪي ووءِ ڙي ٿي ڪين وٽي،
ٻُٽتين ٻاهيل ٻوتاڻين جا ڪهڙا ٻُٽجن سور ٻُٽي،
موتين جهڙا ماٺهو منٺڙا ماريا آهن اَنّ ڪٽي،
ويچارن جي واهہ نہ ڪائي دانهون ڪن ڏنار لطيف!
سانگيئڙن جي سار سگهو لَهہ ساٽيهہ جا سينگار لطيف!

ڪالهہ ڏنم هڪ ڏوٿياٽي جا ويچاري هئي واهياٽي،
جهريل جهوپي ۾ پئي جنجهڪي، جهول جهليو سا جهانگياٽي،
سيندّ سُڪل ۽ سَندّ سٺيل سا سورن ساڙيل سانگياٽي،
گوڏ ٻدّل هئي تنهن ڪي گهوڙا! گهوڙا ڙي ساگاهياٽي،
وارن ۾ هئي واري تنهنجي، وَرَ ڏَيو چئي وَرِ لال لطيف!
ليڙن مان لڄ لوڪ تڪي او! لاڪيٽا لڄپال لطيف!

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

دنيا دوزخ بڻجي ويئي، پٽ جا گهوٽ پٽائي ياءُ،
ويچارن ۾ وانگي ويچارا هي کهڙو وريو واءُ،
سانگي سنبرن ڪين ڪڏهن ٿا، سهنجو سوکو سُک جو ساءُ،
هر هڪ جي اڄ دل ۾ آهن گوڏي جيڏا گهرا گهاءُ،
اٽياوار ۾ ”اڳ اگهاڙا“، آلا تن جا نيڻ لطيف!
سورن جي سنسار اندر پيا، تنهنجا سڄڻ سيڻ لطيف!

تنهنجون وايون جو بہ وساري! اهڙو بزدل ياءُ نہ ڪپي،
تنهنجا مخالف ٻار ڄٽي جا، اهڙي منڙي ماءُ نہ ڪپي،
راٽين ڪي جو رت روئاري، اهڙو رهزن راءُ نہ ڪپي،
وانگين جي جو واڙ اُڏائي، اهڙو ويري واءُ نہ ڪپي،
سانگين جا جو سور مٽائي، اهڙو اڙٻنگ آڻ لطيف!
مارو موج ملهائن، موجن ساڻ وهي مهراڻ لطيف!

پورهيت پورهئي منجهہ ٻري، پر پوءِ بہ نہ تنهنجي پوري هاءِ،
سارو ڏينهن ٿو سور چري، تہ بہ هرڪا آس اڌوري هاءِ،
سيٽڻ لئي ”سرويچ“ ادا هٽ، سچ سلڻ تي سوري هاءِ،
ماري ٿي نِت ماروئڙن کي مانيءَ جي مجبوري هاءِ،
پوريڪي لئي پٽڪي ڪنهنجي ماءُ ۾ ڪنهنجي پيڻ لطيف!
منظر اهڙا ڏسندي ڏسندي نير ٿمائن نيڻ لطيف!

❊





## جرنيلن جا پيش امام

”جي جي“ منهنجا ”هوش محّمد“ هاڪارا با همت يار،
سنڌڙي جا سرويچ سدورا مانجهي منڙا مٽيادار،
قابل ڪونڌر ڪاڪ ڏجاٽين جا تون ڪوٽ ۾ ڪلنگيدار،
پير ڇُمان آئون پلپل تنهنجا وينو پاڳارا پڳدار،
تنهنجن ٿورن جا آئون وينو ٿورا ڳايان صبح شام!
جُنگ بهادر، جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

دشمن سان تو دولهہ دلبر، وهہ واهہ جهڙي جوٽي جنگ،
دشمن جي تو داناءُ دودا! ڏرتي دهشت سان ڪئي تنگ،
ويرن ۾ وريامن وارو ويريءَ کي تو پاتو ونگ،
سِرڙو ڏيئي تو تہ بچايو سنڌياڻين جو ناڻءُ ۾ ننگ،
ڌوٽين جا ڙي ڏاڏا سائين توتي منهنجا لک سلام!
جُنگ بهادر، جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



سنڌڙي توکي سورهيہ سائين، اڄ پڻ ساريو ساريو روءِ،
آب اکين ۾ آٽيو چئي پئي هنئير جيکر ”هوشو“ هوءِ،
دشمن ماري مات ڪري ۽، داغ سمورا دل تان ڌوءِ،
وَرڙي ”هوشو“! وَرڙي ”هوشو“ ويرين ويل مچايو ووءِ،
سَڏڙا ڳريو جيجل چئي ٿي، جلدي مونڊي ور وريام!
جُنگ بهادر،جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

تنهنجي ساٿهہ وارن سهڻن سانگين سهسين سور سٺا،
جور جبر ۽ قهر سندا ٽِن ماروئڙن تي مينهن وَٺا،
ٻيدادن جي باهہ ۾ ٻرندي ٻرندي پئجي ويان ٻٺا،
ڳرڳ سندي هن ڳهاٽي ۾ ڪئين ڳلڙن جهڙا ڳهوٽ ڳٺا،
ڪاموراٽي قهر سبب هٿ ڪونڌر ٿي ويا ڪئين قتلام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

توکان پوءِ تنهنجي سنڌڙي سورن آهي ساڙي ٻاءُ،
واڳن جي ور ويچاري پئي وريا تنهن تي زهري واءُ،
غيرن ان جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي ڪيا ڳهرا ڳهاءُ،
پنهنجن پڻ آ هٿ سان ماري پنهنجي منڙي جيجل ماءُ،
ڪنڌ ڪٽون چئو ڪهڙو تنهنجي اڳيان منهنجا عالي ڄام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

”مر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ سُٺندي تنهنجو قول سڄاڻ،
ناز منجهان ڏس نڪري پيا اڄ سهسين سوڍا ۽ سرواڻ،
ساڳيائي سپ تو وارا ٿا پسجن تن ۾ اڄ اهڃاڻ،
سنڌڙي تان سِر ڪير نہ ڏيندو آهہ چيو ڇا ڏس اڳواڻ،
”جيئي سنڌ“ آ ورد وظيفو پڙهجي پيو سو صبُح شام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!





ٻالا هٽندا ٻاڪر ٻائي وڙهندا رهندا هي سپ ڳهوٽ،
ڪيرائيندا ڏينهن ڪَ ٻن ۾ ڪارا سي سپ قهري ڪوٽ،
سنڌ اَمڙ جي سينڌ سڄائڻ لاءِ مَردن ڪاڏي موٽ،
ٻوليءَ تان جي ٻرندا تن جا ٻيرا ڪيندا سين يرا! ٻوٽ،
وانگيئڙن ڪي واپس پنهنجا، ڏياريندا سين ماڳ مقام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

صدقي توتان شال ٿيون او ڪامل ڪونڌر ڪيهر شينهن،
تنهنجي نعري ساڻ اسين هت نوان لڳايون ٿا اڄ نينهن،
تربت تنهنجي تي تہ وسائينداسون محبت پريا مينهن،
ساٿيئڙا ”سرويچ“ اُٿي پيا سنڌڙي ڏينداسون يرا! ڪيئن،
ماري ماري مردودن جا ڊاهينداسين ماڳ مقام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڪي وال ڪي اَڏ وال ۾

دوست! منهنجي ديس جي توکي سڻايان ٿو خبر،
ڇا وهي ڇا واپري پيو، ڳالهه هن ڏي گوش ڪر،
ڪيئن ٿا گذرن غريبن جا هتي شام و سحر،
پر ٻڌائج ڪين ڪنهنکي پهرين مونسان قول ڪر،
چو تہ ساٿي! هت لڳي ٿو سچ چوڻ تان مچ وڏو!
تنهن ڪري آ ماٺ ۾ هن قوم جو نيڊو وڏو!

ڳالهيون آهن گهڻيون پر ٿو ٻڌايان مختصر،
هت غريبن جا اٿيئي رات ڏينها چشم تر،
بي سهارن جو ٻِلو پيٽي نڪا هت آهي پر،
پيڙهجن ٿا ظلم ۾ هت پيٽ پالها بي ثمر،
ٿا هتي ڪن موج ڏس! زردار ظالم هر گهڙي!
بيڪسن ۽ بي وسن جا ويا هتي سينا سڙي!

ٿا لڳن ڌاڙا ڌڙاڌڙ! خوب قتلِ عام آ،
قوم جي عصمت سندو بازار ۾ نيلام آ،
ننگ عزت ۽ شرافت جو بہ سستو دام آ،
رهزنن لئي عيش آ، اشراف بي آرام آ،
مير مارو پنهنجي گهر ۾ جان کان بيزار اچ!
اَڏ اَگهاڙيون عورتون؛سارا اگهاڙا ٻار اچ!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هت ٿيو هر وقت هيڻن جو تہ هيڻون حال آ،
زندگي ٿي بار پائو! ۽ جيئڻ جنجال آ،
هر جڳهہ مسڪين حيران، حال کان بي حال آ،
لڄّ ليڙون ٿي ويس، خطري ۾ جان و مال آ،
رات ڏينهان عام کي عصمت سندي فڪرات آ،
سڄّ سهنجن جو نہ سنيرن، بس! ڏکن جي رات آ،

ظالمن جي ظلم کان، انسان ٿيو برباد اچ،
هڪ بکون بيماريون ۽ بيو رڳو بيداد اچ،
ڪوس ڪارو قهر آ، هر نئون ستم ايجاد اچ،
گهر ۾ گهوڙا ويڪ ووءِ، دربدر اولاد اچ،
دانهن دعويٰ ڏُف ٿي، بس! ڪو نہ ڪو قانون آ!
قوم جو هر فرد جيئري ٿي ويو مدفون آ!

رات ڏينهان ملڪ هن ۾ راڄ رشوت جو هلي،
وڃ مَٿي آفيس ۾ بس! ٿا ڇڏن ابتو ڪَلي،
جان هڪڙي کان ڇڏائي، تان اچي ٻيو ٿو جَهلي،
هي ٽُٽي چڻ پونگ مڪڙن جي تہ تنهن پرور پَلي،
چور جيئن چوسي ڪيو تن ڪوڪلو آ قوم کي!
خوب ڪاڏو تن تہ سمجهي بي ٻِلو آ قوم کي!

اسپتالن منجهہ مريضن ڪاڻ مرهم ڪونہ آ،
هن بکِئي بيمار جو ڏس ڪنهنکي ئي غم ڪونہ آ،
ڪيئن ٿئي علاج اُن جودست ڪو دَم ڪونہ آ،
هر طرف انڌير آ، هيڏو ستم ڪٿ ڪونہ آ،
هيءَ حياتيون ڪيتريون دارون بنا ٿيون درگذر!
”ڊاڪٽر ويچارڙا“ ٿيا ڏوڪڙن لئي منتظر!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ٻار مسڪينن جا آهن بُک کان بي حال ٿيا،
پر نوابن ۽ وڏيرن جا ڪُتا خوشحال ٿيا،
قوم جو اونو نہ آهين، ڏس! ڪتن جا پال ٿيا،
لوڏ ”سوئرن“ ۽ ”رڇن“ جي جا لکي لکپال ٿيا،
بي اجها انسان ٿيا ۽ هو مُرن لئي ڪوٺ ڏس!
هو ڪُتن جي ڪنڌ ۾ تون، ساوا ڳاڙها نوٽ ڏس!

ٿي ويئي انسان جي عزّت ڪتي کان آهي گهٽ،
جانور جي پڻ نہ آ، مُردار ڪئي مخلوق مَٽ،
ڊوڙ ۾ انسان ويٺل ”باندرن“ جي لاءِ ڪٽ،
هاءِ گهوڙا چا چوان بس! دِل سڄي ٿي آهہ ڦٽ،
لوڪ جا هي حال ڏسندي، لڙڪ لڙيو ٿا پوَن!
سور سانگين جي کان سائين سينا سڙيو ٿا پون!

جي نہ آيو چيڙ تي بس! ڪو ڪٽي هڪڙي مهل،
هُت وڏيري وات ڦاڙيو، هِت وڏيريءَ جي وڦل،
ڏنڊ ٽيڻو ڊور ڍڪ ۾ ٿيو فصل کان بي دخل،
مار گاريون موڪ تنهن تي، پيا بہ ڪئين خطرا خلل،
هن خدائي فرش تي هن سان ستم بي داد آ،
سخت محنت کان بہ پوءِ، هو سدا ناشاد آ،

جي ڪنهن مسڪين کي نرمل نياڻي ٿي نصيب،
تان اميرن اُت مَچائي عشق بازي ڏس! عجيب،
غير ڏسيو ٿي لڳي غيرت گهٽي پُڻ تنهن غريب،
پر ڪري چا ٿو سگهي جت راڄ جا رهبر رقيب،
جي ڪڇي تان بي سبب ٿو جيل جو مهمان ٿئي!
مال چٽ ۽ زال گُم بس! گهر سڄو ويران ٿئي!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ظلم جي ٿي انتها، زاريون نہ ظالم ٿا ٻُڌن،
عاجزن اپرن جون آهون هي نہ حاڪم ٿا ٻڌن،
بي اَجهن جي هڪ نہ اچ، بي رحم ٻالم ٿا ٻڌن،
رئيس ڪامورا وڏيرا ڪين عالم ٿا ٻڌن،
هر طرح هيٺن مٿي، هر جاءِ هاجان حال ۾!
ويڙهيا وانگي وتن، ”ڪي وال ڪي اڌ وال“ ۾!

بس! ادا! بس هاڻ پورو درد جو ڪر داستان،
مون ۾ طاقت ناهہ جو اِڳتي ٻُڌي پيو ڪجهہ سگهان،
جو ٻڌو آهم انهيءَ آهي جلائي منهنجي جان،
مشڪلون مولا هٽائي، ملڪ وارن جي مٿان،
نظم تنهنجي سچ تہ اي ”سرويچ“ ڪيئڙو بيقرار!
ماجرا مارُن جي ٻڌندي ٿيون اکيون مون اشڪبار!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## پڻ ڏٺي ڏانهن

سلام توکي ڏين ٿا سنڌي، سڀيئي ساري پڻائي مُرشد،
سلام سان گڏ فغان بہ کن ٿا هنجون سي هاري پڻائي مُرشد،
وڏو آ مارُن مٺن کي مرضن، ڏکن بہ ڏاري پڻائي مُرشد،
ٻَپي جِي ڳِٽتيءَ چڙيو آ تن جي بدن کي ڳاري پڻائي مرشد،
ڪلهن جون ڪيهون پون ٿيون پلپل، تڪر جي ڪارڻ لطيف سائين!
وڃيو سي چنبڙن منيءَ کي جيجل، تڪر جي ڪارڻ لطيف سائين!

پٺون ٿيا مارو پڇي ۾ تن وٿ، رجهي نہ راتين سنديون کي راتيون،
چُرڻ کان چٽ ٿيا، چُلهيون اُجهاٽل، چرين جيئن جهنگ ۾ ڏين ٿا جهاتيون،
جوان ڏيئر، رلن ٿيون در در ،اتي جي لپ لئي الاڙي آتيون،
اُنهن جي حالت ڏسڻ سان هڪدم، لڳن ٿيون قلب و جگر ۾ ڪاتيون،
فڪر ۾ فاقن فنا ڪيا مارو، ڏکن کان سُڏڪن لطيف سائين!
ڪنبن ٿا قهر و ستم کان هردم، ڪڇن نہ ڪُر ڪن لطيف سائين!

هڏن تي چمڙي سُڪي ٿي ساڻي، رتي نہ رت جي بدن ۾ تن جي،
نبل جسم ۾ وسام من ۾، رهي نہ قوت هڏن ۾ تن جي،
هزار اُمنگ دلين ۾ ليڪن، وڃن ٿا رڪجي چپن ۾ تن جي،
ڪڏهن تہ ايندو پلا پڻائي؟بهار اُجڙيل چمن ۾ تن جي،
ڳڙن ٿا جن جي ڳلن تان ڳاڙها هزار ڳوڙها لطيف سائين!
جلن ٿا دوزخ مثال جڳ ۾، جوان پوڙها لطيف سائين!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اکين ۾ پاڻي، اُداس چهرا، لڳن تي ليڙون هڏن جا پڃرا،
ٻُکن جا ماريل، مريض دائم، متيون نہ سالم اَگها ۽ اَپرا،
پٺر جون مانيون ٻڏائون پيٽن،ڏکن جا ڏاريل ڏسڻ ۾ ڏٻرا،
پسڻ ۾ جهڙابنا پَسهہ جي، پُرين کان پيڙهيل پري کان پڌرا،
مٿن تي تن جي ٻرن ٿا هردم ٻبر جا ٿانڊا لطيف سائين!
چڙيا تہ ساڙي، ستمگرن ڏس! انهن جا آنڊا لطيف سائين!

خوشيءَ جو هڪڙو ڏنو نہ ڏينهن تن، غمن ۾ گذري ڄمار تن جي،
روئڻ ۾ راڙو ڪَلهن جا ڪر گل، ٻُڌن نہ ٻوڙا پڪار تن جي،
مَڏي ۾ ملڪيت مِڙئي ويا ڪائي، مَڪر سان مُنڪر مڪار تن جي،
وجهي ٿي وڏيو مناڙي! مُرشد،مٺي سا ماٺ ۾ ميار تن جي،
اسين خوشيءَ ۾ کلون نچون هو، روئڻ ۾ پورا لطيف سائين!
دکن ٿا تن جي دلين ۾ دَم دَم ڏُکن جا ڪورا لطيف سائين!

ٻڏايان حالت،اوهان کي تن جي، هينئين سان ٻُڌجو حبيب سائين!
ملينِ مُشڪل، سڪونِ پل کن، ڏکن ۾ آهن اُهي اجائين،
پچن ٿا مارو مٺا سي ائين جيئن پڇي ڪنير جي سدا نهائين،
وساري تن کي، ستا سکيا ٿي، ڪڏهن کان آهيو پڻائي آئين،
هتي ٿي کهڙي، نموني تن جي حياتي گذري لطيف سائين!
اکين مان تن جي پَسهہ اِجهوڪي اِجهو ٿو نڪري لطيف سائين!

غريب مارو غمن جا ماريل، غنين جي درجا غلام گولا،
پٺي چڊي بس! لسيءَ جي لپ ۾ رُکا سُڪل تن ملن ٿا لولا،
چنل ٽٽل تن رَلي بہ هڪ اڌ، ڪُنو ۾ دانگي پڳل ڪٿولا،
اُسن ۾ سردين چڙيا سي ساڙي، لٿو نہ اوڇڻ اَجها نہ اولا،
اَها ٿي حالت هتي جي مارن مٺن جي منٺڙا لطيف سائين!
ستايلن جا سگهو ئي سڻ تون، سڏن تي سڏڙا لطيف سائين!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


نگر نگر ۾ انڌير نگري، ڳليءَ ڳليءَ ۾ جبر آ جاري،
گهڙي گهڙي ٿا ڪنگال ڪسجن انهن سان قائم قيام ڪاري،
مري ڳري تہ بہ بکيو اگهاڙو، هتي جو هر هڪ مزور هاري،
هتي جو جيئڻ الا! او دوزخ الا! او توبهہ الا! ڙي زاري،
لڇن پڇن ۽ سڙن ٻرن هت غريب مارو لطيف سائين!
ٻڌائي ڪيڏانهن وڃن ڪُتل هي قريب مارو لطيف سائين!

هتي جا حاڪم ڪنن ڪان ٻوڙا، اکين ڪان انڌا، زبان جا ڪوتا،
چوين،سچ تان، لڳين مچ ٿو ڪڍن ٿا هڪدم وڏا اکوٽا،
گهٽي سي پاپي، وٺن ٿا رشوت، غريب کي ڏئي گهٽا مروٽا،
ڪپن ٿا تن کي خراڙ اَن جا، ٿَڳن جا ٽيلها، مکڻ جا لوٽا،
سنڌين کي هردم ستايو آ تن، ستمگرن او لطيف سائين!
ڏٽي ڪان گهر تون، دُعا تہ سي شل ٻڏي مرن او لطيف سائين!

اسان جا رهبر، وطن جا قاتل، گهڻو سي آهن ڏسڻ جي قابل،
شريف کي ڪن شڪار جهٽ پٽ، شرير سان سي سدائين شامل،
مليِن ماڻهو سندو جي ماس تہ، مچي ٿي تن جي مدام محفل،
مري جي سنڌ ۽ سنڌي تہ ڇا ٿيو! هنن کي گهرجي رنڊي ۽ بوتل،
ڪجي تہ هاڻي ڀلا ڪجي ڇا؟ ٻڌاءِ تون ئي لطيف سائين!
لکيو آ "سرويچ" جو بہ تنهن کي اگهاءِ تون ئي لطيف سائين!

*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ننگي انگ نياڻيون

غرقور غمن ۾ ٿو ڏسان قوم پياري،
قاتل جي وهي ڪنڌ مٿي جنهن جي ڪٽاري،
ڏاڍن جي ڏسان ڏيهہ ۾، هر ڏينهن ڏياري،
هيڻن جو هتي يار، ٿيو جيئڻ بہ خواري،
هت گهرج انهيءَ جي جو هجي سيٺ سگهارو!
مسڪين ۽ مفلس ڪان ڪري هرڪو ڪنارو!

مسڪين مٿي آهي، هتي مار مدامي،
غنين جي ڪري هو ٿو سدا در جي غلامي،
تہ بہ تنهن کي اُٿي ويٺي چون هو ٿا حرامي،
حرامي تہ وڏا پاڻ سندن پيءُ بہ حرامي،
خدمت جو ڪري تنهن سان هي ڪن خرٿا خسارو!
پاپين سان شريفن جو پيو آهي پنارو!

جت تيل بجاءِ ٿو وڃي پاڻي ٻري ڙي،
جيئڻ بہ جتي آهي ٿيو ڳالهہ ڳري ڙي،
معصوم لکين لال، ويا مرضن ۾ مري ڙي،
تن کي نہ ڏني ڪنهن بہ ٿلهي تيل تري ڙي،
مليو نہ مگر تن کي ڪو آنو بہ اُڌارو!
سورن ۾ لنگهي تن جو ويو سانوڻ ۽ سيارو!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



مظلوم نياڻين جو جتي ننگ وڪامي،
هر رات غريبن جي، ورنهن ۾ وهامي،
هڪ پل به پيارن تان نٿي آڳ اُجهامي،
مسڪين جتي ظلم جي آڙاهه ۾ ڪامي،
پُر پيچ خطرناڪ بڻيو وقت پيارو!
هر روز ڏسن نيڻ هي پُر درد نظارو!

هرجاءِ ڏسان جام ”ننگي انگ نياڻيون“،
وهائين ٿيون، لڪين لڙڪ هو نيڻن مان نماڻيون،
سِرجڻ ڪان سُڪي سوڪ ٿيون سورن ۾ سياڻيون،
جاڻن نه بنا روج، ٻيو راڳ ڪو راڻيون،
هر مهل ٿئي تن جو ٿو گوندر ۾ گذارو!
چانيل ٿو رهي تن جي، اوا! اڱڻ تي انڌارو!

سانگين جو ويو آهي سُڪي ساس وطن ۾،
چُڙيا پيا هلن چيڪ، ڪي راڪاس وطن ۾،
ماڻهن جو پٽي ڪِين، ڪچو ماس وطن ۾،
هر پهر اچي پاپ جي، بوُ باس وطن ۾،
هت ڦهر ستم جو نه ڪنڌي ناهه ڪنارو!
گذري ٿو غريبن جو هر ڏينهن ڏکارو!

آزاد رهون ڪين ٿا، آزاد وطن ۾،
قُرين جو ٻُڌي ڪونه ڪو فرياد وطن ۾،
دانهن جو ٿئي ڪين صفا داد وطن ۾،
ٻُڪين سان منا پاڻا! آ بغداد وطن ۾،
چا چا نه اسان ساڻ ٿيو ديس ۾ يارو!
هر حق اسانجو نه غصب ٿيو اي پيارو!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هر واٽ مٿي جام، اڄ واسينگ وطن ۾،
ڏاوا پيا هلن ڏور، جيئڻ ڪي ڏينگ وطن ۾،
مسڪين بنا نان جي مرڻينگ وطن ۾،
تن جي نه لڱن تي ڪا، ڏسان لينگ وطن ۾،
مغموم رهن مارو سندن من تي مونجهارو!
ساٿي ڙي اُتو تن جو ڪريون ڪو نه سڌارو!

مزدور ٿيو چُور ڪٽي بار پڻن تي،
انسان ڪٽي بوج ڪجي جيڪو اُنن تي،
چاچا نه ڪيو تنهن نه آ تڪرن ڙي رُکن تي،
افسوس ڪيو ترس، نه ڪنهن تنهنجي ڏکن تي،
هرسال وهي ڏاند جيان هو ٿو ويچارو!
تحقيق هي مزدور آ قومن جو سهارو!

هاري جنهن هٽي هر ڪيون آباد زمينون،
هر اوڙ اندر جنهن جو پيل خون پسينون،
نه به پيٽ ٻُڪيو تنهن جو آ منجهه سير سفينون،
ڏس خون انهيءَ جي تي ڪري عيش ڪمينون،
هيڻن جو ڪري ڪيئن نه هڙون هڙپ هچارو!
مظلوم سندي مال تي ٿيو سيٺ سگهارو!

ڪوڙر به صبح شام هٽي، ڪو نه خبر پئي،
ڏلها به مٿي سِر تي ڪٽي، ڪو نه خبر پئي،
سارين ڪي منجهان تار لُٽي، ڪو نه خبر پئي،
راتيون به بکيئي پيٽ ٽٽي،ڪو نه خبر پئي،
رڳو گوڏ گنجيءَ ۾ نه ڪري ڪير گذارو!
ڪاٽي ڪو سجي رات بنا سوڙ سيارو!



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



پوکي ۽ وري تن کي، پچائي تہ سهي کو
سرديءَ ۾ هلر رات جو ڳاهي تہ سهي کو
مزدور بنا محل هي، ناهي تہ سهي کو
ريتيءَ جون تغاريون بہ، اُٺائي تہ سهي کو
گوڏي کان وڏيءَ گپ ۾، ماري تہ کو گارو!
۽ پوءِ بہ وڃي کائي رُکو ڪٽڪ جو ڏارو!

بنجر هي زمينون بہ، کو کيڙي تہ خبر پئي،
هر سنگ جدا تنهن کي، سهيڙي تہ خبر پئي،
انبار اَنن جا بہ کو ميڙي تہ خبر پئي،
رستن تي پٿر سخت، پکيڙي تہ خبر پئي،
کُورا بہ جلائي کو صبح شام پيهارو!
ڏامر جو لڳاتار، کري کو تہ پگهارو!

ان کان بہ ڏسان پوءِ، ٿو ڏوٿين کي ڏکيو ڙي،
بت صاف اُگهاڙو ۽ سندن پيٽ بکيو ڙي،
سانگين جا پسيو سور، وڃي ساهہ سُکيو ڙي،
ديسين کي ڏسيو منهنجي وڃي دل تہ دُکيوڙي،
پوءِ چو نہ بغاوت جو وڄايان مان نغارو!
هن قهر کنان چو نہ کريان ويس مان کارو!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هر وقت وطن ۾ تہ وڏا ويل ڏسان ٿو
سچ جيکو چوي تنهن کي ئي منجهہ جيل ڏسان ٿو
سيني ۾ لڳل تنهنجي سوين سيل ڏسان ٿو
هر روز منا پاءُ عجب، کيل ڏسان ٿو
دنيا جو ويو آهي ٿي دستور نيارو!
هک عيش کري ٻئي جو غمن منجهہ گذارو!

رهزن ٿا هتي روز کن ناپاک ارادا،
هيٺن کي لُٽڻ جا تہ غضبناک ارادا،
شيطان پيا کن تہ شرمناک ارادا،
شل پاک خدا تن جا کري خاک ارادا،
ويرين کي وڍڻ لاءِ کريون يار کو وارو!
ڏِگ ڏوڙ سندا تن جي وجهو منهن ۾ پيارو!

هن اوچ ۽ نيچ چڏيا ويل وهائي،
هک کي نہ جهڳي آهي، ٻيو ست ماڙ اَڏائي،
هک کي نہ ليي ليڙ، ٻيو پَٽُّ پيو پائي،
هک روز بخارن ۾، ٻيو عيش اُڏائي،
”سرويچ“ پلا ملک ۾ هي کهڙو انڌارو!
کسجي ٿوغريبن کان، جيئڻ جو چو سهارو!

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڳٽيون ڳوڙهن سان ڳچ..!

منهن ڪٽڻ جهڙا نه ٿيا، مسڪين مارو سنڌ ۾!
غم وڏيا ويتر مٿن، غمگين مارو سنڌ ۾!
سور ۾ سوريون تنهي لئي، سخت ساٽن سختيون!
ڪين ٿا سنپرن ڪڏهن، تسڪين مارو سنڌ ۾!

نار جي ڦيري سان جيئن، لوٽن مٿان لوٽا وسن!
لُڙڪ ان پر ”لال لک“ هارين مارو سنڌ ۾!
حسرتون هربار سانديي ساهه سان سانگي رکن!
سُهم هر ڪنهن سال ٿا، سودين مارو سنڌ ۾!

سيم پنهنجيءَ ۾ ڪيا، سانگين تي سانگيڙا ڏُکن!
ٿا سُکئي ڪنهن ساهه لئي، سوچين مارو سنڌ ۾!
ڳاهه ڳوناٽن ڪي ڳاري، ڳاهي ڳڙڪائي ڇڏيو!
”ڳٽيون ڳوڙهن سان ڳچ“ ڳوهين مارو سنڌ ۾!

سعد سونهاري ڏينهان، سرمائيداري جو جشن!
پر خوشيون پنهنجيون ٿا ڪن، تدفين مارو سنڌ ۾!
گهر ستمگر جي ته رڏجن ”ست رڇيون“ پر هوڏسو!
پيا سُڪل لولو ڪٽيو سيڪين مارو سنڌ ۾!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



وقت جي هن وهڪري ڪا وٿ نه مارن وٿ ڇڏي!
پوءِ پيلا ڇا ڪيِن ۾ ڪوهين مارو سنڌ ۾!
سچ ٻڌاءِ! ڪنهن نياٽي يا سياٽي ڪي سڏي!
ههڙي حالت ۾ پيلا ڇا، ڏيِن مارو سنڌ ۾!

آب اڻ ڇٽيل تتل رت سان گڏيل جو ٿو ڏسين!
سو اکين مان اَڻ مَيو، اوتين مارو سنڌ ۾!
ڏينهن سچو ڏيڏر ڏنپيندي، ڏنگ سهندي ڏيهه جا!
پوءِ به ڏُٿ آٽين ۾ چاڙهين مارو سنڌ ۾!

عيد جي گيتن بجاءِ، اڄ مرثيه ماتم سندا!
ٿا ڳلين ڳوٺن اندر ڳائين مارو سنڌ ۾!
سڄّ ڪو سهنجن سندو ”سرويچ“ اُپري شل سِگهو!
شادمانا ڪن ڪِلي شوقين مارو سنڌ ۾!

❊

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ننگ-پيٽ-ٻچن جي ڳالهه..!

ها ڏي تون خبر اي پيڻ پياري، نير وهائين ڇو ٿي ادي،
هي نيڻ سنڌءِ هينئن پلٽي پيا، جڻ نهر ٽُٽي ڪا پيئي ندي،
توکي ڪوهه ٿيو ۽ ڪير وڙهيو؟ تون ڳالهه سڻائي صاف سچي،
هي حال ڏسي تنهنجو تہ ادي! من منهنجو ڦٿو دل جان جَلي،
تنهنجي درد وڏو دلگير ڪري تنهنجي مرض وڏو ٿم ماري چري!
تون صاف سگهي ڪر بات ادي! ڇو تنهنجو ويو آ ڏيل ڏري!

ڇا حال ٻڌي تون منهنجو ڪندين، هن درد سندي تو وٽ نہ دوا،
هي راج رڳوئي روڳ بنيو، هت روز روئڻ ٿيو آهي روا،
هن پيونءَ مٿي اي ياءُ مٺا! ٻي ڪابہ سندم پيٽي نہ پوا
هي ديس سڄو دک درد پريو، ڪو سيڻ نہ آهي سُور سوا،
هن حال ڪنان پئي موت مڱان، جيئڻ بہ ٿيو ٿم بوج پري!
ڇا حال ٻڌي تون داد ڪندين، وڃ پنهنجي هليو تون واٺ وري!

هڪ سور هجي جو توکي ڪٽي اي ياءُ ٻڌايان بات ڪري،
هت روز جبر ۽ قهر وسي، ٿي باهہ ستم جي روز ٻري،
هت پاپ مٿي ڪان تار وهي انسان پيو ري موت مري،
۽ هيٺن جي هت عصمت تي، هي عيش ڪري، هو عيش ڪري،
هي راج بنيو بيداد نگر هت داد پڪارڻ آهي غلط!
هي ڏيهہ سڄو ٿو ڏنگ هٽي، هت رات گذارڻ آهي غلط!





هڪوار مري هرڪوئي مگر، هر بار اسين ٿيون روز مرون،
”ننگ-پيٽ-ٻچن جي ڳالهہ“ ڳٽي، ڳچ روز ڳرون منجهہ باهہ ٻرون،
جي ڏينهن تپي تہ بہ ساهہ سڙي، جي سيءُ پوي تہ بہ خوب ٺرون،
جي مينهن پوي تہ بہ موت ٿيو جي واءُ وري تہ بہ ڪيھ ڪريون،
هڪ پاءُ اَٽي جي لاءِ پنون، هڪ آني ڪارڻ بيک مڱون!
هن جاڙ جيئڻ کان جلد اسانکي، زهر پيئڻ ئي آهي چڱون!

هي پيٽ بکيو ۽ اُرهہ اگهاڙو، سينڌ نہ سنيري تيل ڦٽي،
هي چيڙهہ پيو ٿم چوٽيءَ ۾ ويا ڪارا ڪنڊڙا وار ڇٽي،
ٿيا ليڙ لٽا هر انگ عيان، ست سيل سَندم پرزا ۽ پٽي،
ٿي پئسي پائي ڪاڻ پنان، هر هڪ جي اڳيان ڏس نيڻ ڪٽي،
ڪو ڪجهہ نہ ڏئي، ڪو ڇڙٻ ڏئي ڪو عشق سندا ايلاز ڪري!
ڪو عاشق مست مزاج اچي ٿو پيار وفا جي هام پري!

هر روز پيا ڪئين گرگ گڙن، ڇم ماس پٽي ڇُگهہ چير وجهن،
هر روز هتي مون جهڙيون لکين، مجبور لٽايو ننگ وڃن،
فرياد فغان ڪو ڪين ٻڌي، انسان جئين سي ڪيئن جيئن،
هر جرم هتي ٿو جوان ٿئي انصاف انڌو معذور ڇوان،
ڪو آهي اوهان منجهہ اهڙو ادو جو دانهن ٻڌي ڪجهہ داد ڪري!
مظلوم نياڻين جي تہ اچي اک پور اندر امداد ڪري!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هر روز حميرن جي تہ هلان، هر روز عمر کي عيش کپي،
هر روز هتي هڪڙو نہ ٻيو مارئي کي مٿان ٿو کوهہ جهپي،
هر روز سنگهارين جي تہ سرن تي باهہ ستم جي تيز تپي،
هر روز هتي زردار ڪڏي ۽ ڪنڌ شريفن جا ٿو ڪپي،
هر رات وڏيرو عيش ڪري، هر رات اسان لئي درد چمن!
هر روزهتي مون جيڏين جهڙين جا تہ سدائين نيڻ ٽمن!

هر روز هتي پٽ پيءُ ٻنان اڄ آهي جٽڻ آسان ٿيو،
هي منهنجي ٽٽن تي جيڪو ٻچو ان جو بہ ابو شيطان ٿيو،
مون تي بہ اِهو ڪنهن آهي اوهان جهڙي جو وڏو احسان ٿيو،
افسوس! اجائي پيا ڙيُ! اوهين انسان جيئو انسان جيئو،
”سرويچ“ ادا هن حال مٿي رت روز روئڻ مون فرض ٿيو!
جو مون تي وهيو سو پيڙ نماڻيءَ تنهنجي اڳيان آ عرض ڪيو!

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

## مرڪ منجهيو پئي چپڙن ۾

نيڻ وڃائي ويٺيون نينگر، اُڏٽي اُڏٽي توهن ڊير،
رات وهاٽيءَ آيون ملين ويل وچينءَ مس آٽن سير،
گهر ۾ پنج ست ٻار بکايل سير منجهان چُئہ ڪائي ڪير،
ملڪ اوهان جي ۾ ڙي سائين! هردم هيڏا ٿين انڌير!!

ڪونجن جهڙيون ڪنواريون نينگر صاف اُگهاڙيون ڪپڙن ۾،
شرم حيا جون ماريون نارِيون سيل پچائن پڪڙن ۾،
منهن لڪائن ماٺهن ڪان دَم چاتيءَ ۾ دم چتڙن ۾،
جوڀن جواني جي ڙي! الا! تن مُرڪ مُنجهيو پئي چَپڙن ۾!!

ساٽيهہ سارو سانگين ڪارڻ صاف نسورو سور الا،
ويلا ويلا لوڪ لنگهڻ ۾ ماني لئي مجبور الا،
ميلا تن لئي موت ۽ ماتم، عيدون تير انبور الا،
ديس اوهان جي جو هي ماري دائم ٿو دستور الا!!

نينگر نينگر نير وهائي آيل آيل رت رُئي،
ٻاڙهن ٻاڙهن لڙڪن جا بس هرڪا ويٺي هار پُئي،
هٽ ڪٽيو پڻ هيڪ ڏٽي کي سيڪا سُڏڪيو هيئن چئي،
تہ ماري جو ٿو مارن کي اي! الا!! انهي تون مار مُئي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جيڏين جو ويو جوين ڪامي، سورن ساڙين ساهه الا.
ٿو پئسي پائي سير وڪامي ماروئڙين جو ماهه الا.
پيٽ ۾ پوتيءَ جي ته فڪر ۾ پورهيت ٿيئيون پاهه الا.
ويل مڇي ويو واٽن تي ۽ ويئي ويچارين واهه الا!!

پاڳ ڦٽو ڙي پيٽر شايد پونءَ سڄي پڙ پانگ الا.
سورن ساڙيا سانگيئڙا سي سيڙ ويا ڪنهن سانگ الا.
مار مصيبت مارن تي پيا سهسين ڇُهتن نانگ الا.
شل ڪونه ڏسي ”سرويچ“ ڏکيو ڏينهن منهنجن وانگين وانگ الا!!

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## سنگرالن تي ساهيڙيون ..!

جيءُ جيءُ منهنجا لعل قلندر ڪامل بزرگ گھوٽ ڪبير،
صدقي توتان ساهه پساهه، او عالم عارف وارث وير،
تنهنجي پيرانديءَ ڪان پيئي، ايندي آهيم ٽڏڙي هير،
تنهنجو نانءُ وٺڻ سان وسريو ويندا آهن ڪنديون ڪير،
تون وٽ پرين پاران آندم ٻول ٻه تي هي ٻاون وير!
مارُن جون سڀ ميٽ مدايون، منهنجا مُرشد محسن مير!

تنهنجون ”ليارن“ جهڙيون لاتيون، لُونءَ لُونءَ ۾ تم لعلڻ لال،
تنهن جو منصب مان مٿانهوتنهنجا اعليٰ سڀ اعمال،
ڏاتين جون ڏڪ ڏول ڏلايون، ڏاتين جي تي ڏولڻ ڏال،
سنڌڙيءَ جا سرتاج سهواٽي! سگهڙي لهه ڪا سار سنڀال،
پوڃاڙيءَ جو جيئڻ پٽن تي، پيئڻ سرتيون ڪير پنير!
مارن جون سڀ ميٽ مدايون منهنجا مرشد محسن مير!

لاڙ منجهان مون آندا تو وٽ لاکيڻن جا لک سلام،
مارُن توڏي موڪ مُڪا اڄ، پرت منجهارا پاڪ پيام،
وانگي تنهنجون واٽون وينا ووڙين ور ڏئي وير ورام،
سانبي ساهه برابر سانڍين سانيم توکي صبح شام،
اُوٺين ڳوٺين ڪي آ، تنهنجي اندر ۾ اڄ عام اُڪير!
مارن جون سڀ ميٽ مدايون منهنجا مرشد محسن مير!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جهانگي جهنگن منجهہ پيا توکي، جيءَ ۾ جهونگارين جناب،
آلاپن سُرَ اهڙا جن جو ناهي ڪوئي جوڙ جواب،
پنڙيءَ پنڙيءَ پيچ تنهين جي، چڻ پڻ جهڙا چنگ رباب،
ڪوسي ڪوسي واءُ ويچارن جا ڪيا ڪاڙهي قلب ڪباب،
ٻولن تن جي ٻاريو آهيان چم، ۾ پيڙم چيهون چير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون منهنجا مرشد محسن مير!

تنهنجن پيارن پيارن منڙن ماروئڙن جا ماڳ اداس،
مال وندن تن مانگيئڙن جا، مينهيون ۽ ميهاڳ اداس،
ياڳ پليرين پاڳياٽين جا، پونگا پيٽيون پاڳ اداس،
تنهنجا درس ڏمالون دلبر! روحاني رس راڳ اداس،
جهوري تن جي جهوريو آهيان، جيءَ ۾ پيڙم هيڏا جهير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون، منهنجا مرشد محسن مير!

”تون“ ۽ ”پٽائي“، ”سچل“ جهڙا ڪامل اولياءَ ڪيهر شينهن،
ڪهڙا لائي وينا آهيو، ايڏانهن نازڪ نينهن،
پنهنجي سنڌ سونهاري تي ٿا ڏاڍا ڪوسا گذرن ڏينهن،
موڪ وسايو مارن تي ڪي مولا طرفان مهرئون مينهن،
ڏرت ٿري سپ ڏيهہ مٿان ۽ ٿر کي ٽڏڙي پهچي هير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون، منهنجا مرشد محسن مير!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



موٺي ماڳن ۾ ڪي ڪريون، محبوبن سان ميلا ميل،
روح رچنديون ڳالهيون ڳرهيون، ريدارن سان پاسي ريل،
سرتيون خوش ٿي سنڌ وطن ۾ ٽڙ تي ڪن ڪي تيل ڦليل،
ڱُجرن ڪي ڪوڪونہ هٽي جيئن گس تان ويندي گرز گليل،
”سڱرالن تي ساهيڙيون“ جيئن، ساجهر نڪرن ٿاهي سنبير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون، منهنجا مرشد محسن مير!

ساٽيهہ ۾ ڪي ويهي وڃايون سوزائتا سُرندا ساز،
ٻانهيارن جا ٻول ٻُڌون ڪي، اُلفت پريا جي آواز،
ڪينجهر ڪنڌئين ويهي ڪن سي، نوريون نئين سر ناز نياز،
ريلن تي رِم جهم رُت ۾ راڻيون روح جا اورين راز،
ڳوناٽيون جيئن ڳاٺ اُچي سان ڳولين ڳاڳا ڳم ڳنڍير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون، منهنجا مرشد محسن مير!

توکي پرتو آهي پيارا تنهنجو پنهنجو پيارو ديس،
توکي پرتو آهي پيارا وانديين واڙين وارو ويس،
توکي پرتيون ڳاڙهيون لنگيون، توکي پرتا اَجرڪ ڪيس،
توکي پرتا پنهنوارن جا پڪڙا پاڙا پڌ لبيس،
تون ئي هي ”سرويچ“ سنڌيئڙا ثابت تارج منجهان سير!
مارن جون سپ ميٺ مدايون، منهنجا مرشد محسن مير!

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## پارا ۽ پنهنوار

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، پوتي هڪڙي ڪچ ۾ پار،
چانپ اتر ۾ چُڙيل چتڙا، جند هلائي نازڪ نار،
سيءَ ۾ ٿڙڪن ڏند ۽ ڄاڙون واءُ تو ڏوٽي هرهڪ وار،
هاءِ ڏسو ڙي! ساٿي سنگتي پيٽ ڪرائي ڪهڙي ڪار!!

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، چُلهہ جي پَرَ ۾ بيڊڙي زال،
پال وڇائي ويني پٽ تي، ويڙهي هڪڙو ڪپڙي وال،
ڪانيون سيريو سيڪي هٿڙا، ڪاٽي ائين ٿي سارو سال،
هاءِ ڏسو ڙي ساٿي! پنهنجن سانگين جو هي هيڻو حال!

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، پٽ ۾ ليٽيل ننڍڙا پار،
ڪارا ڪوجها ڪلهڙا ٻچڙا، ڪيئن سمهن منجهہ سردي ٺار،
آيل تن کي اولاٽا ڏي، پيءُ تمائي نيٽين نار،
هي بہ جيئڻ ٿيو جهنم جهڙو، هي بہ حياتي ڳورو بار!!

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، پونگيءَ پرسان پوري پيٽ،
نيلي اُپ ۾ آس اڙايو، ويني نائي نرمل نيڻ،
هير اُتر جي هڪلون ڪريو وَرَ وَرَ سان ڏي تنهنڪي ويڻ،
ساٿيڙا ڙي! سوچيو سوچيو!! سردي ساڙيا ڪهڙا سيڻ!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، در پڳل وٽ سهٽي ڏيءَ،
سينهي وانگر سوڙهي ڪئي، ڏس ساڙي ڪيئن نہ آهي سيءَ،
هاءِ ڏسي ڪا درد وندي دل، حالت هتڙي هيڪر هيءَ،
ڇا نہ ڪيو آ ڇورين سان هن سِنڌ وطن ۾ سورن سِيءَ!!

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، جهوپي اڳيان هڪڙي جوءِ،
ڳجهہ اندر جون ڳالهيون ڳٽيو ڳاڙها ڳوڙها ويني روءِ،
لڄ ڏيئي ڪر لوئي وٽان پر لوڪ وجهندا بلڪل لوءِ،
ساڙي! ماريا سيءَ مگر هي، سيل نہ وڪٽي سنڌي جوءِ!!

پوهه جو مهينو مينهن ۽ پارو گهر ڏٺل تي واءُ جو وار،
ٻُنپ اڳيان پيو بري، بري ۾ بيڊڙو ويچارو بيمار،
رکي رکي ڪو ڏيئو ٽمڪي،قهر جي اوندهہ ڪارونيار،
منظر اهڙو ڏسندي سائين لُڙڪ لڙن ٿا زارو زار!!

پوهه جو مهينو رات بہ پوئين، مَنهہ هينان هڪڙي ماءُ،
ويڙهي سيڙهي ويني آهي، دل ۾ سانديو گهرا گهاءُ،
واڳونءَ وانگر وريو تنهن تي، ووءِ! اتر جو ويري واءُ،
پيٽن تي اج باهہ بري وئي، پيڙا ٿيو ڙي پرجهل پاءُ،

پوهه جو مهينو مينهن ۽ پارو رات انڌاري ڪاري ٻات،
ويڙهہ وطن جا وانگي وينا، پنهنجو وڃائي وڳ ۽ واٽ،
سانگين سان "سرويچ" ادا، هت سورن سهسين ڪيڙا ساٽ،
اٿو ا ٿو اي ساٿي! سنيري واڇوڙن ۾ پاريون لاٽ!!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944
Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڪورن آنڊن ۾ ڪهرام

ٻيهن واري پيڻ! سنديئي درد وڏا اٿم دل تي دام،
ماريو مونکي مات ڪري تي مانيٽي هي تنهنجي مام!
ويل وِهاٽي ويئين پئي تون ٻانهون ڳچيءَ ۾ پايو ٻئي،
سيءَ ۾ ٺرندي، ڏڪندي ڏڪندي، تڪڙا تڪڙا وجهندي وام!

تار مٿي ڪان ٺريل پاٽي تنهن ۾ ٽٻيون هڻندي هڻندي،
ڳُريءَ ڳريءَ تي ٽوٽا ڏيندي ڏيندي توکي ٿي وئي شام!
سيءَ سُڪايئي سورن ساڙيئي، سونهن وڃايئي سوڍي پيڻ،
پيٽ بکئي لئي نيڻ نچويئه، جيءَ ولوڙيئه جيجل جام!

پرهه ڦٽيءَ جو ويئين پئي ۽ مٿان وچينءَ جي ويل لڙي،
پور نہ پوري ڪوئي ڪاڏهِ "ڪورن آنڊن ۾ ڪهرام"!
بار مٿي تي وار پِنل ۽ پچندي پَچندي تيز اچين،
بند نہ ٿي بازار وڃي، جيئن محنت ساري ٿئي ناڪام!

ٻوج ڳرو ۽ پنڌ پريرو ڪنڌ ڏڪندڙ ساڻ ڪٽي جو
سو نہ ڪري تو تنهنجو هر هڪ قدم اسانکي اچ تتلام!
ٻيٽ بدن ۾ بار سبب ويا، تنهنجي پئجي خوب ٻنا،
ڇُور ڇُرڻ ڪان چمڙي چيريل نيڻن جي تو ننڊ حرام!





پري پري ڪان ايندو توکي ڏسندي نِنڊڙن هينئن چيو
آمڙ اچي ويئي هاٽي ڏيندي ترت رڌي ڪجهه تازو طعام!
هيڏيءَ هلاڪت سان جو آنديئين، مال انهيءَ جو مُلهه وري،
"آني-ٻن" تو سير وڪامي، ويل ڏسو ڙي هي وريام!

سوير وڪيو ڪجهه ڪين وڪيو ڪجهه اوڙر ٿيو ڪجهه مفت ويو
هاڻ ٻڌايو ڪيئن ٻچن کي پاري نازڪ نار مُدام؟
پير اگهڙ ۾ پاٽئي جنهن دم دانهن ٻچن ڪئي ماني پور،
لفظ ٻُڌي هي لڙڪ لڙيا، تو ماءُ مِنيءَ سان ٿيو ماتام!

ڪين ٽنگئين هٿ ڪنهنجي اڳيان تون پنهنجيءَ محنت تي مسرور،
ڏيءَ سنڌياڻي! آهي اسانجو تنهنجو همّت کي تہ سلام!
ڏيل ڏرئين تي، پهڻ پيهين تي پوءِ بہ جيئين تي جڳ ۾ هاءِ،
سور چرين تي ڪين ڪچين تي گهوڙا ڙي! او! تون گگدام!

سُست نہ ٿيو اي! سنڌي ساٿيو! سيگهہ ڪريو "سرويچ" ٿيو
سيڻن تان سڀ لاهيون لِڪ ۾، سور، انڌيرا ۽ آلام!!

❋



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944
Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪريم سائين!

سنڌ جا صابر سخي سيد سچا، عبدالڪريم،
عاجزن ايرن جا اوکيءَ ۾ اَجها، عبدالڪريم،
تون ڀلارو ۽ ڀلا تنهنجا وڏا، عبدالڪريم،
تو نمائي نفس کي ماريو مٺا، عبدالڪريم،
درد وندن جي بلاشڪ تون دوا، عبدالڪريم،
ٿي ڏٽيءَ جي در اگهي تنهنجي دُعا، عبدالڪريم،
تنهن ڪري توکي ستايون ٿا اسين ڪامل ڪريم!
سنڌ لاءِ گهر دعا پرور دران پلپل ڪريم!

تون سُتين سيد سکيو ٿي، هت مُٺا مارو مُدام،
هؤل جهڙيون حالتون ۽ ٿي حياتي تِن حرام،
آهي ڪئي انسان اڄ، انسان لئي پيدا قيام،
ماس ماڻهوءَ جو هتي وڪجڻ لڳو آ عام جام،
عصمتون لُٽجي ويون انسان جو ٿيو بد انجام،
راڄ هن ۾ رات ڏينهن رهزن هلن ٿا ري لغام،
ڪير جو تن سان ڪُڇي قانون ڪو ناهي ڪريم!
هت رڳو مسڪين ويچارا چڙهن ڦاهي ڪريم!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


تنهنجي منڙي ملڪ ۾ اڄ ٻُک مرن ٿيون ماريون،
سِر اگهاڙي سور سارو ڏينهن چرن ٿيون ماريون،
ڳاهيون ڳٽتين ۾ ڳوناٽيون ڳرن ٿيون ماريون،
ويا ٻري ٻارڻ مٿن ٻڙهڪن ٻرن ٿيون ماريون،
ڏاڍ ڏاڍن جو ڏسي ڏاڍو ڏرن ٿيون ماريون،
داد ڪارڻ دادلا! تون در ورن ٿيون ماريون،
تون ڪٿن ڪيهون ٻڌي لهه ڪل سگهو ڪامل ڪريم!
او! ڀلا "بلڙيءَ" جا بزرگ بادشاهه پرجهل ڪريم!

لّڄ ويئي لوڪ مان ليکو ئي آهي لال هت،
ناهه مسڪينن سندو محفوظ هر گز مال هت،
ٿا ڪٿن مظلوم جي زوريءَ سان ظالم زال هت،
ڦهر هر ڪنهن ڀَهر آهي، ٿا ڪُسن ڪنگال هت،
جابرن جهنم بنايو ، ٿيو جيئڻ جنجال هت،
ووءِ وانگي ٿا وهائن لڙڪ لاکون لال هت،
گهائي مارن کي وڏو گهوڙا ڙي هت گوندر ڪريم!
او! ولي الله جا، وريام وراث ور ڪريم!

ڪر اسان کي تون دعا اهڙي تہ اڄ عالي جناب،
همتون اُڀري اچن هر ڪار ۾ ٿيون ڪامياب،
بي وسي ۽ بيڪسي ۾ عمر گذري بيحساب،
نوجوان! جاڳو اُٿو!! آٽيون ڪو اهڙو انقلاب،
ظالمن جا ڳولي ڳولي سر وڍيون ڏيئي عذاب،
مڙس ٿي تن کان وٺون ساري اڳيان پويان حساب،
باهه ڏيون بنگلن کي تن جا ڪوٽ ڪيرايون ڪريم!
ملڪ مان ميٽي ڇڏيون مديون ۽ ميرايون ڪريم!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

بس! رڳو آهي اُٿڻ جي دير منهنجا دوستو
پاڻ کي سامهون ٻه ايندو ڪير منهنجا دوستو
پاڻ ئي پڪ ساڻ آهيون شير منهنجا دوستو
پاپين جا اڄ اُکوڙيون پير منهنجا دوستو
ڊينگ ماري ماري ڪريون ڍير منهنجا دوستو
وير ويرين ڪان وٺون هن وير منهنجا دوستو
سِر ويڙيون "سرويچ" ٿي ست ماڙ وارن جا ڪريما!
هنڌ هاوي ۾ بڻايون تن هچارن جا ڪريما!

❋





## رڪ ٽِي ويندين رڙون...

سنڌڙي اڄ ٿو ڪيان تنهنجي سنگهارن جي پچار،
ديس هوندي دربدر تن ديس وارن جي پچار،
مرد ماين ٻارڙن، ڪوجهن ۽ ڪارن جي پچار،
ڏڻ پنيان تا جيڪي ڏڪجن تن ڏنارن جي پچار،
ساز ڇيڙيان ٿو انهن جي سوز غم جو سنڌڙي!
ٿو ڪريان اظهار تن جي ڪار ڪم جو سنڌڙي!

تنهنجا مارو مان وارا باحيا ۽ باضمير،
نياز نئڙت ۾ نه تن جو ڪو ڏٺو آ مون نظير،
مور جيئن مُرڪن سدا هو مرد اوطاقي امير،
پر ٻنيا اڄ پنهنجي پکڙن ۾ اڇي آهن اسير،
قيد بند جو تن مٿي اڄ آهي ڪوڪٽ سنڌڙي!
آب تن جي ٿيو اکين مان آهي اڻ ڪٽ سنڌڙي!

تنهنجا سانگي، سانگياڻيون ٻارڙا ٻبرات ڪن،
رات ڏينهان سِر مٿي تن پاپرا تاندا ٻرن،
مشڪلاتن ۾ سي مانجهي موت ڪان پيا اڳ مرن،
ڏاڍ ڏاڍن جو ڏسي پيا ڏيل پنهنجي ۾ ڏرن،
سڻ انهن جي تون سيئي سورن جون خبرون سنڌڙي!
تَن تنهي جي منجهه هزارين تير تبرون سنڌڙي!

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



تنهنجا مارو منهنجي جيجل مهل هر ڪنهن مُنتظر،
گوڏ گنجيءَ ۾ گهمن ڪن گاهه ڪانيءَ تي گذر،
بخت تن جي ۾ ڏسان هينئر رڳا فاقا فڪر،
جاڙ جاڪوڙن سبب سي ٿا وهائن جام جَر،
سادڙا سانگي سنڌءِ سورن ستايا سنڌڙي!
ناز مان جي تو نِنڍي هوندي نپايا سنڌڙي!

مال وندڙيون ماريون ڏس، مَڪ مٿي ميڙا اٿن،
نِنڍيون نيٿيون نياڻيون ٿيون عصر آڏي اُٿن،
ڪوڏ مان ڪانبا ٻڌي ٿيون ڪِرت پنهنجيءَ سان لڳن،
”لَئي لَٽي“ ”مُنيس ادي“ هي لفظ لاڪيٽا چون،
ننگ واريون نينگريون سي نيڪ سيرت سنڌڙي!!
وڏ ڪنا مردن گهڻو هي منجهه محنت سنڌڙي!!

چاڳلين جي هٿ چَروڙيون چنڊ جيان چمڪاٽ ڪن،
هيڪ جيڏيون هوڏ هٽيو ماٽڪيون مورون ڏُهن،
پاڻ پر ۾ ٻُڌ او پائو هو سندو گُهو گهٽ گوهن،
ساهيڙيون سيڙهون هٽيو سيٽن اڳيان ٿيون سهج ڪن،
هو پريل هٿڙا مکڻ ماٽيون منڌاٽيون سنڌڙي!!
هو سنگهاريون سيند سُرمان ءِ سرهاٽيون سنڌڙي!!

ڏاٻڙن تي دادليون ٿيون ڏر تتيءَ ۾ ڏوپ ڪن،
لال لوبون خوب ڏويو روز راٽيون روپ ڪن،
ڪار ڪهڙيءَ ڪان نہ ڪيٻائين پاٽا ڪوپ ڪن،
جو نظر ميري ڪٽي، ٿيون موت تنهنجو توپ ڪن،
بي غرض غيور تنهنجيون سورميون سڀ سنڌڙي!!
ٿيون سهن ڏک سور تنهنجيون سورميون سڀ سنڌڙي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



تنهنجي ٻالڪ ٻارڙن جون ٻاتڙيون ٻوليون لذيذ،
ٿهڪ ڏيندي ٿا ٿلن ٽٻرن سندن ٽوليون لذيذ،
رس ڀريون تن راندڙيون ۾ ڪن ڳجهيون ڳالهيون لذيذ،
”لڪلڪوٽي“ ”لال ڦيريءَ“ جون لڳن لوليون لذيذ،
”ونجهوَٽي“ جهڻ وڏ ڪٻل“ ٿا خوب کيڏن سنڌڙي!!
”ٻيلي ٻيلي“ ”جي ڙي ٻيلي“ ٻول هي تن سنڌڙي!!

تنهنجي ٻالڪ ٻارڙن منهنجو ڪيو مستان من،
بي ڏپا ۽ بي تڪلف هر گهڙي هر ڪنهن وٽن،
دَمِ رئن دانهون ڏين ۽ دم خوشيءَ ۾ ٿا کِلن،
ڪارڙا ڪوجها ڪڪا ٿا قرب ڏاڍي مان ڪُڏن،
سادڙا سچ ٻول صالح سڀ سگهارا سنڌڙي!!
ٿا وٽن هر ويل هر ڪنهن جيءَ جيارا سنڌڙي!!

سنڌڙي تنهنجي سنگهارن ڪيو پلا ڪهڙو قصور،
جو ملن تن کي پيا هردم رڳا سورن تي سور،
ڪيئن ڪري ڪيڏانهن وڃن ڪوڙين قريبن سان ڪلور،
اوپرن ايندي اچي ڪوڙيا اندر ۾ ڪئين انبور،
دل ڏنارن جي ڏکوئي آهي ڏارين سنڌڙي!!
آهي مارُن جي منجهائي متُّ مارين سنڌڙي!!

هو پنن پيرن اُگهاڙا پيٽ پالها ڪن پڪار،
ٻٺ تتيءَ ۾ ٻيٺ ٻڌيو ٿا ٿمائن نيڻ نار،
هڪ تہ بيماريون بدن ۾ ٻيو بکن ڪيا بي قرار،
هڪ نہ هڪ ڏينهن نيٺ سڻندو سوال تن جا رب ستار،
ڪوٺ ڦهارن جا ڪِري سڀ پٽ پوندا سنڌڙي!!
پيا انهن پيٽين مٿي ڪئين ڪنگ رڙندا سنڌڙي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


غير پنهنجي غرض لئي ٿا ڪن غريبن کي غلام،
اوپرو ايذا رسائن ٿا انهن کي عام جام،
لالچي لوڀي لسانن کي لڳائن ٿا لغام،
ٿا وڌائن مشڪلاتون منهنجي مارن تي مدام،
سڏ سنگهارن جو بہ آ مشڪلڪُشا کي سنڌڙي!!
”رک ٿي ويندين رڻون“ تون رک خدا تي سنڌڙي!!

تنهنجا سانگي سنڌڙي، پنهنجي وطن ۾ بي وطن،
قرض ڪنگالن مٿي مشڪل ملي ٿو تِن ڪفن،
روز چوريون روز ڌاڙا روز خوني خون ڪن،
پوءِ بہ چي آ سنڌڙي ۾ هر طرح سان ڪُل امن،
ڪير سمجهائي انهن کي تون سُٺائي سنڌڙي!!
ڪوڙ هيڏو ڪيئن ٿو تن کي جُڳائي سنڌڙي!!

پوک کي ور ڏيئي وري واڙي ڏسو کائڻ لڳي،
رهبرن جي ريت رعيت کي آ ايذائڻ لڳي،
جهانگين جي جهوپڙن کي آگ آ لائڻ لڳي،
ڌوٿين کي ڌاڍ پنهنجي ساڻ ڌڪائڻ لڳي،
حال ۾ ٻُڌ تون هينئين سان حال تن جا سنڌڙي!!
پنهنجي مارُن سان ۽ توسان ڀال تن جا سنڌڙي!!

ڌارين کي چا ڌڪاريون آهي پنهنجن پڻ ڪُنو
چو پراين کي پچاريون آهي پنهنجن پڻ ڪُنو
چئو ٻين ڏي چو نهاريون آهي پنهنجن پڻ ڪُنو
پاڻهي خود پاڻ ماريون آهي پنهنجن پڻ ڪُنو
تن وزيرن کي تہ اي ”سرويچ“ ساري سنڌڙي!!
جن ڏني ڪرسي مٿي آهي قطاري سنڌڙي!!

❋


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## پڙهيم پٽيءِ ٻاراٽو

جڏهن ڄائس ڏني لولي مِٺيءَ مادر ٿي سنڌيءَ ۾،
چيو بابل ٻچين ٻچڙا مون کي هر هر ٿي سنڌيءَ ۾،
وڏي شل تون وڏو ٿئين اِئين ٻڌم اڪثر ٿي سنڌيءَ ۾،
چيو هر هڪ اکر مُنهنجي سڄي ئي گهر ٿي سنڌيءَ ۾،
وساريان سا ڀلا ڪيئن جا اَمڙ منڙيءَ اُچاري آ؟
اَمڙ منڙي اُچاري آ چيو بابي پلاري آ!

سدائين سنڌ جو نالو سندم دل کي تہ سيباڻو،
سکيم سڀ ڪجهہ ئي سنڌيءَ ۾ پڙهيم پٽّي ۽ ٻاراٽو
زبان پنهنجي سا ڏيندس ڪيئن ڏسي ڪنهن جو بہ ڏن ناٽو؟
زبان جنهن جي نہ آهي سو رهي وِڪيل ۽ ويڳاٽو
زبان ويئي تہ پوءِ جڳ ۾ جيئڻ ئي جڻ خواري آ!
انهيءَ ڪان وڌ ڀلا ٻي پو اجا ڪا شرمساري آ؟

سونهاري ”شاهہ“ سنڌي ۾ ڏسو چا چا سمايو آ،
ڪٿي جوڳين سان جوڳي ٿي پرينءَ کي تنهن پچايو آ،
ڪٿي مارئي جيئن ماڙين ۾ وطن لئي تنهن واجهايو آ،
ڪٿي ”ٻيجل“ جي ٻولن ۾ تنهن روئي راءُ ريجهايو آ،
ڪٿي تنهن آيتون آڻي زبان سنڌي سُڌاري آ،
سدا ”سچل“ ۽ ساميءَ جي بہ هن سان خوب ياري آ!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


سدا سنڌي سڀاجهيءَ ۾ سنگهاريون ڳيچ ڳائن ٿيون،
مليرياڻيون مڙئي مُرڪي مٺيون ٻوليون ٻُڌائن ٿيون،
سهيليون ساز سهرن ۾ سُريلا سُر سڻائن ٿيون،
ڪنواريون پنهنجي ڪانڌن سان تہ هن ۾ نينهن نڀائن ٿيون،
ڇَون پنهنجي ”چنيسر“ کي زبان بيشڪ پلاري آ!
اسان کي ساھ کان سنڌي زبان پنهنجي پياري آ!

پلي آ پٽ جت آهي پٺائي پرجهلو بالا،
درازن ۾ رهي دلبر ۽ ٺٽو جهوڪ پڻ اعليٰ،
ٽکڙ، بلڙي، ٻنورو ۽ سجاول، ساڪرو هالا،
ادب جو سنڌ ساري گهر وٺان کهڙا پلا نالا،
ادب جو گنج خانو سا سخن ۾ نت سونهاري آ!
اسان جي سنڌ جي ٻولي سڀاجهي سوز واري آ!

سدا پرپور بيتن ۽ پهاڪن سان زبان منهنجي،
غزل ڪافين ۽ واين ۾ سا آهي پاڻ مَٺ پنهنجي،
پرولين هو جمالن ۾ ڪيان تعريف ڇا تنهنجي،
هجي سانگين سنگهارن سان سدا ”سرويچ“ سا سنهنجي،
خدا! آباد رک تنهنکي ڏکن ۾ جا ڏکاري آ!
وڳر ۽ وارثن هوندي بہ ٿي وِلهي ويچاري آ!
*


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڏسان اُن ڏيهہ ۾ ڏيٺيون

اُٿو اي! قوم جا ڪونڌر_ڳُڏي ڏيون سنڌڙي تان سر
۽ ڏاريون ڏاڍ جا ڏونگر_ اَٿوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

جوانن جا جٿا ٺاهي_ڦهارن تي پئون ڪاهي
ڇڏيون ليڪا سندن لاهي_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ٻَڌي سندرا صفون جوڙي_مخالف مِڙ ڇڏيون موڙي
ڦِڪن جا سِر وجهون ڦوڙي_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

جتي پاڳين سندا پونگا_اُتي ڏسجن مٿي ڏونگها
وڏيو ڊيڊن سندا ڍونگا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

جتي جهانگين سندا گهرڙا_اُتي قاتل ڏسان ڪرڙا
پٽيون تن جا اچو پرڙا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڌاڙن جا جتي ديرا_اُتي آيا ڪي من ميرا
ڪريون تن کي ڪُهي ٻيرا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



”ڀٽائيءَ جون جتي ڀيٽيون_ڏسان اُن ڏيهہ ۾ ڏيٺيون
وڍيون تن کي ڪٽي ڇيٽيون_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

چڙهيو هي جنگيون جهيڙا_ٿيو ڀائر سيئي ڀيڙا
مچايو مرد ٿي ميڙا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

اچو ساٿي سيئي سنيري_هٽي نعرا پئون نڪري
ڪڍون هن ڌاڙ جي ڌگري_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

اُٿو اي! سنڌي سوڀارا_ونو پنهنجيون ڀنيون ٻارا
ڪريون ويرين مٿي وارا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

اُٿو اي! لال للڪاري_هي مڪڙ سڀ چڙهيو ماري
ڪُتن کي ڏيوسي ڪوڪاري_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڪريون هن سنڌ کي سائو_لهي ڏوٿين تان ڏولائو
چئون دشمن کي ڪر جائو_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

هتي وجهلن ٿيون وانگياڻيون_جلن جيئري هي جهانگياڻيون
سڏن آن کي ٿيون سانگياڻيون_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

مَرن پيبيون منيون مائون_روئن ٿيون آب ريٿائون
اوهانکي سڏ ڪريان آئون_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



عذابن ۾ هتي اديون_وهائن نير جون نديون
اچو ڙي! سڀ ادا اديون_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڏکن ۾ هت سوين ڏيئر_نماڻين کي پيا نيئر
ڪريو ويچارين تي ور_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

هتي پکڙن ۾ پنهنواريون_سَهن غيرن سنديون گاريون
ورو مردود مِڙ ماريون_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

هي پنهنجي ”سيم“ جا سانگي_نہ تن وٽ ڪوڙلو دانگي
چڙهايو جيل مان جهانگي_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

پُڪاري سنڌڙي پيئي_اچي واڳن جي ور ويئي
چڙهايو سا تہ سِر ڏيئي_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

وڳر هوندي ٿي ويچاري_چلن تنهنجي پٺيان چاري
اکيون مهٽي اُٿو آري_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ٿي جهوريءَ ۾ جُهري جيجل_جگر تنهنجي تي آهن جل
سِگها اُٿيو اڙي سوڍِل_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

مري پيئي هيءُ منڙي ماءَ_گهٽيئي جان ۾ ٿس گهاءُ
ٿيو پيڙا اچي ڙي ڀاءَ_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

چڙهي آرس اُٿو راٺا_نہ ٿاريو ننڊ ۾ ٽاٽا
بچايون ڀاڳين ڀاٽا_اَٿَوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


وچن ٿيون شاهه جون وايون_ڳلين ۾ جي پيا ڳايون
سُتل ساٿين کي جاڳايون_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

درازيءَ جي نہ دل ڀاريو_سخن ساميءَ جا جهونگاريو
تڪارن کي هتان تاريو_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

”قلندر“ جي ڌمالن جي_”عنايت“ جي حوالن جي
لاهيون حُبّ هالن جي_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڪريمي گهوٽ جا گفتا_رکو سڀ پاڻ وٽ پختا
ڪيو دشمن سندا تختا_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

منا هي بيت سانوڻ جا_سدا سيني ۾ سانيڻ جا
ڪريو ڪي عهد آوڻ جا_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

هي مڪلي جا منارا اج_هي ڪينجهر جا ڪنارا اج
بچايو يار پيار اج_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

هو سهٽي، مارئي، مومل_سڏي نوري، سسئي، سومل
لهو ليلان ۽ ڪونروڪلَ_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڇڏيو جاني سيئي جهڳڙا_وساريو وير اي! وڏڙا
سڻو ”سرويچ“ جا سڏڙا_آئُوَ سنڌو نديءَ جو سُنهن

*


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

خزان جا خيما اکوڙي ساٿي، وطن ۾ نئين سربهار آڻيون،
مُدام موجون پسڻ جي خاطر، مندائتا ڪي ملهار آڻيون،
وسن ۽ وهسن وطن جا وانگي، سُکن جا تن لئي انبار آڻيون،
هلن جي هي بيقرار مارو انهن جي لاءِ قرار آڻيون،
ڏکن ٻکن کي تڙي ڪيون ۽ ننڍا وڏا سڀ نواب ڪريون!
اٿوڙي! ساٿي مٿير مانجهي، گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

ورهن کان پنهنجي وطن ۾ طوفان، تکا تہ لڳندي ڏسون ٿا ساٿي،
سُکن سان آلا اکين جي اڳيان، ٻيار ٻرندي ڏسون ٿا ساٿي،
سباجها سنڌي ستم جي مچ ۾ سدائين سڙندي ڏسون ٿا ساٿي،
هزار ڳوڙها، هميشہ تن جي، ڳلن تان ڳڙندي ڏسون ٿا ساٿي،
انهن جي سورن ڦٽن جون ڦڪيون، ڪريون تہ بلڪل شتاب ڪريون!
اٿوڙي! ساٿي مٿير مانجهي، گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

ستمگرن جي سِرن کي وڍيون، جلايون تن جا تماڙ ساٿي،
جگر ۾ جهوڪي انبور تن جي، اکين ۾ نوڪيون اُماڙ ساٿي،
انهن جي مَڪرّ ريا جي ڪريون عوام اڳيان اُگهاڙ ساٿي،
انهيءَ جي لاءِ ارادا پنهنجا ڪريون تہ بلڪل پهاڙ ساٿي،
جبر جون پاڙون پٽڻ جي لاءِ، هتون ۽ ڪهڙو حجاب ڪريون!
اٿوڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هتي جي پيرن پِٽين جون ڳالهيون، اوهان سان کھڙيون ڪريان اي ياءُ،
وڏا سي لوڀي وڏا سي نوڪِي،وڏا سي روڳي آٿان اي يائو،
وڏا سي قاتل، وڏا سي ظالم، ڪُهن ٿا هر ڪنهن هنڌان اي يائو،
انهن جي ڪوڙين ڪرامتن تي، لڳو تہ بلڪل متان اي يائو،
انهن سان پنهنجا اڳيان ۾ پويان اچو تہ ساري حساب ڪريون!
اٿوڙي ساٿي، مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

هتي جي ”ميرن“ هميشہ پان تي، مصيبتن جو ڪيو آمارو
هتي جي ”رئيسن“ هميشہ پان کي، ڪٽي ڪٽي تي ڪتو آيارو
هتي جي ظالم وڏيري ڇڏيو ٻني نہ پنهنجو صفا ڪو ٻارو
اچو تہ تن کي هٽو ڪي ڏنڊا، ڪريون تہ ويرين مٿي ڪو وارو
مٿن مان تن جي ڪڍون ڪي مِنّجون اِهو تہ ڪار ثواب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

هتي جي مُّلن ڇڏي نہ پان وٽ، سگهي ڪا اڳڙي سچي ڪاماني،
هتي جو مرشد هٽي پيو هردم، رڳو تہ ڪوڙي قبر مان ڪاني،
هتي جي راشي نظام پان کي، ڪري تہ ڇڏيو فنا ۾ فاني،
وڃون ٿا دنيا منجهان ئي مِٽجو اڪيون ڪوليو ادا ڙي! جاني،
اچو تہ خوني خبيث ماريون، انهن جو خانو خراب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

پراڻا رسم و رواج ٽوڙي، نئون ڪريون ڪو نظام پيدا،
سڀيئي يڪسان هجن بہ جنهن ۾ ڪريون سو مهذب مقام پيدا،
هجي جو هيٺن سندو ڙي حامي، اُهو ڪريون اڄ اِمام پيدا،
سگهوئي ”سوشل ازم“ کي آڻي، ڪريون ڪي موجون مدام پيدا،
نوان ڪي نغما وطن ۾ ڇيڙي رڱن کي چنگ و رباب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## اسين هڪل سان هزار ماريون!

اسان کي هيٺو متان تون سمجهين، اسين تہ جوڌا جوان آهيون،
سنديئي ڇاتي ڇنڻ جي خاطر، ترار تير و ڪمان آهيون.

اسان جي همت هماليہ جهڙا، جبل بہ جلدي جهڪائي ڇڏيا،
”اسين هڪل سان هزار ماريون“، سَون جي هڪ هڪ سَمان آهيون.

اسين محقق، اسين مفڪر، اسين مدبر، اسان ئي موجد،
اسين تہ قومن سندي قسم سان، ڪمان آهيون زبان آهيون.

اسان کي طاقت جهان جي ڪائي، اسان جي رَهَہ تان سگهي نہ روڪي،
اسين تہ پنهنجي خوديءَ تي محڪم، اسان ئي منزل نشان آهيون،

اسين مجاهد مُڙون نہ ڪنهن کان، مرڻ ۾ مارڻ اسان جو ڪم آ،
اسين مُسّلح رزم جا عاشق، اسين نہ عاشق بُتان آهيون.

اسان کي باغي ٻلي پيو چئو تون، اسين تہ هڪڙو خدا ٿو ڄاڻي،
رهيا تہ اَمن و صلح جا سچ پچ، هميشہ ڪان ئي خواهان آهيون.

وطن ۾ قومي مفاد خاطر، اسان جو ”سرويچ“ سِر بہ حاضر،
اسان جو نعره الله اڪبر، هٿن ۾ نيزا نشان آهيون.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## دودا ۽ دلاور

اسين سنڌ وطن جو تہ اُچو شان ڪنداسين،
هر اِنچ انهيءَ جي تان فدا جان ڪنداسين،
مِڙ مال مَڏيون ملڪ تان قربان ڪنداسين،
دشمن بہ سيئي تنهن جا ٻڏي ٻان ڪنداسين،
اسين قوم اُها جنهنجي هڪل هاڪ مُدامي!
سوپون بہ صبح شام ڏين جن کي سلامي!

اسين پنهنجي وطن جا تہ وفادار سپاهي،
اُن ڏي جو تڪي تنهن جي ڪريون ترت تباهي،
ڪڙڪي ٿا پئون تنهن تي مثل قهر الاهي،
تاراج ڪري تنهن جا ڇڏيون تاج ۽ شاهي،
دنيا تان ڇڏيون تنهنجو نشان نانءُ مٽائي!
ڪن پل ۾ ڇڏيون تِنهنجا قصر ڪوٽ ڦٽائي!

اسين جُنگ فنِ جَنگ کي ڄاڻون ٿا سراسر،
مارڻ ۽ مرڻ کي ٿا ڄڻون ڳالهہ برابر،
آ ذات اسان جي تہ دنيا ۾ نشانبر،
سڏجون ٿا سڄي ڏيهہ ۾ دودا ۽ دلاور،
اڳيان بہ اسان جي ئي اچي کو تہ خبر پئي!
۽ ضرب اسانجيءَ کان بچي کو تہ خبر پئي!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



رهزن جي سِر ڌڙ کان ڪٽي ڌار ڪريون ٿا،
۽ ڌڙ کي وري تِنهنجي ٽڪر چار ڪريون ٿا،
برباد تِنهن مّڪار جو گهر ٻار ڪريون ٿا،
نادان انهيءَ کي تہ نِگهوسار ڪريون ٿا،
جو سنڌ اَمڙ ڏي ٿو نظر بد سان نهاري!
تنهن کي ٿا هٹون ڪان، سرِ راهہ بيهاري!

دشمن جو اسان کان تہ ڏکي خوب بدن ٿو،
رڪجي بہ وڃي تنهنجو ئي منجهہ رت رڳن ٿو،
هڪدم ۾ لڳي تنهنجو وڃي ماس هڏن ٿو،
نئوڙت سان گهري سو تہ اسان کان بہ اَمن ٿو،
جو آڻ مڃي تنهنکي ڏيون جاءِ جگرم!
ڪوني ٿا ويهاريونس سدا پنهنجي وِگر ۾!

مردود اسان کان ڪو بچي ڪين سگهي ٿو،
بزدل ڪو اسان کان تہ، پڇي ڪين سگهي ٿو،
لُچ لنب اسان کان ڪو، لڪي ڪين سگهي ٿو،
هڪ پير پهلوان ڪو هٽي ڪين سگهي ٿو،
ميٽي ٿا ڇڏيون غير جا ناپاڪ ارادا!
هو پل تہ ڪري ڪيڏا غضبناڪ ارادا!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

اخلاق، ادب، قرب، ڏراوت آ اسانجي،
مشهور هنڌين ماڳ، شجاعت آ اسانجي،
صدين کان پچو سچ تہ، امامت آ اسانجي،
دشمن تي ڪرڻ رحم، روايت آ اسانجي،
هيڻن سان حمايت ۾ هميش کان نشانبر!
ظالم سان بغاوت ۾ هميش کان نشانبر!

”سرويچ“ اسين سنڌ سونهاريءَ جا ثناگر،
مهراڻ مٿان آهيون، دل و جان سان نڇاور،
سڀ پاڻ ۾ ئي آهيون، سڳا ڀاءُ برادر،
اوڪي ۾ آهيون هيڪ ٻئي جا يار برادر،
هن سنڌ جي دشمن جو چڙيون ساھ سُڪائي!
ڪن پل ۾ وجهون تِنهن جون اسين واهون چڪائي!

❋





## گرز، ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي مرد مٿيرن جي،
هيءَ ٻولي ڇَٽ ڇڳيرن جي،
هيءَ ٻولي ڏُنگ دليرن جي،
هيءَ ٻولي وير ونجهيرن جي،

هيءَ ٻولي مردن مانجهين جي،
هيءَ ٻولي وانگين وانجهين جي،
تون لٽ نہ هڪڙي سهندين لوپي،
منهنجن جوڌن جانين جي،
تو وير وڏو آ جاٽي واٽي، ٻلوانن جي ٻوليءَ سان!
تون جاڻ مري وئين مڪڙ موڳا،گرز، ڪهاڙي، گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي دولهہ دودن جي،
هيءَ ٻولي سورهيہ سوڍن جي،
هيءَ ٻولي جُنگن جوڌن جي،
هيءَ ٻولي ڳيرن ڳوڌن جي،

هيءَ ٻولي ڪيهر ڪوين جي،
هيءَ ٻولي مرد ملوڪن جي،
ڪا ڪاڻ نہ جن کي آهي بلڪل،
تنهنجي توب بندوقن جي،
هي گهوٻاٽن سان گهوٽ اُٿيا ٿئي، لال لطيفي لوليءَ سان!
تون جاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ڪهاڙي گوليءَ سان!

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هيءَ ٻولي سورهيہ سوڍين جي،
۽ جُنگ جنگاور جوين جي،
هيءَ ٻولي اهڙين مائن جي،
جن موڙي هوڏ هوائن جي،

آ! اختر، رياض، ۽ پاڳين جي،
هي ٻولي سنڌ سپاڳين جي،
اڄ تو کي ٻيرا پوٽ ڪندي،
هر نار نپايل ٻاگهين جي،
هي ريتي رنگ اٿيون ٿئي راڻيون، رنگجي ريت رتوليءَ سان!
تون چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ سنڌ انهن سنگهارن جي،
جن بيخ ڪيي غدّارن جي،
هيءَ سنڌ انهن سرواڻن جي،
جت راند رچي رت چاڻن جي،

هي وڳّ وريامن ويرن جو
جن زور پڳو زنجيرن جو
تون ڪانئر تن کي چا تہ ڪندين؟
هي ملڪ سچو مهميرن جو
هي ڪونڌر ڪنڌ ڪٽيندا تنهنجو لاکيءَ لٽ ڪڙوليءَ سان!
تون چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ڪهاڙيءَ گوليءَ ءَسان!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هي ميڙ انهن منصورن جا،
جن ڪنڌ ڪپيا ڪنتورن جا،
هي ميڙ مجاهد پارن جا،
۽ ”چوٽينءَ مارچ“ وارن جا،

هي ميڙ مٿيرن مڙسن جا،
هي پير بهادر پائن جا،
هي پاڳيا پاڳ ڏٽي پيا جاڳي،
وننديءِ وير ايامن جا،
ها وننديءِ وير ايامن جا، سي ڏنڍي، ڏور پروليءَ سان!
تون چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي ٻيلن وارن جي،
هيءَ ٻولي پاڪ پنوهارن جي،
هيءَ ٻولي پانهين وارين جي،
۽ نيڪ حياور نارين جي،

هي ٻولي ڳاڙهن گهوٽن جي،
اڙٻنگ جوان اڻ موٽن جي،
جن ڪاڻ ڪيي ڪنهن پر نہ ڪڌهن،
آ! ڪنهنجي قيد ۽ ڪوٽن جي،
هي توڙيو بند ٽپن پيا ساٿي، ٽاندا هر هڪ توليءَ سان!
تون چاڻ مري وئين، مڪڙ موڳا گُرز ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هيءَ ٻولي گهوٽ پتائيءَ جي،
۽ ”سچّل“ لال ”سوائي“ جي،
هيءَ ٻو لي شاهه عنايت جي،
هيءَ ٻولي راهه هدايت جي،

هي ٻولي لکّ ڪروڙن جي،
پرجهل پاءُ پلوڙن جي،
هت يو-پي-سي-پي ڪانه ڪپي،
جا آهي ولّ وڳوڙن جي،
هت صاف سنڌي ۾ ڳالهائي ڙي!! هر هڪ ديس ڏٺوليءَ سان!
نه ته چاڙ مري وئين مڪڙ موڳا ڳُرڙ ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي لعلن جهولي آ،
هت هرڪا ٻولي گولي آ،
هيءَ ٻولي هيرا موتي آ،
۽ سنڌوءَ پاٽيءَ ڏوتي آ،

هيءَ ٻولي ڳائي وڄائي آ،
۽ هن ۾ شاهه پتائي آ،
۽ هن ۾ ڪافي وائي آ،
۽ هن ۾ سونهن سوائي آ،
۽ هن جي سنڌو هٽندي توکي چيرا هر هڪ چوليءَ سان!
تون چاڙ مري وئين مڪڙ موڳا، ڳرڙ ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هيءَ ٻولي ٻاون ويرن جي،
هيءَ ٻولي قومي هيرن جي،
هيءَ ٻولي دودي هوشوءَ جي،
هيءَ ٻولي حيدر بلوءَ جي،

هيءَ ٻولي سهڻن سنڌين جي،
۽ جنگين جي جرنيلن جي،
هيءَ ٻولي آهي ٻوڙا، گونگا!
سنڌڙيءَ جي ”سرويچن“ جي،
هن ٻوليءَ جو هر ٻار ڇوي پيو ٻولي وٺندس گوليءَ سان!
تون چاڙ مري وئين مڪڙ موڳا، ڳرڙ ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وڏو پيو انقلاب اچي

هلو تہ يار حقّ جي، حقيقتن مٿي هلو
ڏچو نہ ڪنهن بہ ڏاءُ کان وڏيون وڏيون وِڪون وجهو
نہ هاڻ منزلون پري، اي سرفروش ساٿيو
اِجهو ٿا ماڳ تي رسو اِجهو ٿا ماڳ تي پُڄو

اِجهو هي ڪوٽ ڪوڙ جا، پڄي پُري ڪري پيا،
اِجهو هي ڏاڍ جا هنئيان، ڏڪي ڏڪي ڏري پيا،
اوهان جي همّتن اڳيان، وڏا وڏا جُهڪي پيا،
اوهان کان جابرن سندا، جگر جَلي ڏڪي پيا،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

ڏچو نہ هاڻ ساٿيو ڪنهن، رئيس خان مير کان،
ڏچو نہ ڪنهن مُلان، ”مِئين“ فقير، شيخ، پير کان،
ڏچو نہ هاڻ دوستو ڪنهن ڪان توب، تير کان،
ڏچو نہ جيل بند کان، ڏچو نہ ڇهڪ چير کان،

اُٿو ۽ شينهن ٿي اُٿو ها! حق لئي لڙو لڙو
ها حقّ لئي لڙو لڙو ۽ مڙس ٿي وڙهو وڙهو
اچي جو سامهون انهيءَ کي، صاف صاف سَچّ چئو
ڏچو نہ منهنجا دوستو ڏچو نہ منهنجا ساٿيو
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



سڄي هي هڙ ڦُري ويا، پلا چڙهيو اٿن بہ چا؟
ڪٽي ويا ڪيٽ چيٽ سڀ، چڙهيئون نہ ڪي ڍنڍون ڍُبا،
ڪيائون پاڻ سان تہ يار، ڪربلا ئي ڪربلا،
پٽي ويا ماس جسم تان، رڳا وڃي چڙهيئون هڏا،

انهيءَ تہ زندگيءَ ڪنان، آ موت سوءَ دفعا ڀلو
جتي نہ ليڙ لِڱ تي، جتي آ پيٽ پالهو
جتي نہ زندگي ملي، جتي نہ موت جو ٻِلو
انهيءَ ڪري تہ پائرو! اچو ۽ ڏاڍ سان لڙو
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

ٻري اندر ٻچا ٻرن، اِها بہ زندگي ڀلا،
۽ سيءَ ۾ ڳلِها ٺرن، اِها بہ زندگي ڀلا،
ڳپي جي لئي پيا ڳرن، اِها بہ زندگي ڀلا،
ٿا موت ري مٺا مرن، اِها بہ زندگي ڀلا،

جتي نہ تيل سينڌ ۾، سُهاڳڻيون وجهي سگهن،
جتي نہ ڏيئرون ڪڍهن، خوشيءَ منجهان کِلي سگهن،
جتي نہ پينرون ڪڍهن، ”ٻُرن“ ڪنان بچي سگهن،
اجان بہ غيرتون نٿيون، چو غير ڏانهن وڌي سگهن،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

هي پنهنجا ٻار ٻک ڪان، ڳري ڳري هڏا ٿيا،
هي پنهنجا ٻار تپ ۾، جلي جلي جڏا ٿيا،
هي پنهنجا ٻار پيٽ لئي پني پني وڏا ٿيا،
هُنن جا ٻار ڏءُ ڪنان مچي مچي ڍڳا ٿيا،

هُنن جون بيگمون وجهن، رڳو ئي ريشمي وڳا،
هُنن جي گهر رجهن پيا، سدائين ڪورما پُڳا،
ءِ پنهنجي گهر رجهن ڪڏهن، ڪڏهن تا ڍينڍ ءِ ڪڳا،
اجا بہ قوم جا ابا، ڪُهڻ جي لئي اچن پڳا،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

اسان کي پيڙهين ڪنان، ڦُريو ڦَتيو لُٽيو ويو
اسان کي پنهنجي گهر ۾ ميان، ڪُڏي ڪُڏي ڪُٽيو ويو
اسان کي گرهہ گرهہ متي، گُهتا ڏيئي گُهٽيو ويو
اسان جي ٻار ٻار کي، ٻڏي ٻڏي ٻُٽيو ويو

اسان تي ڪيس، ڪيس ۽، اسان لئي جيل بند ٿيا،
اسان لئي سور سُوريون، اسان جا سُڪ سَنڌ ٿيا،
اسان تي قهر ٿيا وڏا، اسانجا قيد ڪنڌ ٿيا،
اجا بہ ظالمن سندا، اسان تي تيز ڏند ٿيا،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!









وڏيرا پاڻ ۾ ڏسو تہ ڪيئن نہ ويا، رلي مِلي،
وساري دُشمنيون ڇڏيئون،ملن پيا ڪِلي ڪِلي،
وڏا سي دوست ٿي ويا، هيئنر صفا دِلي دِلي،
اوهين بہ اي غريب، سڀ وڃو ائين رلي ملي،

تڏهن تہ ظلم ڏاڍ کي، ڏنڊا هٽي ڏڪائبو
تڏهن تہ رهزنن کي ميان!، هتان تڙي پڄائبو
تڏهن تہ مان ملڪ ۾، غريب جو وڌائبو
تڏهن تہ ڪوٽ ڪوڙجو هي ڍاهبو ڙي ڍاهبو
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حَرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

ڪُٺو آ قوم کي جنين، اُنهن کي لعنتون ڏيون،
ڪُٺو آ قوم کي جنين، اُنهن جي رتّ کي پيون،
غدار قوم کي پلا، وري بہ ساٿ ڪيئن ڏيون؟
مرون تہ مرد ٿي مرون، جيئون تہ جُنگ تي جيئون،

اُٿون تہ شينهن ٿي اُٿون، هلون تہ بس هليا هلون،
وڏون تہ واءُ ٿي وڏون، ڪري نہ ڪو سگهي جهلون،
ءِ ظالمن جي جسم تان، ڇڪي ئي لاهيون کَلون،
گهٽائي ڏينهن اُنهن ڪيا، اسان سان ڪوڙا اٽڪلون،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڏو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


هي وقت جي ويو تہ پوءِ، وري بہ قيد ڪاٽبا،
هي وقت جي ويو تہ پوءِ وري بہ مڙس ماربا،
وري بہ راڄ پوربا، وري بہ لُڙڪ هاربا،
وري بہ پيڙهيون چٽيون وري بہ نسل پيڙهبا،

وري بہ مائڙيون هتي، مصيبتن ۾ ڦاسنديون،
وري بہ ڏيئرون گرهہ، گرهہ مٿي وڪامنديون،
وري بہ ڪيتريون اديون، ڙڃ ڪورين ۾ ڪامنديون،
وري بہ ڪيتريون دليون، اُجهامنديون وِسامنديون،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڌو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

هي وقت جي ويو تہ پوءِ، وري بہ ڪئين مصيبتون،
هي وقت جي ويو تہ پوءِ، وري بہ ڪئين آفتون،
وري بہ ڪئين علامتون، وري بہ ڪوڙ شامتون،
وري بہ ظالمن سنديون، اسان تي ڪئين عَقوبتون،

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ٿينديون، وري بہ ماراماريون،
وري بہ خونريزيون، وري بہ جام گاريون،
وري بہ چوريون هتي، وري بہ ٿينديون زوريون،
انهيءَ جي لاءِ ڀائرو! اچو تہ اڄ ڪي اوريون،
اُٿو تہ جنگ جوٽيون، حرام خور شوم سان!!
وڌو پيو انقلاب اچي، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان!!

(نوٽ: هي نظم ڊسمبر 1970ع تي اليڪشن جي وقت چيو ويو.)

❊


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪڏهن اُٺو ائين ڪوڏيا..!

ڪٿي ويا جنگ خيرسان، اي جهانگيو مبارڪون،
اوهان ڪي سوڀ آ ملي، اي سانگيو مبارڪون،
اوهين تہ مڙس ٿي اُٿيا، اي! مانجهيو مبارڪون،
اوهان مٿي سلام سئو، اي! ساٿيو مبارڪون،

اوهان تہ ظلم پاپ ڪي، آ پاڙ کان پٽي ڇڏيو
اوهان تہ ظالمن ڪي ميان، سٽي سٽي ڇڏيو
اوهان تہ ڪوٽ قهر جو ڪُٽي ڪُٽي ڇڏيو
اوهان تہ لاش ڏاڍ جو لتون ڏيئي لَٽي ڇڏيو
اوهان جي وار وار تان، اسانجو سِر نثار آ!!
اوهان تي اي! غريب ڀاءُ، سلام بار بار آ!!

اوهان جا حوصلا بلي، اوهان جون همّتون بلي،
اوهين تہ جُنگ جَنگ جا، اوهان جون جرئتون بلي،
اوهان تہ ڪوٽ ڪيريا، اوهانجو قوّتون بلي،
اوهين تہ سونَ ڪان سچا، اوهانجون صحبتون بلي،

اوهان تہ قرب ڪيا وڏا، اوهان تہ قول پاريا،
اوهان ڪي آفرين آ، اوهان تہ مڄّ ماريا،
اوهان تہ ڏاڍ ڏاريا، اوهان تہ وير واريا،
اوهان تہ دشمنن منجهان، مزي سان هٿ ٺاريا،
اوهان جو ملڪ ۾ ويو، وڏي ميان وقار آ!!
اوهان تي اي! غريب ڀاءُ، سلام بار بار آ!!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اوهين جڏهن اُٿيا تہ پوءِ، وڏا وڏا جُهڪي پيا،
چپيو ٿي پاڻ کي جنين، سي پاڻ ئي چُڪي پيا،
اوهان جي سگّهہ کي ڏسي، هو سرد ٿي سُڪي پيا،
وٺن سي سور درد جي، لِڪيو ڇپيو ٻُڪي پيا،

اوهان جي عزم جي اڳيان، امير ڪئين اُڏي ويا،
اوهانجو هِمّتون ڏسي، لکيسري لُڏي ويا،
ڏسو تہ سي ڇڏي سيئي، اڳوٽو هٿ هُڏي ويا،
ڪي مَرم کان مُنجهي پيا، ڪي شرم کان ٻُڏي ويا،
سڄي ئي ملڪ ۾ مٿن، تي مارءِ ڏڪار آ!!
اوهان تي اي غريب ياءُ، سلام بار بار آ!!

اوهان تہ ڪوششون ڪيون، اوهان ئي ڪامياب ٿيا،
اوهان جا قوم ملڪ تي تہ، قرب بي حساب ٿيا،
اوهانجي زندگيءَ سندا تہ، بهترين باب ٿيا،
اوهين تہ لا مثال ٿيا، اوهين تہ لاجواب ٿيا،

اوهانجو ملڪ آهي هي، اوهانجا محل ماڙيون،
اچو تہ ڪوٽ ظلم جا، اي! ساٿيو هي ساڙيون،
ڪُڏي اٿو اي! ڪوڏيا، تِڪيون ڪٽي ڪهاڙيون،
اچو تہ ڍنگ ڍاريون، اچو تہ رٿُ ٻاڙيون،
وِهو نہ سُست ٿي ميان! هيءَ وقت جي پڪار آ!!
اوهان تي اي غريب ياءُ، سلام بار بار آ!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اوهان تہ مُلڪ جا ڌڻي، اوهان جي هيءَ زمين آ،
اوهانجا باغ، بنگلا، اوهانجو سونِ مين آ،
اوهين رڳو اٿي پئو، اڳيان تہ ڪي بہ ڪين آ،
انهيءَ ۾ شڪّ ناهي ڪو اهو تہ بس يقين آ،

هي حقّ ۽ حساب ياءُ، نہ روئي ۽ رڙي وٺو
هي حقّ ۽ حساب سڀ، وڏو وڏو وڙهي وٺو
ٻچو نہ ڪنهن بہ ڊاءُ کان، لنيون هٽي لڙي وٺو
لنيون هٽي لڙي وٺو ۽ شينهن جيئن گُڙي وٺو
اوهان کي روڪ ناهي ڪا، اوهانکي اختيار آ!!
اوهان تي اي غريب ياءُ، سلام بار بار آ!!

اُٿو ۽ سنڌ لئي لڙو پلي تہ ڪو ٿُلهو هجي،
اُٿو ۽ سنڌ لئي لڙو پلي ڪو "ليگلو" هجي،
اُٿو ۽ سنڌ لئي لڙو ادو هجي، ابو هجي،
اُٿو ۽ سنڌ لئي لڙو پلي ڪٽي "پٺو" هجي،

اچو تہ ڏاڍ ڏاريون، اچو تہ ظلم توڙيون،
اچو تہ قوم ملڪ کي، نئين نموني جوڙيون،
اچو تہ واڳ وقت جي، مجاهدو ڙي! موڙيون،
ڪُنو آ قوم کي جنهين، انهن جي ٻيڙي ٻوڙيون،
انهن جا پيٽ ڦاڙيون، اِهو ئي انتظار آ!!
اوهان تي اي غريب ياءُ، سلام بار بار آ!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اوهان جي پيٽ ۾ بکون، اوهان جا لڱ لوھ جا،
اوهان جون جهوپڙيون جڏيون، اوهانجا عزم روھ جا،
اوهانجا هَڏ رُڪ جا، اوهانجا قلب ڪوھ جا،
اوهان کي ڇا ڪندا ميان!، ڀلا ڪي ٻار ڳوھ جا،

اُٺو ۽ جنگ جوٽيون، اڃا تہ منزلون پري،
اڃا نہ ماڳ تي پُڳا، اڃا تہ موملون پري،
اڃا تہ باز باغ تي، اڃا تہ بلبلون پري،
اڃان سهنج سک جون،گهٽو ئي منزلون پري،
اڃان نہ يار قلب کي، مليو ڪٿان قرار آ!!
اوهان تي اي غريب ڀاءُ، سلام بار بار آ!!

متان نہ سِنڌ ديس تي، وري ڪي سازشون ٿين،
متان نہ سَنڌ سِنڌ جا، وري بہ قيد ۾ ڳڙهن،
متان نہ ماريون وري، وري بہ جيل ۾ جلن،
اهو تہ صاف صاف ٿا ”پٽي“ کان پاڻڙا پڇن،

اِهو تہ صاف صاف ٿيون ”پٽي“ کان ڀينرون پُڇن،
اِهو تہ صاف صاف ٿيون ”پٽي“ کان مائرون پُڇن،
اِهو تہ صاف صاف ٿيون ”پٽي“ کان ڌيئرون پُڇن،
اِهو تہ صاف صاف ٿيون ”پٽي“ کان نينگريون پُڇن،
انهيءَ تہ خوف ۾ ٻُڏل، هتي جو ٻار ٻار آ!!
اوهان تي اي غريب ڀاءُ، سلام بار بار آ!!

(نوٽ: هي نظم 1970ع واري اليڪشن ۾ عوامي فتح تي سجاول ۾ منعقد ڪيل جلسہ عام ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو جي موجودگيءَ ۾ پڙهيو ويو).

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# هاري جاڳ

1

هن سنڌ وطن جا صدين کان تون، سورن ساڙيل هاري جاڳ،
توتي قهر ڪروڙين ٿيا، تون ڪاڙهن ڪاڙهيل هاري جاڳ،
توسان وير وڏيري جو، تون ويل ۾ واڙيل هاري جاڳ،
تنهنجا ٻار بري ۾ ٻارهئي، ٻارڻ ٻاريل هاري جاڳ،

وِجهہ ڪا پِنج وڏيري کي، ۽ وير سيئي تون پنهنجا وار!!
پنهنجي پوَک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

2

تون هِن ڌرتيءَ جو اَن داتا، پوءِ بہ توسان ويل وڏا،
تنهنجا ڪيڙن ڪوڏارين ۾، ٿي ويا جانب حال جڏا،
تنهنجو ماس ڳري ويو سارو، هاڻ رهيا بس! هاءِ هڏا،
توسان ويرين ويل ڪيا، ۽ تنهنجا ڪيا جي تنگ تڏا،

اُٿ ڦاڙمٿا تون تِن جا پائو! ٺوڪي پنهنجي هر جو ڦار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ تون، مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



3

تون هن ڌرتيءَ جو اَن داتا، هرڪا پوک پچائين ٿو
تنهنجي دم سان دنيا روشن، سهسين رنگ رچائين ٿو
جهنگ، جبل ۽ برپٽ ۾ پي، ميلا موج مچائين ٿو
پوءِ بہ بُکيو ۽ اَنگ اُگهاڙو، ڪائين سور سدائين ٿو

هاڻ نہ ويهہ ڪر ويڙهہ وڏي، اُٺ وَڏِ وڏيرو ڪُٺ ڪمدار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

4

تون هيءَ ڌرتي چيري ڦاڙي، اوپڙ جام اُپاڙين ٿو
تون ئي راتيون جاڳي راڻا! نِت نِت نانگ لتاڙين ٿو
تون ئي سرديءَ گرميءَ ۾، هٿ ساهہ مِني ڪي ساڙين ٿو
پوءِ بہ ڳيِي ڳيّي جي لئہ، ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙئين ٿو

سور نہ سهہ اي سهڻا هاڻي، ٻارڻ سنڌڙيءَ ۾ ڪو ٻار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

5

هيءَ تنهنجي پنهنجي ڌرتي آ، ۽ توکي پيارا پرتي آ،
هي تنهنجا ٻنيون ٻارا آهن، تنهنجي بستي بستي آ،
بس! تون ئي مالڪ مُلڪ سڄي جو، تُنهنجي هرجاءِ هستي آ،
۽ توڪئي هيڏي ساري هاڻي، ساجن ڇا لئہ سُستي آ؟

تون شينهن وانگر شور ڪري، هي ”ڏونگهن مٿن“ وارا ڏار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ تون، مڪڙچونڊي چونڊي مار!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



6

تون ”چونين، ڏانٽن، ڏاندارين سان“ ويرين تي ڪروارا ڙي،
تون پانجارين ۽ پاهوڙين سان، موذين ۾ وِجهہ مارا ڙي،
تون ”وٺاڙن سان مار وڏيرا“ لوپين ۾ وجهہ لابارا ڙي،
تنهنجي قسمت ڇاڻ تہ جاڳي، چمڪيا هاڻ ستارا ڙي،

توسان ساٿ سپن جو آهي، مُنهنجا مانجهي مٽيادار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

7

جي سوُئَر تنهنجا سَنگ ڪٽن، سي سانَور پوري ڇڏ،
ڪانياٽين ۾ ڳوڙها پائي، ڏورڻ تن تي ڏوري ڇڏ،
تنگِ ڪيو جن توکي آ،تون تنگ تِنهي جا توري ڇڏ،
”مرنداسين ۽ مارينداسين“ چنگ اِهي ڪي چوري ڇڏ،

جنگ ڪبي اڄ جابر سان، تون جوش پسائي ڪو جونجهار،
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

8

تون سنڌڙيءَ جو ”سِرويچ“ سدا، تون هاري هيرن کان بہ مٿي،
تنهنجو منصب مانِ مٿانهون، تنهنجي قيمت ڪير ڪٿي!؟
تون ئي ڪڻ مان ڪيچ ڪرين ٿو، سونا سهڻا سنگ سٿي،
”توئي ڪوڏر ڪُهاڙيءَ وارا“ ”قومن جا ڪيا ڪنڌ مٿي“

بعد خُدا جي بيشڪ تون ئي، آهين خاصو خلقڻهار!!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## اُها انڌير نگري ۾..!

اسان کي سُور ساڻھ جا، نتا وِسرن اڃا تائين!
عوامي درد دل ۾ پيا، اُٿن اُڀرن اڃا تائين!

سڄي ھيءَ سِنڌ سُورن ۾، سڙي پيئي اڙي ساٿي،
نتا ڪو سُک سڄڻ سانگي، صفا سنيرن اڃا تائين!

ڏُکويل ڏوٿين کي ڏوجھرا ڄڻ ڏاج ۾ مليا،
ڏکن ۾ ھي سندمِ ڏيھي پيا ڏُسڪن اڃاتائين!

اُھي ئي ڏاريا ڏُوکيو اچن پيا ديس پنھنجي ۾،
اُھي ئي ديس جا وارث، پيا ڏڪجن اڃاتائين!

اُھو ئي آ، ستم جاري، اڱئين ڪان پُڻ گھڻو اڳرو
سنگھاريون سوز ساڙي ۾، پيون سُڏڪن اڃا تائين!

اُھا انڌير نگري ۾، اُھو چرپٽ اڃا راجا،
”اُھو بھا ڀاڄي ۽ کاڄا،پيا وِڪجن اڃا تائين!

اُھوئي چور پيو چرچا ۾چٽّر ڪري جڳ تان،
اُھي ڀاڳيا پيا ٿاٽي ۾، ڏسو ڪُتجن اڃا تائين!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اُھا ئي ڏمَ چوريَن جي، اُھي ئي ڏوڙيا ڏاڙن،
اُھي مسڪين گھر ويني پيا ڦُرجن اڃا تائين!

اُھي ئي خونرِيزيون اڄ، اُھو ئي قتل قائم آ،
اُھي ئي قوم جا ڳلِھا، پيا ڪُسجن اڃاتائين!

اُھو اغوا اڃا جاري، جتي ڪٿ جابرن جو آ،
وٺيو معصوم ٻچڙن کي، وڃيو وِڪڻن اڃا تائين!

اُھا ئي لوڪ ھِن ۾ ڏس، لڳي پئي لانگ لوفر جي،
اُھيئي قوم جون لڄّون پيون لُٽجن اڃاتائين!

”ھتي ڏاڍو سو گابو“ ۽ ھتي ھڙ ٻوڙ حاڪم سڀ،
ھتي ھيٺن جي چاتيءَ تي، ٿا مُڳ ڏرجن اڃا تائين!

ھتي ”مسڪين جي جوءِ، ٿئي سڀ ڪنھن جي ڀاڄائي“
ھتي بيواھ ڏيئَن کي، اکيون پيجن اڃا تائين!

ھتي مسڪين جا ٻچڙا، سُڪَل لولي جي لئہ سُڏڪن،
اميرن جي ڪُتن لئہ پر، ڪُڪڙ پُڳجن اڃا تائين!

نڪو اوڇڻ اَجھو آھي، نہ آھي اَنگ تي ڪپڙو
پيا معصوم سرديءَ ۾، ٺِڙن ٺڙڪن اڃاتائين!

ھتي مزدور ھاريءَ جي تہ ھَڏ، چَم، ماس ۽ رت مان،
”نتا پيٽن وڏن وارا“ بنھہ پرجن اڃا تائين!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هتي معصوم نياڻين جي ”سُتڻ ۾ سَوَ اَگِڙ آهن“،
”اُگهاڙا تن سندا اُره“ نٿا ڍڪجن اڃا تائين!

سونهارن سِنڌين لاءِ، ٿيون عيدون بہ عاشورا،
وهائن لُڙڪ وانگيئڙا، مٿي عيدن اڃا تائين!

هلائي هَر هتي هاري، اُپائي ڍڳ ڪپهہ جا پَر،
ڏنو ناهي سَگهو ڪپڙو سندس ٻچڙن اڃا تائين!

وڏيري جي تہ ”وَڏ وَر ڏيءَ“ سدا ويسن ۾ پئي وِهسي،
مگر مسڪين جون ننڍڙيون ننگيون ڍسجن اڃا تائين!

هو رشوت خور آفيسر جو پُٽ ٿو روز پائي پَٽ،
ٻيا سهسين وڳا تنهن لئہ، پيا سبجن اڃا تائين!

هو ”روس ۽ آمريڪا“ جا ڪُتا ويا چنڊ تي پهچي،
مگر ”سنڌي اٿي اَن کي“ نٿا پهچن اڃا تائين!

هتي جي راشي ڪامورن، آ. پيتو رتّ راڄن جو،
مگر پو پيي سندن هي بڀ، نٿا پرجن اڃا تائين!

موالي مُلڪ جا ميمبر، شرابي چئرمن چونڊيا،
پيا سڀ فيصلا ناٽي مٿي نِبرن اڃا تائين!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هتي ”فرعونيت“ قائم، هتي آ. طرز ”نمرودي“،
هتي پيا ”زار“ جهڙا لک هلن رهزن اڃا تائين!

هتي پل قهر ڪيڏو ٿئي، مگر جيڪي ڪُڇن تن لئہ،
ڪٽاها تيل جا هردم، پيا ڪڙهن اڃا تائين!

انڌا ٻوڙا گونگا حاڪم، ٿين برباد شل هڪدم،
ڪيو چا قوم لئہ آهي، اِنهن انڌن اڃا تائين!

اِلاهي هن قهارن تي ڪِري ڪو قهر شل ٽُنهنجو،
اٿي جيئن پيا سنڌءِ مخلوق کي پيهن اڃا تائين!

هتي حُڪّام هيٺن جي، سِسي ڪان ٿا سُٿڻ لاهن،
هتي اِنسان پيا اُبتا، ڏسو ڪَلجن اڃا تائين!

هتي جي حاڪمن چڙيا، ڪنن تان وار واري اڄ،
هتي هيڏيون هاءِ گهوڙائون، نٿيون ٻڌجن اڃا تائين!

هتي جي ”ڪُل پريسن تي“ پٿيلن جي آ. پابندي،
تڏهن هي شعر موتين مَٽ، نٿا ڇپجن اڃا تائين!

سوين ”سرويچ“ سانگيئڙا، سُهاڳڻ سنڌ پنهنجيءَ ۾،
سڄي سڀ مُند سورن ۾ پيا سڙجن اڃا تائين!

(نوٽ: ضيائي آمريت تي لکيل).

*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## سنڌ جي سپوتن ڏانهن

جيئَن شال شاگرد سنڌي سدا،
هُجن شاد سپ سي، عوامي آبا،
اچي هر هنڌان پئي، اِها اچ صدا،
سدا ايءَ تہ هر هڪ سنڌي دان جي!

بهادر بلاشڪ بلاول شهيد،
رنگي سنڌ ساري ويو رت سان رشيد،
مُڙيو ڪين مانجهي مُجاهد مجيد،
نہ پرواهہ ڪيائين جگر جان جي!

جيئي لال ”لالا“ هي قادر جيئي،
هي بيباڪ بانڪو بهادر جيئي،
هي دلدار دودو دلاور جيئي،
ثنا ڪهڙي ڪريان سندس شان جي!!

سدا شال هي ”جام ساقي“ جيئي،
يگانو سندم يار باقي جيئي،
هي مُنهنجي اکين جو اوطاقي جيئي،
وڏي ساک سنڌ ۾ سندس شان جي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



هي مسعود منڙو ”نوراني“ جيئي،
سدا سنڌ جو يار جاني جيئي،
هي هيمونءَ جو همعصر ثاني جيئي،
نہ پرواهہ ڪيئين خان افغان جي!!

جيئي يار ”يوسف“ سدا تالپر،
هي نوجوان وطن جي ندا تالپر،
هي رهبر سچو رهنما تالپر،
نظر تنهن مٿي رهي تہ رحمان جي!!

سدا جانِ جيءَ جو جيارو لغاري،
سُجاڳيءَ جو آ، سوستارو لغاري،
هي ”يوسف“ پيارو، پيارو لغاري،
پسو جوت تنهنجي تہ جولان جي!!

غلامِ محمد لغاري بچين،
دعا ڪن ٿا توکي هي هاري، بچين،
اوهان سنڌ پنهنجي سُڏاري بچين،
ڳڻيان ڳالهہ تنهنجي ڇا احسان جي!!

فدا توتان فيضِ محمد ٿيان،
تو تحسين توکي اي قاضي ڏيان،
اٿئي مرد بيشڪ ڪي ست اٿ هِنئيان،
حمايت آ، توسان تہ حنان جي!!

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

مُبارڪ آ، توکي اي! "پٽر سنڌي"،
هي "فتاح" بہ آهي ڪورهبر رِندي،
هي "شورائي صالح" سچو آهي سنڌي،
نہ پنهنور کي پرواهہ جگر جان جي!!

گرفتار ٿي آهي "اختر بلوچ"
ڏسو هن نياڻيءَ سندي سمجهہ سوچ،
زبان لاءِ ڪيڏي اٿس لوچ پوچ،
ڪڍيئين ڪين ڪا، ڪاڻ زندان جي!!

اکين منجهہ تنهنکي مان جايون ڏيان،
سندس جوش جذبي تان صدقي ٿيان،
هيءَ عورت جي همّت ڏسو اي! ميان،
هيءَ قوّت ڏسو تنهن جي ايمان جي!!

مُبارڪ اي مائي سدا شل جئين،
تون پنهنجي وطن جي تہ ڀاڳهي ٿئين،
سدا سنڌ سان نينهن نياڻي نڀائين،
حمايت ڪيم تنهنجي اعلان جي!!

ٻيا پِي سوين ٿي سچڻ دلنواز،
لڙن حَقّ پنهنجي جي لئہ جانباز،
ڪري سنڌ تن تي سدا ناز ناز،
ڪَئي بازي مردن تہ ميدان جي!!





Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اکيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

سوين ٻيا بہ سورهيہ جوان ڪن جهاد،
مگر تن جا نالا رهيا ڪونہ ياد،
هُجن سي بہ سيئي، سدا شاد باد،
وڏي جن ڪان عظمت آ، انسان جي!!

اُٿو ٻيا بہ سنڌي اوا! مُردا نہ ٿيو
زبان لاءِ پنهنجي ڪا ڪوشش ڪيو
جيئڻ جي ٽا چاهيو جوان ٿي جيئو
ڪپي ماني جڳ ۾ ميان مان جي!!

شروع نوجوانن ڪيو سلسلو
دلين ۾ جنهن پيدا ڪيو وَلولو
اچو ءِ اچو! دوست وڏندا هلو
گهڙي ٿوري آهي ڪا امتحان جي!!

اچو پيار مان يار پيرا پري،
نہ منزل ڪا هاٽي رهي آ، پري،
هي "سرويچ" هرهر پيو سڏڙا ڪري
اَٿَوَ مهل مانجهي هيءَ ميدان جي!!

(نوٽ: 1970ع ۾ سنڌي شاگردن جي هلايل "سنڌيءَ ۾ لسٽن ناهڻ" واري جدوجهد وقت لکيل).

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


# هي دلبر دلبر ديس وسي!

جت مانجهي مٽيادار هُجن،
ءِ وانگيئڙا وينجهار هُجن،
جت جهوپن ۾ جونجهار هُجن،
ءِ پلوانن جا پار هُجن،
جت آرڙا ڪئين اڙٻنگ هُجن،
ءِ چپ تي تن جي چنگ هجن،
جي مُلڪ مٺي جي محبت ۾،
بس! ماڳهين مست ملنگ هجن،
تن ماڻهن موتيءَداڻن جو، هي دلبر دلبر ديس وسي!!
اوا! وانگي وِڪّ وڏايو جيئڻ هي، نيئن سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!

جِت چوڙيلين جا چاڳ هُجن،
ءِ ياڳياڻين جا ياڳ هُجن،
جت روح رچندا راڳ هجن،
ءِ مارن مال ميهاڳ هُجن،
جت ٺڏڙا ٺڏڙا ڏينهن هُجن،
ءِ وسندا رهندا مينهن هجن،
جت مرد سپئي اٽموٽ هُجن،
پر جوبون پيي جڻ شينهن هُجن،
سو ساٿهه سُهڻن سنڌين جو، هي سُندر سُندر ديس وسي!!
اوا!وانگي وِڪّ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


جت جوڏا دودا ڏنگ هُجن،
ءِ لوهي تن جا لِڱ هُجن،
جن سانن جهڙا سڱ هُجن،
ءِ ريٽا تن جا رنڱ هُجن،
جت ڪونڌر پُٽ ڪنوات هُجن،
جي اونداهين ۾ لاٽ هُجن،
جت ڳورن ڳورن ڳوٺاڻن جا،
هيڏا هيڏا ڳاٽ هُجن،
سو ڳاڙهو ڳاڙهن ماڻهن جو هي، ننگر ننگر ديس وسي!!
اوا! وانگي وِڪّ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!

جت موجن ۾ مهراڻ هجي،
ءِ مينهن جي مانداڻ هجي،
جت چيٽن ۾ چانداڻ هجي،
ءِ لوين جي لالاڻ هجي،
جت جيڏين جا جنسار هجن،
ءِ ساهيڙين سينگار هجن،
جت راڻين راڄ ڏيجاڻين جا،
بس! ساٿ هجن، سهڪار هجن،
جت بر ٿر بوُند بهار هجي، سو بندر بندر ديس وسي!!
اوا! وانگي وِڪّ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جت تن من ۾ ٺُون–ٺُون بہ هجي،
۽ چنگن جي چُون–پُوَن بہ هجي،
جت پؤنرن جي پوُن–پوُن بہ هجي،
۽ رڳ رڳ ۾ رُون–رُون بہ هجي،
جت جهانگين جي جُو–جُو بہ هجي،
۽ ڏونرن جي ڏوُ–ڏوُ بہ هجي،
جت گهر گهر اڱيان مال مِڙن،
گوُهن جي جتي گهوُ–گهوُ بہ هجي،
سو ڏيھ ڏهيسر مُڙسن جو هي انچر–منچر ديس وسي!!
او!وانگي وِکّ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!

جت چانديءَ هاٺا چيٺ هجن،
۽ کاهوڙين جا کيٺ هجن،
جت ڪُهريون ڪيٺيون ڪيٺ هجن،
۽ ٻيلا ٻنيون ٻيٺ هجن،
جت هارين جي هونگار هجي،
۽ هنڌ هنڌ تي هُبڪار هجي،
جيئن پنهنجي ويڙهہ وطن ۾ يارو!
وِک وِک تي وٺڪار هجي،
جت ڪيچ ڪٽي مان روز ٺين، سو ڪينجھر ڪينجھر ديس وَسي!!
او! وانگي وِکّ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جت لال لطيف جي لات هجي،
۽ سچّل جي سوغات هجي،
جت پيچ پني برسات هجي،
۽ وَس وَس وائي وات هجي،
”هوُ هوُ“ جو هُجي هُل هُل بہ جتي،
خوشبو ۾ ٻُڏل گُل گُل بہ جتي،
جت پِٽ–ڏٽيءَ جي وائي هجي،
”سنڌوءَ جي هجي ٻُلبل بہ جتي“
سو سانگ سونهارن سپرين جو هي ساجهر ساجهر ديس وسي!!
او! وانگي وِکّ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!

جت ٻانهيارين جا ٻول هجن،
۽ پيرُن پريل جهول هجن،
جت ٽؤنر ٽِڪون پيا ٽول هجن،
هي ڏاتي مارو ڍول هجن،
جت پنهنواريون سپ پاڪ هجن،
۽ پاڳياٽيون بيباڪ هجن،
جي هنج هرڻ ۽ هيرا چا؟
پر حورن کان حُسناڪ هجن،
جت ماڻڪ موتي موڪ مِلن، سو ماجر ماجر ديس وسي!!
او! وانگي وِکّ وڏايون جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جت ماروئڙا مستان هجن،
جتِ ساموندي طوفان هجن،
جت اعليٰ ڪئين انسان هجن،
جي مُلڪ مٿان قربان هجن،
جت سنڌيئڙا ”سرويچ“ هجن،
۽ پائن وانگر پيچ هجن،
هِن سِنڌ سونهاريءَ ڌرتيءَ سان،
بس! پاتل جن جا پيچ هجن،
سو پنهنوارن جي پڪڙن وارو پانوَر پانوَر ديس وَسي!!
او! وانگي وِڪّ وڌايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي!!

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## مارو زنده باد قلندر - مارو زنده باد

تون مروند جا اي مست ولي،
تون لال لکي او آلِ علي،
مان تنهنجي پڳن جي خاڪ کٽي،
اکڙين ۾ وجهان اي گهوٽ گهٽي،

تون مستن ۾ ممتاز مٺا،
تون سنڌڙيءَ جو شهباز مٺا،
تون اندر جو آواز مٺا،
تون هِند سنڌ آهين ياد قلندر،
مارو زنده باد قلندر_مارو زنده باد!

هي باباٽا پلوان اُٿيا،
بس! جهڙا ڪر طوفان اُٿيا،
هي ماٺهو مٽيادار اُٿيا،
۽ جهوپن مان جونجهار اُٿيا،

هي سورهيه ۽ سرواڻ اُٿيا،
هي چيتا شينهنءَ چرياڻ اُٿيا،
هي ڏوتي ڏڻ ساڻ اُٿيا،
اڄ نر وجائي ناد قلندر،
مارو زنده باد قلندر_مارو زنده باد!

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


هو گيدي آ گن مشنن سان،
هي ڏهيسر وڙهندس ڏندن سان،
هو بزدل آ بمبارن سان،
هي شينهن گڙن گجڪارن سان،

هو راند نہ ڇاٽي پارن سان،
پيو اٽڪي اجرڪ وارن سان،
تن ڪيهر پٽ ڪنڌارن سان،
جي ڀاڳين جو اولاد قلندر
مارو زندهہ باد قلندر — مارو زندهہ باد!

هن سنڌڙيءَ تان سر گهور ڪيا،
هي هيٺا سڀ شهزور ڪيا،
هت دشمن تنگيا ڀالن تي،
۽ ڪانگ بہ لنوندن لاشن تي،

هي سنڌڙيءَ جا ”سرويچ“ اٽيا،
۽ ننگر پونگر پيچ اٽيا
هي پختا پائي پيچ اٽيا،
جي پور ڪندا بيداد قلندر
مارو زندهہ باد قلندر — مارو زندهہ باد!

*


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


# ماهيءَ ماکيءَ جي ڪرلار

بيت

دوها

ڪافيون

وايون

گيت

لوڪ گيت

Gul Hayat Institute


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## بيت

پچان پچان ڏوُر آديون آمن ڪارڻ،
جيئن جيئن وجان جيڏانهن، تيڏانهن رُڳا سوُر،
سڙيل هن سماج ڪيا، مونسان قهر ڪلوُر،
ديسين جي دستوُر، مونکي رت رئاريو!

*

وڏا ڪديو پار ويني روئي سنڌڙي،
لائق لال لطيف ڪي، ڏي پرين سندا پار،
تہ وديا، چيريا، چِچريا، هي ماروئڙا مهندار،
مرضن ماريون ماڙيون، جي لوياريون لچدار،
جَر وهائن جهانگين جا، پيدا توڙي پار،
دل ۾ درد هزار، سانديو گهمي سنڌڙي!

*

ڪلهن متي ڪنڌ، رکيو سچيون راتڙيون،
پٽائي ۾ سنڌ، وينا روئن پاڻ ۾!

*

جيءُ پٽائي جيءُ، سائين والي سنڌ جا،
پُڏي عرض اسانجا، تون اچي اوڏو ٿيءُ،
سوا تنهنجي سپرين، سانگين لڳي سيءُ،
وانگين سندو "ويءُ" ڪنهن عمر آهي اُجاڙيو!

*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جيءُ پٽائي شاهہ، سائين والي سنڌ جا،
تنهنجيءَ سهٽيءَ سنڌ ۾، اڄ سانگين سُڪا ساهہ،
ڪامي، ڪاچي، پچري، تو ماروئڙين جو ماهہ،
وانگياڻين جي واهہ، واڳُن سندي وات ۾!

*

پايو پُڇيءَ پانهن، لاڪيڻي لطيف ڪي،
دردن سندي دانهن، سُڏڪيو ڏي پئي سنڌڙي!

*

پٽائي ۾ سنڌ، ڪنڌ گُهرن ٿا قوم ڪان،
ڪو آهي ارجمند، جو ماءُ ۾ مُرشد ڪي مَجي؟

*

اڄ بہ پنهنجي جُو جلي پيئي جانبو،
ڪامي ويئي جنهن سندي، خوشي ۾ خوشبو،
اچي پيئي انهيءَ مان بيدادين جي بوُ،
ساٽيهہ مان "سرويچ" چئي، ويئي رونق روُ،
مُشڪ پري موءَ ڪا، مانجهي آٽيو ملڪ ۾!

*

اڄ بہ پنهنجا ڪيٿ، ڪجن، ڪامن ساٿيو
ساري سونهن ڇڏي ويا، ڇهچ هئا چيٽ،
ساٽيهہ ۾ "سرويچ" چئي، اڄ لوياريون ٿيون ليٽ،
پُنيءَ لڳا پيٽ، پنهنجي پنهنوارن جا!

*



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اج بہ پنهنجا پار، رُوئن ڳوڙها رت جا،
پٽڪن تتي ٻٽ ۾، هو بکيا ۽ بيمار،
هيڏي ساري لوڪ ۾، ٿيا لانجها ۽ لاچار،
اڱ اُگهاڙا، اَڻ پڙهيا، پُهچن کهڙي پار،
ويٺا ڏسو پار، اجان ڪنهنجي آسري!!

❊

اج بہ مارو مير، ماري وڏا مامري،
سوگهو سنگهارن جو ٿيو سنگهر منجهہ سرير،
ڪلف ڪڙولا ڪنڌ ۾، ڪوڙين کِل ۽ ڪِير،
هلائون حمير، ور ڏيو وانگين تي ڪري!

❊

اج بہ ماروئڙيون، سِڪن سُڪئي ساهہ لئي،
ملن هر ڪنهن ماڳ تي، تنهي کي تڙيون،
راڻين روپ چڏي ڏنا، ۽ رويو ڪن رڙيون،
گوندر منجهہ گهڙيون، سرتيون گهارين ساٿيو!

❊

مارو ملڪ ملير جا، هئا هردم اوچي ڳاٽ،
ماريو ماروئڙين کي، اج عمر جي اورات،
حاڪم هيٺن ساڻ ڪئي، تہ ٻڪر جيئن ٻوسات،
ٻُڏئي ٻوڙا ڪينڪي، کي ٻاڪارون ٻيرات،
سانگين تي ”سرويچ“ چئي، ٿيا سونٽن جا سوسات،
مارئي تنهنجي محل ۾، بند هئي عمر اڳوات،
وانگين ڪارڻ ويچاري ڪيا، لک ڪٽئي لولات،
مون کي ڪاتي ڪات، مارُن مارج ڪينڪي!

❊





مارن مارج ڪينڪي، تون هاديءَ لڳ حمير،
آءُ تو وٽ آهيان، هت عُمر سڀ اسير،
توٽي جنم جيل ڏي، توٽي وجهہ تڪبير،
اُف نہ ڪنديس ڪڏهن، اي عُمر جام امير،
مگر منهنجي مَارُن جي، توکي پارت ڪارڻ پير،
سانگين لئي ”سرويچ“ چئي، هت سِڪي ساهہ سرير،
ويجهو وج نہ وير، وانگين جي تون وار ڪي!

❊

وانگين جي تون وار ڪي، نا حاڪم لائج هٿ،
توکي پوتيون پايو ڪريان مارُن ڪاڻ منٿ،
پرور ڪارڻ پرتي تو کي، پنهنوارن جي پٽ،
ستائي نہ ”سرويچ“ چئي، هو سانگياڻيون منجهہ ست،
هر هر ٻڌي هٿ، مارُن ڪارڻ مارئي!

❊

مارُن ڪارڻ مارئي، تي لائق ليلائي،
ڳل ڳراٽيون ڪيتريون، ٿي پاند عمر کي پائي،
وانگين ڪارڻ ويچاري، تي وَر ڏيو واجهائي،
سارو ڏينهن ”سرويچ“ چئي، سا اُپي اُونائي،
پوتيون تي پائي، پنهنوارن پسڻ لئي!

❊

پاندن پوتين جو نہ ٿيو ڪو عمر کي احساس،
سو ڪيائين سانگين سان، جيئن رڍن ۾ راڪاس،
سُڪي ويو ”سرويچ“ چئي، سنگهارن جو ساس،
ڏکن ڏيل ڏري ڇڏيو هو اَنئي پهر اُداس،
گونگن جيان گُهمن پيا، منجهہ ويڙهيچا وسواس،
ڪيو ڪونہ قياس ”عُمر“ اوراجن مٿي!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



پاڻ کي ساڙي نانگ لتاڙي، آنَ جا اَنبار ڏنئون!
ڏاڍن جي هن ڏيهه ۾ تن کي، پوءِ بہ ڏاڍي مار ڏنئون!!

❋

سرديون گرميون سِرتي سهندي، ڪيڏا ڪپهه جا ڍير ڪيئون!
پر واهه وڏيرن جو هي وڙ جو تن سان ويتر وير وڌئون!!

❋

ڪوڏارون ۽ ڪيڙون هٿندي، ڳُلها جگر ۽ ڪنڌ ڇنان!
سرديءَ جي سيءَ ساڙيا سانگي، سينا سِر ۽ سِنڌ سُڪانِ!!

❋

بيگارن جي باهه ۾ سڙندي، بيٺ ۾ پئجي ويانِ ٻنا!
سائين منهنجن سانگين آهن سچ پچ سهسين سور سنا!!

❋

ڇا جون عيدون، ڇا جا ميلا، مارو مانيءَ لئي مجبور!
”ڏوڙ پوئي ڙي دنيا“، تنهنجو دردن پريو آ دستور!!

❋

ڇاجون خوشيون، ڇاجون شاديون، ڇاجا هي پر ڍُهل دَمامَ!
ماروڙن جي مَنهَن ۾ بس، متو رهي ٿو پيو ماتام!!

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



ساماٽيلون ڏيئون تن جي گهر ۾ گهوڙا ڙي! نانگيون!
ظالم زردارن جي مُنهن تي مَلجن ويهي ڪي دانگيون!!

❋

چنڊن ڪنوٽن جهڙيون تن جون، زالون ليڙن منجهه لڄي!
”يا تہ پنيور کي باهه ڏجي“ يا مُئيون پيڙي وججي پجي!!

❋

پيارا پيارا پٽڙا تن جا پلپل پورن منجهه پچن!
هوڏي زردارن جي محفل ۾ ٿيون ناريون روز نچن

❋

نرمل نرمل نياڻيون تن جون پوتيءَ هڪ لئي پار ڪين!
هوڏانهن زردارن جون زالون هيرن جا ٿيون هار وجهن!!

❋

هيڏو هي ڏس تنهنجي دنيا ۾ ويو مچي انڌير الا!
رهندو اهڙي راڄ ۾ آخر تون ئي ٻڌائج ڪير ڀلا!!

❋

زردارن جون زالون آهن مسڪينن جون مائون ڙي!
مسڪينن جون زالون زردارن جون محبوبائون ڙي!!

❋

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



پنھنوارن جا پُٽڙا ڏيئون علم ڪنان محروم ٿيا!
ماڻھن جي ھن ميڙ ۾ ھو معصوم ڏسو مظلوم ٿيا!!

❊

پير اسانجا جا پٽيل پنھنجي پيٽ جا پوڄاري!
قوم ويچاري کي تہ ھنيو تن ھاڄن ۾ آ ھيڪاري!!

❊

”شاھہ“ اسانجا شيل شڪارن جا تہ وڏا شوقين ٿيا!
قوم جو اونو ناھن ڪو ھو ناٽي تي نابين ٿيا!!

❊

مير اسانجا ميخانن ۾ مستيءَ ۾ مدھوش ڏسون!
قوم سندي ڪم ڪار ڪنان سي راڻا ٿا روپوش ڏسون!!

❊

واگھہ وڏيرا قوم وطن جا ويري، ويري، ويري، ڙي!
ماروئڙن ڏي نيّت تن جي ميري، ميري، ميري ڙي!!

❊

ڪامورا ھن ڏيھہ سندا ٿا ڏينيوءَ وانگر ڏَنگ ھڻن!
قوم جو ڪنڌو ھيڪاري سي ڪاٽا وينا روز ڪٽن!!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



واپارين جو وارو آھي، خوب ملاوت اگھّہ وڌا!
ھيٺن ماڻھن جا سي ڪائي ويڙا رت چم ماس ھڏا!!

❊

ملان مئلن جيئرن جون ھت ٻيڙيون وينا ٻوڙين ڙي!
ڦيٽن ڏاڳن سان ڏس سانگين جون پيا سيرون چوڙين ڙي!!

❊

خوب خوشامدڙيا ڪي شاعر قوم جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾!
ڪوڙ جي ڪوڏين خاطر آھن پورا بغلن ٺوڪڻ ۾!!

❊

ايڊيٽر ڪي قوم جي اکين پيا وجھن ڏس ڌوُڙ ميان!
سچّ کي سوريءَ چاڙھڻ خاطر ڪوڙئين چاپن ڪوُڙ ميان!!

❊

ھي ھيڏو سارو دوکو دنيا ۾ ڪيئن سانگي ساھہ کڻن!
ھي سپ ماڻھو گڏجي مارن کي ٿا ھاڃي منجھہ ھڻن!!

❊

سچا شاعر صدين تائين سڏبا پيا ”سرويچ“ ھتي!
دوھا ھي دُک پريا تنھنجا پڙھبا پيا ”سرويچ“ ھتي!!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

## ڪافي

جلي پئي ڪا جيجل، جُهريل جهوپڙيءَ ۾،
حياتي ٻَلا ٿي، آ ڇهتيس نڙيءَ ۾!
ويس ماس سارو هڏن تي سُڪي ڙي،
گرهه ري ته گهوڙا گجر تي گُڪي ڙي،
پيئي سا چوڙيلي، چُرڻ کان چُڪي ڙي،
روئي رتّ ريتو سا هر راتڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!
نڪا ليڙ آهيس لِڱن تي سجي ڙي،
بنا اَن ڏاٽي تيس ٻُت پچي ڙي،
سڙي سيءَ اُس ۾ سا ويئي سجي ڙي،
رهيو مس پَسهه تس وجي پاپڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!
ٿُتي سنڌ تنهنجا پيا سَنڌ کان ڙي،
هجي ويئي سا هاجن ۾ هنڌ هنڌ کان ڙي،
ڪڙهي ماس ويڙس ڪُلهي ڪنڌ کان ڙي،
وڏا ڏام پئجي ويس ڏونگڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!
سوين سور "سرويچ" سِرتي سنائين،
سدا لڄّ ليڙن ۾ پنهنجي لڪائين،
وڏا ڏاڍن جا هر ڏينهن ڏنا ئين،
رکيئين سنڌ جو ته ٻه پرم پونگڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪاجيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!

❊





## ڪافي

غير هتي وچ دور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان،
غيرت مند غيور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

هوش سان منهنجي ڳالهه سڄي سڻ،
توکي ته ڏيندس ڪين ڪڏهن پڻ،
اِنچ وطن جو مور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

سنڌ جي هرهڪ چيز پياري،
سون هجي يا هوئي واري،
واري به اُن جي نُور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

ڪين اُنهيءَ تي ڪجهه به سهان ٿو
عشق ۾ تنهنجي مست رهان ٿو
مست رهان مخمور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

راهه انهيءَ جي جو پيي روڪي،
خوب لڳايان تنهن کي ٺوڪي،
اکين منجهه اَنبوُر الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

موت کان ماڳهين ڪين مُڙان ٿو
توب بمن ۾ ڏوڪي گهڙان ٿو
مات ڪريان مغرور الا!مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪافي

ڪي هوشو ڪي دودا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي ”بلّوءَ“ ۽ بانڪا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي!
هجي ديس جن کي پَسهه کان پيارو،
وِڙهن ويرين سان ڪري وير وارو،
ڏسن ڪين ڪڏهن، ڪو سانوڻ سيارو،
سي ڳيرو ۽ ڳوڏا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي!
ڏيو تن کي پينگهن ۾ لوڏي هي لوليون،
چئيءَ ۾ ئي تن کي ٻُڌايو هي ٻوليون،
تہ دشمن کي ماريو هٽي گُرز گوليون،
سي جرنيل جوڌا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي!
ڪهاڙين سان ڪوڏيا، ڪڏندا اچن جي،
لٺين لوڙهين ساڻ، لڏندا اچن جي،
۽ ميدان ۾ مانجهي ٽڏندا اچن جي،
سي ڪرنيل ڪوپا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي!
اُهي لال سانديو لڙن سنڌ لئي جي،
رکي سِر ترِيءَ تي وڙهن سنڌ لئي جي،
جيئن سنڌ لئي جي، مرن سنڌ لئي جي،
سي ”سِرويچ“ سوڍا، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي!

❋


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪافي

سنڌڙي توتان گھور ٿيان، او سِرويچن جي سُرخ زمين،
توتان سِر ۽ ساھہ ڏيان، او سِرويچن جي سُرخ زمين.

تون ۾ اکڙيون کوليم،تو ۾ هوش سنڀاليم منهنجي ماءُ،
تنهنجي سائيءَ ڌرتيءَ مان پڻ، سُندر سُندر آيم ساءُ،
تنهنجي جذبي هيٺ جيان، او سرويچن جي سُرخ زمين،
سنڌڙي توتان گھور ٿيان........

ٿڌڙو ٿڌڙو صاف ۽ سُٺرو، منهنجي مَن لئي آ اڪسير،
ماکيءَ مصريءَ کان بہ ملّذ، منڙو جهڙو مينهين کير،
تنهنجو پاڻي پاڪ پيان، او سرويچن جي سُرخ زمين،
سنڌڙي توتان گھور ٿيان........


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


تنهنجي هنج هندوري وانگر، جنهن منجهه جهوٽا کاڌم جام،
تنهنجي جوٽ تي جاڳي جاڳي، نيٺ تہ ايندو ٿم آرام،
تنهنجي پڳ تي ساهہ پٽيان، او سرويچن جي سرخ زمين،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان........

منهن مٿي ۾ مَليان تنهنجي، مُشڪ کان وڌ جا آهي مِٽي،
سيني تنهنجي تي ڏيان سڪرون، من کي ٺاريان ڪجهہ تہ مِٽي،
سينڌ سندءِ تي سجدا ڏيان، او سرويچن جي سُرخ زمين،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان.......

تو ۾ دودو دريا خان ۽ "هوشوءَ" جهڙا شينهن هزار،
توتان ڪونڌر ڪنڌ ڏين جي، ناهي تن جو انت شُمار،
تن کي صبح شام سڏيان،او سرويچن جي سُرخ زمين،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان........

توسان پختا پيچ پيا، "سِرويچ" سڏايان جيجل ڙي،
تنهن جا ڳُڻ ۽ ڳالهيون، ڳلين ۾ پيو ڳايان جيجل ڙي،
توسان نباهي نينهن نيان، او سرويچن جي سُرخ زمين،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان........

*


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪافي

منهنجي منڙي ملڪ تي، موجون ملهاريون هوُنِ شال!
ٻاڳين جي "ٻوُن" مٿي، بوندون بهاريون هوُنِ شال!

ڏيهہ ساري ۾ نہ ڪوئي، ڪِٿ هجي ڏوٿي ڏکيو،
سادڙا سانبي گذارن، جيئن سدا سنهجو سُکيو،
سانگين جي سيم جون ساريون ئي ساريون هوُنِ شال!
مُنهنجي منڙي ملڪ تي........

ٻانهن لوڏي ٻاگهيون، ٻانَهين سان ٻنين ۾ گُهمن،
لال لوين جون ليارن ۾ ٻڏي لوڏون لُڏن،
سينڌ سُرهيءَ ساڻ ساٽيهہ ۾، سنگهاريون هوُنِ شال!
منهنجي منڙي ملڪ تي........


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جوت جهِر مِر سان جڙيل جهانگين جي جوُ جوُ جوُ هجي،
گهر اڳيان گُجرون مِڙن گوهن جي گهوُ گهوُ گهوُ هجي،
ڪنڌ هيڏي ساڻ ڪانڌن سان ڪنواريون هوُن شال!
منهنجي منڙي ملڪ تي...........

عام ڪي اُلڪو نہ اونو آب داڻي جو هجي،
پاڳ بالا ۽ بلند پاڳين جي پاڻي جو هجي،
ڏڻ چرن ڏاجور تي ۽ خوش ڏنارون هوُن شال!
منهنجي منڙي ملڪ تي.........

شاهہ جون وايون وٿاڻن ۾ وڻن ۾ گونججن،
بيت ساڻون جا مٺا جهر جهنگ ۾ جهونگارجن،
روز ريجهون ۽ رهاڻيون، روح واريون هوُنِ شال!
منهنجي منڙي ملڪ تي........

مرض مهنگايون مڙئي مارن ڏي ماڳهين مُنهن نہ ڪُن،
صاف دل ”سِرويچ“ سانگي، سپ سُکيا ساوا هجن،
ڏيهہ ساري ۾ تہ ڏينهاڻي، ڏياريون هوُن شال!
منهنجي منڙي ملڪ تي........

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڪافي

روز سهي سنڌ سوُر الا! سنڌي ڍولڻ،
اڃا وينا ڏسو خوش ٿي پيا ڪلو! ير! حيف اَٿَوَ.

ساريو سُهاڳ پنهنجو روئي نماڻي،
ماري مرض ڪئي آهي چُور الا! سنڌي ڍولڻ،
اڃا وينا ڏسو خوش ٿي پيا ڪلو! ير! حيف اَٿَوَ.

جنهن جيجل ڏنيون لوليون لاڏ منجهان،
اُن تي ظالم ڪئي آ گهوُر الا! سنڌي ڍولڻ،
اڃا وينا ڏسو خوش ٿي پيا ڪلو! ير! حيف اَٿَوَ.

ويرين ڪي تہ يارو وَرَ ڏئي هٽون اڄ،
اَکين منجهہ اَنبور الا! سنڌي ڍولڻ،
اڃا وينا ڏسو، خوش ٿي پيا ڪِلو! ير! حيف اَٿَوَ.

سنڌڙي ڪان سِر ڪير جهليندو
”سرويچ“ مرڻ منظور الا! سنڌي ڍولڻ،
اڃا وينا ڏسو خوش ٿي پيا ڪِلو!ير! حيف اَٿَوَ.

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڪافي

ڏنارن ري هتي منهنجي، لڳن دل ۾ پيا دم دم ڏَڪ،
پَون چوڙيلين ڏاران، ٿا چم ۾ چِير دل ۾ چَڪ!

هِنيون جيڏين سان هُت هيري، پِٽن پر پاس هر پيري،
ڦُلن ڦرهين تان ڦر ڦيري، ڦڪيم ڦوڳن جا ڦوُڪي ڦَڪ!

ڏنارين جو چوان ڇا دم، هوُ سيرت سونهن ۾ سالم،
هوُ حورون هيچ ڪن هڪدم، اچن اوڊي جڏهن اَجرڪ!

ٻنين ۾ ٻاجهري نِسري، مٺا آيون جيهي مصري،
مڙيئي ميوا وجئي وسري، مٺي ڪائي ڏسين جي مَڪ!

هيءَ سِڪ "سرويچ" ٿم سانديي تـ مِٽ مُئيءَ جا ٿين ڪانڌي،
ءِ پوري مڙهـ سندم سانبي، رکن ڏوٿي هٿن سان ڏَڪ.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## ڪافي

وسايو ڙي! بادل ٿڌي بوُند بوُند!

وطن جا تـ وڙڪي گهمون گهيڙ گسڙا،
سجڻ ساڻ ڳايون وچينءَ ويل ولڙا،
ڪريون ريلڙين ۾ ويهي راند روُند،
وسايو ڙي بادل ٿڌي بوُند بوُند!

وٺون واس وس جا وجي وِيءَ ور ۾،
مٺا ڪير ماهيا پِيون ٿاڪ ٿر ۾،
ڪُڏون لِڪلڪوٽي حبيبن سان هوُند،
وسايو ڙي بادل ٿڌي بوُند بوُند!

ٿئي ڏيهـ ڏُڪيو تـ خوشحال سارو،
وري وانگين جو وري شال وارو،
لهي ڪاهوڙين تان ڪپت ڪنونس ڪوُند،
وسايو ڙي بادل ٿڌي بوُند بوُند!

وجي سنڌ "سرويچ" سنيگار جي جيئن،
هلي هير هر پار هُبڪار جي جيئن،
ٿئي سائو ساٽيهـ ورن واءُ وَهوُند،
وسايو ڙي بادل ٿڌي بوُند بوُند!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## ڪافي

سدا والي وسائج هي، وطن منهنجي ولهارين جو.
ڏسان جنهن ۾ تہ شل آئون، مٿل منڊل ملهارين جو.

لهي سڀ ڏنجهہ ڏولائو ٿئي مارن سان ميلائو
پَسان ساٿيهہ سُکيو سائو سندم سورهيہ سنگهارين جو.

هينئن تان سڀ لهي هورو ٻُڌان هر ماڳ تي مورو
اچي ڪو دور ۾ دورو، ڏُکن ماريل ڏتارين جو.

جبل جهنگل کي برسائين، رِڻن جي رونقون لائين،
الاهي ڪر الله سائين، تون اَن پاٽي پنهنوارين جو.

ڏسان "سرويچ" ساڙيهہ ۾اُتر، تر، لاڙ ڪاري ۾
اجان ئي ڏيهہ ساري ۾، اُڇو ڳاتو ڳنوارين جو.

❊


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## وائي

سرتيون! پڇو جي سچ! وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

مون تي منهنجيءَ مادر جا ميان! ڳُڻ تہ ڳڻڻ کان ڳچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

سنڌڙيءَ تان سِر گهورڻ خاطر، عاشق ڪُڏندو اچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

"مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون" نعري انهيءَ تي نچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

جيسين جيئندس پرندو رهندو من ۾اِهو ئي مچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

قول انهيءَ ۾ قادر جاٽي، ڪوڙ نہ آهي ڪچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

ساري حياتي "سرويچ" ميان تون، پوُر انهيءَ ۾ پچ وو الا.
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان.

❊


Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

سونهي نانءُ سونهاري سان ٿو ٿاريلين جو ٿاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

جڳ سڄي ۾ جَهرڪي مَرڪي هرهنڌ جنهن جي هاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

جنهن جي خاڪ ڪٿوري جهڙي، جنهنجو پاڻي پاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

پاڪ بنايئين پاڙي وارا، پاڻ اڳيئي پاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

جنهن جي جوڏن دودن جي آ، دنيا اندر ڌاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

”هوشو“ جنهن جو هاڪارو ۽ ”حيدر“ هيبتناڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

سينڌ پٽين سان ساهيڙيون جِت، پاڳياٽيون بيباڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

مِٽّي جنهن جو مُشڪ ۽ عنبر، خوشبوءَ واري خاڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

ور ور ڏيئي تن تي يارو، ويري ڏي پيو واڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

سانگي سڀ ”سرويچ“ انهيءَ جا، دوُلهہ دهشتناڪ.
الا! هي ٿاريلين جو ٿاڪ.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

مارو منهنجا ڍول، سانگي منهنجا ڍول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

ماکي مصريءَ کان پيي مِٺڙا، ٻاٻاڻن جا ٻول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

وِهان وڏاٽي ويس انهن جو، لويون لاک رتول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

لوين ۾ هُت لوياريون ائين، جهڙي پڪل ڪا گول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

مانڌاٽيون، مَٽ، ماٽيون، تن جون ٽيئي ٽنديلا ٽول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

گُرڙن، گولن، گگرالين مان جهانگين پريا جهول،
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون.

ساٿيهہ ۾ ”سرويچ“ سدائين، عيدون عيش اَلول،
سي ڪيئن وساريان سين آئون.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

وِيَڙم نيڻ سُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

ڇُوڙيلين ۾ چونرن لاءِ، ٽيپس چوُر ڇُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

پنهنوارن ڪا پيرُن جي لَپ، مُئيءَ ڏي ڪانہ مُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

ٻاٻاڻن ڪان ڪانہ ملي ٽم، ٻاجهہ سندي او! ڪابہ ٻُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

ساعت ۾ ”سرويچ“ پُڄان من، ڍاٽين پاس ڏُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

ساري سپ تہ ڄمار
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

جيئي جيجل سنڌڙي، اِيءَ تَنَ منجهہ روز تنوار،
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

سوُنَهِن پنهنجيءَ ”سيم“ ۾ سارو ڏينهن سنگهار،
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

سيڪي ڪائن سنگڙا، هو ٻهراڙيءَ جا ٻار،
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

لوئيارن جي آهي لڳي، اڄ لوُن لوُنءَ منجهہ لغار،
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

سنڌڙيءَ ۾ ”سرويچ“ ڏسان شل، ساوڪ سونهن سُڪار،
آئون ساهہ گهورينديس سنڌ تان.

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

سُرها سيڻ سنگهار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

پوئي پڌم پَساهه سان، پکا ۽ پنهوار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

درد ڏکايم دونهان دل ۾، دَم دَم ياد ڏنار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

نيڻ ٽمايم ننڊ ۾، سُئڙم رات سنيار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

ويل نہ وسرن هيڪڙي هو وانگيڙا وينجهار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

اڄ بہ نڪري اُن ريءَ اندر مان اوڇنگار،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان؟

❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

مِٽ نہ موٽيم ڪوئي، حال وڃايم روئي،
ماڙين مَاري مارِي آهيان.

لاڪيٽن جي لاءِ لُڇندي، ليڙون ٽيئڙم لوئي،
ماڙين مَاري مارِي آهيان.

وار نہ ويڙهيندس هي ڪڏهن، ڏنارين ري ڏوئي،
ماڙين مَاري مارِي آهيان.

ڏوٿين مونڏي ڪانہ مُڪي، ڪا ڏونئرن سندي ڏوئي،
ماڙين مَاري مارِي آهيان.

جو سائينءَ لکيو "سرويچ" ادا هت، لوڙيان وينِي سوئي،
ماڙين مَاري مارِي آهيان.

❋

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## وائي

هردم هَنيڙا يار،
ڏونگر ڏايا ڏنگ ڏُکيءَ کي.

هينئڙي ۾ هِت هوتن جا ٿيا، مون کي هئول هزار،
ڏونگر ڏايا ڏنگ ڏُکيءَ کي.

پٽّرپٻ جا پيرن مان ويا، اُڪري آرو پار،
ڏونگرڏايا ڏنگ ڏُکيءَ کي.

ڏِيل ڏهيون ٿي ويڙم سارو، ووڙيندي وٽڪار،
ڏونگر ڏايا ڏنگ ڏُکيءَ کي.

ساڻي ٿي ”سرويچ“ سان منهنجا، صاحب ربّ ستار،
ڏونگر ڏايا ڏنگ ڏُکيءَ کي.

❊


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## وائي

ڏايا لڳڙم ڏينهن،
سرتين ڏاران ڪوٽ ڳڙن ۾.

گوندر ڳائون دل ۾ پاتيون، گهوڙا گهاريان ڪيئن؟
سرتين ڏاران ڪوٽ ڳڙن ۾.

بادل مان برسات وسي جئين، اکڙيون برسن ائين.
سرتين ڏاران ڪوٽ ڳڙن ۾.

جيئن جيئن تاڙو روز تنواري، تن تو تڙپي تيئن.
سرتين ڏاران ڪوٽ ڳڙن ۾.

سپني ۾ ”سرويچ“ ڏٺا تم، مارن پاسي مينهن.
سرتين ڏاران ڪوٽ ڳڙن ۾.

❊

Gul Hayat Institute


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## وائي

رتڙو روئان پيئي زار،
رانجهن يار رُسي وئين ڇا ڪان.

مون نہ اجا سِڪ لاٿي تومان، ويهي ڪا وينجهار،
ڏولڻ يار رُسي وئين ڇا ڪان.

تو ۾ منهنجي من جو آسون، هُئڙيون هوت هزار،
راڻل يار رُسي وئين ڇا ڪان.

مون تي ڇاتو منهنجي ڏيندين،دل جو تون ئي هار،
دلبر يار رُسي وئين ڇا ڪان.

معاف ڪجانءَ منهنجا مِنڙا، مونڏي جا بہ ميار،
محسن يار رُسي وئين ڇا ڪان.

تنهنجي ٿي ”سرويچ“ ڪي آهي، پلپل ۾ هت روز پچار،
سوڍل يار رُسي وئين ڇا ڪان.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گيت

سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا،
جن ۾ من تو ڳائي مورا!

محبت پريا مينهن وسن ٿا،
نئين سِر نندڙا نينهن جمن ٿا،
پِرت پَلر جو پاٽي پيئو،
ڳَلّ ڪري ٿي ڳورا ڳورا،
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا!
جن ۾ من تو ڳائي مورا!



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


تَڏڙيون تَڏڙيون برسن بوُندون،
پونئر ولين تان ڪن ٿا پُون پُون،
ويل وچينءَ جو ونڊجن ويهي،
پيار پرينءَ سان ڪورا ڪورا،
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا!
جن ۾ من ٿو ڳائي مورا!

سُرها سُرها واس وٽن ۾،
جانب پهرن جام ڏٽن ۾،
منڙا تن جا ٻول ٻُڌڻ لئي،
هينئڙي ۾ ٿئي هورا ڪورا،
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا!
جن ۾ من ٿو ڳائي مورا!

پيارا پيارا پيار وڌن ٿا،
وِرهن جا واپار ٿين ٿا،
بيت برهہ جا ٻِينن تي پوءِ،
ڇَن ۾ ڳائين چوڪر ڳورا،
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا!
جن ۾ من ٿو ڳائي مورا!

*


Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944
Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944


## گيت

سُندر سُندر صاف سونهارو،
جڳ سڄي جي اک جو تارو،
نانءُ ٻَلي سان، ناميارو سو،
آهي ديسان ديس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

وٽندڙ وٽندڙ ڏاڍو والله،
وڌندو رهندو انشاءَ الله،
مرڪو مورک ميري من سان،
ماپيو پيو ماپيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



جنهن ۾ قُرب ڪچهريون پياريون
جنهن ۾ ميلا موج ملهاريون،
جنهن جي ماٽهوءَ ماٽهوءَ ۾ آ،
الفت جي آبيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

هيرون ۽ هُبڪارون جنهن ۾،
ٽڪلن لئي ٽڏڪارون جنهن ۾،
وڻ وڻ واس ڪتوريءَ جي سان،
ور ور ڏيو واسيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

مارو موج ملهائن جنهن ۾
گل ڦل جام لڳائن جنهن ۾
هِيرن موتين سان هر نينگر،
چانيو پئي چانئيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

سانوڻ توڙي سياري سائين،
آڏين آڏين راتين تائين،
هرڪا گوري ڳاٽ اُچي سان،
ڳِيئن ۾ ڳائيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

آليون اڪيون اٽيا وار : سرويچ سجاولي

جنهن جون ريتون رسمون پنهنجون،
جنهن جا راز ۽ رمزون پنهنجون،
جنهن جي جهانگين وانگين جو آ،
وهوا جهڙو ويس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

ڳجّ ۽ ڪنجرا، چُنڙيون چولا،
سچ پچ لاهن اندر اولا،
چنڊن وانگر چمڪن جنهنجا،
اَجرڪ لُنگي ڪيس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

هرهڪ ڳُجري چاڙهيو گوڏي،
لاڏ منجهان پئي تنهن کي لوڏي،
هرهڪ سوڊو ساهه برابر،
سارو ڏينهن سانديس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

ڪافين، واين، بيتن سان ڏس،
نظمن، غزلن، گيتن سان ڏس،
ساور ڏينهن "سرويچ" هتي پيو،
سهڻو سينگاريس!
الا! شل جيئي پنهنجو ديس!

❋



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گيت

آڪڙيون ائين نہ نايو نار!
آڪڙيون جهليو لُڙڪن لار!

پلپل چو ٿيون هاريو پاڻي،
ايندا دلبر اڄ يا صبحاڻي،
لهندا هڪدم هؤل هينئين تان، دوست پسي دلدار!
اکڙيون ائين نہ نايو نار!

دم دم ۾ پيا درشن ٿيندا،
وِرهہ وڇوڙا وڃي ويندا،
ڪامل ايندا ڪوڏ منجهان ۽ ٿيندا قرب قرار!
اکڙيون ائين نہ نايو نار!

مُحب مِلندا موتيءَ داڻا،
پيار ونڊيندا پيارل پاڻا،
گوندر گهُٽجي گهُٽجي مرندا، گهر ٿڙ بنبا سپ گُلزار!
اکڙيون ائين نہ نايو نار!

ترسو ترسو تڙپڻ ڇڏيو
بادل وانگر برسڻ ڇڏيو
جهومو جهومو جوت پسايو، جاڻ ڪَ آيا آيا يار!
اکڙيون ائين نہ نايو يار!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گيت

نيٺ ٿيو نروار پيارا،
پڪڙيو هر ڪنهن پار پيارا،
گهر گهر ۾ ڏس ڳائي ويٺو ٻيڙو توڙي ٻار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

ازلئون آهي آخر تائين،
رهندو روشن منهنجا سائين،
وڌندو رهندو جيسين آهي، جُڙيل هي جنسار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

ڪارين ڪارين راتين ۾ سو
بوندن ۽ برساتين ۾ سو
ڪِنوٽين وانگر چلڪي چمڪي، چوڏس ۽ چوڌار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

پَڪلن گولن ڪان پيي منٺو
منٺن ٻولن ڪان پيي منٺو
لعل لبن جي شربت ڪان پيي، آهي لّذت دار پيارا!
تهنجو منهنجو پيار پيارا!

ٻانهيارين جي ٻولين ۾ سو
وو۔وو ولڙن لولين ۾ سو
گونجي سيندن، بوڙيندن ۾، تنبوري جي تار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



مخفي مخفي ميلاپن ۾
آهن سُڏڪن آلاپن ۾
وڇڙيل جي ورلاپن وانگر، دردن جي آ، ڏار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

هنج ۾ لڏندڙ جهوتن کان سو
گنجري جي گل پوتن کان سو
ٿڏڙو ٿڏڙو سُرهو سُرهو پنڙي بُو بهار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

مينديءَ رتڙا پير ۽ هٿڙا،
ناز نوان ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا،
مُرڪون مينڊون منهن تي مِنڙيون، چپڙن جي چشڪار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

شاهه جي بيتن، واين ۾ ڏس،
سّچل جي تون ڪافين ۾ ڏس،
ساميءَ جي ته سلوڪن ۾ پڻ، جڳمڳ جلويدار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!

سورهيه ۽ سرويچن وانگي،
ڪين ڏسي تو تار ۽ تانگهي،
لهرين ويرن وڪڙن مان سو ڏوڪي پئي ڏو پار پيارا!
تنهنجو منهنجو پيار پيارا!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



## گيت

جهانگيئڙن جي جُو تي اچ پُڻ، جهڙ ڦڙ – جهڙ ڦڙ ميگهه ملهار،
سرها ڏاڍا ٿيا سنگهار
ويس وسڻ جا پاتا يار!

ڪالهوانڪر ڪڙ ڪاٽ وڄن جا، ڪڪرن ڪيئي آهي ڪار،
هوڏانهن سرتين ڪيا سينگار،
ويس وسڻ جا پاتا يار!

چپ چپ چاچر چيل چنن ۾، چولين لائي آ چچڪار
ٽڙ ترايون تارو تار
ويس وسڻ جا پاتا يار!

اِندلٺ اُڀ ۾ اهڙي، جهڙي تازي پرٽيل هوئي ڪنوار،
جنهن کي ڳهه ڳنا ۽ هار،
ويس وسڻ جا پاتا يار!

ڪاهڙ پاسي ڪيٽن ۾ اڄ، چڙين چنگن جي چونگار،
ڪرڪين جي ٻُڌ ڪِل ڪينڪار،
ويس وسڻ جا پاتا يار!

ڪِل ڪِل ڪير وٺيءَ پيا ڪيڏن، خوش ٿي ٻهراڙيءَ جا ٻار،
پاتئون ڳاڙها پُسين هار،
ويس وسڻ جا پاتا يار!

سائين! تون ”سرويچ“ کي ميلئين، دوست مٺا دلدار،
جن جي پل پل آهي پچار،
جيڪي سونهن سندا سردار!
ويس وسڻ جا پاتا يار!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# گيت

هن سنڌڙيءَ جي سُرهاڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هي ڇھ ڇھ ساوا چيٽ ڏسو،
هي ڪڙنڊڙ ڪلنڊڙ ڪيٽ ڏسو،
هن ساين سهڻين ٻنين ۾،
اڄ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هيءَ ٿر بر ۾ ٿڏڪار ڏسو،
هيءَ هنڌ هنڌ تي هُٻڪار ڏسو،
هن پنهنجي دلبر ڌرتيءَ تي،
اڄ مينهن جي ماندڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هي رنگ برنگي روپ ڏسو،
هي دوديرين جا ڏوپ ڏسو،
هوءَ لال ليارِي لامن تي،
آ، لوين لالاڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!
هي ڪڻ ڪڻ مان هِت ڪيچ ڏسو،
هي سنڌڙيءَ جا ”سرويچ“ ڏسو،
هي سونهن سگهارا سوڍا پنهنجا،
سات ڏٺي سرواڻ ٻلي!!
هي موج ٻريو مهراڻ ٻلي!!

❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# لوڪ گيت

نَڪ ۾ نہ ڦلڙي، اوا! چيچ نہ چلڙو،
ڙي! ٻانهن نہ سڳڙو،
ڪنن نا والڙيون،
ڙي، ادڙيون اٻالڙيون !!
اوا! ڏيئڙيون اٻالڙيون!!

هٿن نہ مُنڊي، اوا! ڳچيءَ نہ هسيون،
ڙي! ٻُتيون ۽ ٻُسيون،
ڏيھ ۾ ڏڪالڙيون،
ڙي، ادڙيون اٻالڙيون!!
اوا! ڏيئڙيون اٻالڙيون!!

سِر تي نہ پوتي، اوا! ٻُت تي نہ چولو،
ڙي! جيءَ منجھ جھولو
اکڙيون تان آلڙون،
ڙي، ادڙيون اٻالڙيون!!
اوا! ڏيئڙيون اٻالڙيون!!

پيرن نہ جُتڙي، اوا! سٿڻ تان ليڙون،
ڙي! چڳن ۾ چيڙون،
بکيون ۽ بي حالڙيون،
ڙي، ادڙيون اٻالڙيون!!
اوا! ڏيئڙيون اٻالڙيون!!



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



چپر نہ چنو او! پکو نا پيهي،
ڙي! ڏکيا ٿيا ڏيهي،
ڳٽيان چا ڳالهڙيون،
ڙي! ادڙيون اپالڙيون!!
او! ڏيئڙيون اپالڙيون!!

عيدون ۾ نہ خوشيون، آ روئڻ ۾ راڙو
ڙي! سورن جو ساڙو
ساريون ساريون سالڙيون،
ڙي! ادڙيون اپالڙيون!!
او! ڏيئڙيون اپالڙيون!!

ساٽا ساٽا سنڌ او! سُڪلون تان ڇاتيون،
ڙي! لنگهڻ ۾ راتيون،
لُڇن ٿيون لالڙيون،
ڙي! ادڙيون اپالڙيون!!
او! ڏيئڙيون اپالڙيون!!

مُنهن تي نا ماس ڇپن نا مُرڪون،
ڙي! سورن جون سُرڪون،
پيئن پيالڙيون،
ڙي! ادڙيون اپالڙيون!!
او! ڏيئڙيون اپالڙيون!!

❃



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



# لوڪ گيت

## قومي جمالو

اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماٺهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسان سِريون ڏيئي سنڌ ورتي ـ هو جمالو.
اسان گوليون کائي سنڌ ورتي ـ هو جمالو.
اسان جيل جهاڳي سنڌ ورتي ـ هو جمالو.
اسان قيد ڪاٽي سنڌ ورتي ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماٺهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

پنهنجا شهزادا شاگرد الا ـ هو جمالو.
جيڪي مانجهي آهن مرد الا ـ هو جمالو.
جن کي سنڌڙي جو آ درد الا ـ هو جمالو.
جيڪي هارين جا همدرد الا ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماٺهو سنڌ جا ـ هو جمالو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اسين شير آهيون شير الا ـ هو جمالو.
اسين واري چاڙهون وير الا ـ هو جمالو.
اسين وارث پنهنجي ويس جا ـ هو جمالو.
اسين والي پنهنجي ديس جا ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

الحمد اج آزاد آهيون ـ هو جمالو.
پنهنجي ديس ۾ آباد آهيون ـ هو جمالو.
پنهنجي شان سان اج شاد آهيون.هو جمالو.
اسين دودن جو اولاد آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين قومن جي تقدير آهيون ـ هو جمالو.
اسين صاحبِ توقير آهيون ـ هو جمالو.
اسين پونگر جي شمشير آهيون ـ هو جمالو.
اسين اونداهہ ۾ تنوير آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين مياڻي جا مٿير آهيون ـ هو جمالو.
اسين دولهہ ۽ دلير آهيون ـ هو جمالو.
اسين ملڪن جا معمار آهيون ـ هو جمالو.
اسين ساٿ جا سالار آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اسين ڪوٽ آهيون ننگ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين جُنگ آهيون جَنگ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين پاڳيا آهيون پاڳ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين مالڪ پنهنجي ماڳ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين ماجر جا تان مير آهيون ـ هو جمالو.
اسين ڪينجهر جي تصوير آهيون ـ هو جمالو.
اسين مڪليءَ جا مور آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌڙيءَ تان گهور آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين ڀٽائيءَ جا يار آهيون ـ هو جمالو.
اسين سچل جا ڙي يار آهيون ـ هو جمالو.
اسين هوشوءَ جا حُبدار آهيون ـ هو جمالو.
اسين دودي جي للڪار آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين راڻا آهيون راڄ جا ـ هو جمالو.
اسين ڪوڏيا آهيون ڪاڄ جا ـ هو جمالو.
اسين گهوٽ اڙ موٽ آهيون ـ هو جمالو.
اسين فولادي سِپ ڪوٽ آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اسين ڏاتي آهيون ڏت جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين خان آهيون کٽ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين موئن جي تان ساک آهيون ـ هو جمالو
اسين اُميدن جي باک آهيون ـ هو جمالو
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اسين ڪاڪ جا تان خان آهيون ـ هو جمالو
اسين ڪاهوءَ جا نشان آهيون ـ هو جمالو
اسين راڻا ”رنيءَ ڪوٽ“ جا ڙي ـ هو جمالو
اسين سوڍا نيرن ڪوٽ جا ڙي ـ هو جمالو
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

جيئي پنهنجي سنڌ سائي ـ هو جمالو.
جنهن ۾ ”اختر“ جهڙي ڏيءَ جائي ـ هو جمالو.
جيڪا مردن جو مَٽ آهي مائي ـ هو جمالو.
جنهن کي وانگين جي آ وات وائي ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.

اڇو سنڌ جا غدار ماريون ـ هو جمالو.
اڇو ملڪ مان مڪار ماريون ـ هو جمالو.
اڇو ديس جا اغيار ماريون ـ هو جمالو.
اڇو موذي سپ مُردار ماريون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ـ هو جمالو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944



اڇو موج ۾ مهراڻ آڻيون ـ هو جمالو.
اڇو سنڌ ۾ سرهاڻ آڻيون ـ هو جمالو.
اڇو لوبن ۾ لالاڻ آڻيون ـ هو جمالو.
اڇو مينهن جي مانداڻ آڻيون ـ هو جمالو.
اڇو سنڌ کي خوشحال ڪريون ـ هو جمالو.
اڇو مارو مالا مال ڪريون ـ هو جمالو.

جيئو جيئو پاڳيا ڙي ـ هو جمالو.
پنهنجا پاڳ پيهر جاڳيا ڙي ـ هو جمالو.
پنهنجا ساز سُر ساڳيا ڙي ـ هو جمالو.
پنهنجا ويري سيئي واڳيا ڙي ـ هو جمالو.
اڇو سنڌ کي خوشحال ڪريون ـ هو جمالو.
اڇو مارو مالا مال ڪريون ـ هو جمالو.

اسين بهادر ۽ بيباڪ آهيون ـ هو جمالو.
اسين دشمن جي لئي ڏاڪ آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌيئڙا ”سرويچ“ آهيون ـ هو جمالو.
اسين پائر آهيون پيچ آهيون ـ هو جمالو.
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ڙي ـ هو جمالو.
اسين سورهيہ ماڻهو سنڌ جا ڙي ـ هو جمالو.

هو جمالو ڙي ڍولڻ ـ هو جمالو.
جمالو جوڌن سان ـ هو جمالو.

*

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan +92 333 7516944